
رُوح رھاڻ

روح رهاڻ

[ڀاڱو ۴]

دادا جشن جينتي [۲-۸-۱۹۸۸]

۳۰ رپيا

* اي دل نماڻي!

[دادا]

اي دل نماڻي! نهارين شل دم بدم دلدار کي!
پيچ پاتم، توسان پاري، رکين شال ياد اِڪ يار کي!
خدا حافظ سنسار کي،
ڏي آسيس خدمتگار کي!

ٿيان جي ٻاجهه جي ٻانهي، ته نه منزل منهنجي اوچ:
منهنجي راهه روحاني، ٿيان شل موچ ۾ تي موچ!
ڪري جڳ سارو ڪوچ،
چمان مان خاڪ چرنن جي!

دنيا ساريءَ ۾ آهي گونج، خاڪ مٽيءَ جا پتلا سارا:
پر اڄ رات سڀاڻيءَ، ته چمڪيا صورت جا نهارا!
ڏي آسيس مون پيارا!
ته خاڪ ۾ ٿي خاڪ ٿيان!

تنهنجي آتش ۾ آ! ٻاڻي آهه: سو ٻاڻي مون ٻڌار!
تنهنجي سانت ۾ آ! ٻاڻي آهه: سا سانت مون سيکار!
تنهنجي زندگاني نماڻي آهه:
سڻين شل دل جي پڪار!

مکڙو تنهنجو مشڪي آ! جنهن گلستان!
مون تي به ٿئي شل نوري اِئين احسان!
هاڻي الله ڪر زبان،
نهار وڃي نور ۾!


---

* هي گيت پياري دادا ١٩٦٢.٨.٢ تي دادا جشن کي سندس جنم دن تي لکي ڏنو هو.

سمرپڻ

منهنجي گرديو

جي ڪمل قدمن ۾ !



دادا ٽي. ايل. واسواڻي

گرديوم شرنم گڇامي !

[دادا جشن جي جنم ڏڻ اپديش مان]


هينئر جڏهن توهان آنساه ۾ ويٺي گيت ڳايو، منهنجي اکين اڳيان ڪيترين ئي تصويرون اچي ڦريون !

اکيون آسماني، اچي تو نهاريو:
هٺي ليڙ لن ۾، ستل کي اٿاريو!

اکيون آسماني منهنجي محبوب جون توهان مان گهڻن ڪين ڏٺيون. منهنجي محبوب، پياري دادا جون اکيون هيون جوت جا تلاءَ، دَيا ۽ پريم جي روشنيءَ جا ڦوهارا. اهي اکڙيون هن وقت نه ٿيون منهنجي اڳيان ڦرن. منهنجا پيتم! تنهنجون اکين ۾ ڇا هو! تنهنجي نهارن ۾ هئا تير. مان ستل هوس. آسماني اکين مان تير ڇوڙي تو مون ستل کي اٿاريو. ڪيڏو نه رحم! ڪيڏي نه ڪرپا!

اڄ سياري منهنجا ويچار ويا پنهنجي پوڄيه پتا ۽ پوڄيه ماتا ڏي، جن جي دوادان مونکي مانک جنم مليو آهه. ڪهڙي نه سٺي وايو منڊل ۾ منهنجو بالپڻ گذري ٿو. منهنجو پوڄيه پتا اڪ ڌرماتما پرش هو. ودوان هو، پر ودوان جو ڪبس آيمان ڪين هو. شري رام ۽ شري ڪرشن جو ڀڳت هو. سين درويشن ۽ فقيرن لاءِ سندس دل اندر شرڌا هئي. سندس دل اندر هئي همدردي دکين دردن واسطي. پوڙهن پونديون هيون، نوجوانن جون ٽوليون وٺي وڃي پوڙ ۾ ستاپلن جي شيوا ڪندو هو. چوندو هو، هي سوڍ سياڳو ٿئي، جي شيوا ڪندي پڇاڙيءَ جو پران وڃي.

عمر ۾ ننڍو هوس، جڏهن منهنجو پوڄيه پتا گذاري ويو هو. پوڄيه ماتا ڪئن نه منهنجي سنڀال لهي ٿي. نام سمرن جا پيج منهنجي ڪچڙيءَ دل ۾ اوتي ٿي. چوي ٿي:- "منهنجا بالڪ! هڪ ئي آدرش پنهنجي اڳيان رکجانءِ،- پورنتا جو آدرش." نرمل وايو منڊل مان اسران تو. پر ڪهڙا نه سٺا سنسڪار آسان



جنم - ١٤-٦-١٩٤٠ ديهانت - ٢٠-٥-١٩٨٨

شري رميش تاراچند اِيسراڻي

پريوءَ جو پيارو شري رميش اِيسراڻي جنهن جي پوتر يادگيريءَ ۾ سندس پياري ڌرمپتنيءَ شريمتي گيتا هيءَ سندر سوُکڙي پائرن ۾ پيرن کي ڀيٽ ڪري ٿي.

شري رميش اِيسراڻيءَ جي جيون ۾ شرڌا جي سڳنڌ هئي. همدرد هو، حليم هو، ۽ سديو ٻين جو ڀلو چاهيندو هو.

پياري جي آتما تي الک جو اَحسان سديو چمڪي!

پوُنا
٢٠-٥-١٩٨٩

شيوا ۾.
سيتل ميگهاڻي

... ملن، اسين اونده ۾ آهيون. ڪهڙي ڪو، جو ان اونده مان
...ڪيڙي روشنيءَ ۾ آڻي. سچي گروءَ ٻنا ٻيو ڪير انهن ڪري سگهي؟

اِڪ ديد سان دادل، دلڙي تـو گهائي:
وڃي اونده اُڏامـي، نئين جوت آئي!

... منهنجي خوش قسمتي هئي. "پريم اَبهاسي گهر مهه پايا."
...لا ڪرڻ جي مونکي ضرورت ٿي ڪين. پوري وقت تي اچي
...ـماڻي اکين سان نهاريائين، سنتل کي اُٿاريائين.

تنهنجي در تـي هـاڻـي، بيٺي آنءُ آهيان:
ڇڏا سڀ ڇڏيـا مون، فدا ٿيڻ ٿـي چاهيان!

... هاڻي، منهنجا پريتم! مون کـي ڪهڙي ڪڇ ڪين! سڀ ڇڏا
...ڏي تو وٽ آئي آهيان ان اِڪ آس ۾،- فدا ٿيڻ ٿي چاهيان!
...ن هستيءَ ڏاڍو پڪڙيو آهي. منهنجا گرديو! مان ته اُن کـي
...ڪرا ٽڪرا نٿي ڪري سگهان. تنهنجي در تي آئـي آهيان:
...ن وڏي آهڙو ٿيو ڇور پيدائين، جو منهنجي سڄي هستي ناپُود
... ويندي ۽ مان وڃي اُن منزل کي رسندس، جنهن جو ذڪر
...ير ۽ درويش پنهنجي باڻيءَ ۾ ڪن ٿا.

"تنهنجي در تـي نـوري، وڪاميل مـان آهيان:
اَنجلي ليـاڻـي، نـرمـل نيڻهن نـبـاهـيـان!

... وڪاميل آهيان! شل وڪاميل نه رهان! جنهن سال وڃن پيا
...رندا، تنهن پروڙ پايان تو ته جيون جو پرم پدارٿ آهه "گر ڪرپا."
... ڪرپا لاءِ پڪاريو. گرديوم شرنم گڇامي! گـروءَ جـي شرڻ ۾
...! انڪري گروءَ جي اِڇا قبول ڪريو! سندس آگيا ۾ هلو!
...ڪ ڏينهن گرو راضي ٿي ڪرپا ڪري ٿو. اُن گر ڪرپا دواران
...ن جي سرت مٿي چڙهي ٿي. ٻيو رستو اَٿو ڪين. گر ڪرپا
...ي lift وانگر. سڌو وڃي مٿين ماڙ تي پهچون ٿا. گـر ڀڳتي
... اَندر ڌاريو. سڪ پياس اُٿاريو. جڏهن ڪرپا ٿئي ٿي، انڌهن
...ڪ جنم سڦل ٿئي ٿو!

اهي درويش دل ۾ درد کڻي ٿا گهمن. سندن دليون ڏياوان؛ ٿا ڏن ڪن، ٿا گمراهن کي سڌيءَ رستي تي آڻين.

سندن هڪ پياس هيءَ ته انسان وڌيڪ واهگروءَ ڏانهن وک وڌائي. سندن اکين ۽ اکڙين ۾ نام نشو. اهو نام نشو کڻي ٿا ڦرن ۽ لوڪن کي مالڪ مٿي ڏانهن ڇڪين.

اهڙو هڪ درويش، اهڙو هڪ خدا جو انسان، اهڙو هڪ روشن رهبر، اهڙو هڪ پهتل پرش، اهڙو هڪ ڪامل انسان جنهن تي ڪرتار جي ڪيڏي نه ڪرپا آهي، سو آهي اسانجو دلبر دادا جشن واسواڻي! پياري کي ڏاتار وٽان وڏيون ڏاتيون مليون آهن، ٻيو لوڪن ۾ ورهائي. تياڳ ۽ تپسيا جي جيون شڪتيءَ سان ٻيو لوڪن کي ڪرتار جي قدمن ۾ ڇڪي.

پياري دادا جشن جي ”روح رهاڻ“ هزارن دلين تي جادو لڳايو آهي. هن کان اڳ ”روح رهاڻ“ جا ٽي ڀاڱا پرڪاش ٿيا آهن. ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهر ڪيترن ديسن ۾ سنڌي ڀينرن ۽ ڀائرن جي دلين اندر آتمڪ اُمنگ اُٿاريا آهن. سندن سڪ پوري ڪرڻ ۾ رهي آهي ته وڌيڪ ”روح رهاڻ“ جا ڀاڱا نڪرن. سندن پياس ته پياري دادا جشن جي دل جو گنگا جل وڌيڪ وڌيڪ پي ترپت ٿين.

سڀاڳيڪ اسانجي دلين مان ڌنيواد جو اکر پيارن ڀائرن شري سيتل ميگهاڻي ۽ شري نرمل واسواڻي ۽ ڀيڻ شيلا سوڍيءَ لاءِ نڪري ٿو. سندن ڀاو ڀرئي پرشارٿ ۽ پريم ڀريءَ پورهئي جو هي چوٿون ڀاڱو ”روح رهاڻ“ پياري دادا جشن جي سڀاڳي ستر جنم ڏي پرڪاش ٿئي ٿو. خاطري آهي ته هي ڀاڱو به اڳين ڀاڱن وانگر هزارين پياسي دلين کي آتمڪ آنند ڏيندو.

شيوا ۾

گنگارام سجنداس

روشن رهبري

ڳلي ۾ ڳلي، ٻيارو ٻرو ٻڌجن ٻيارن، شهرن ۽ درويشن ۽ فقيرن کي آتمڪ خزانن سان ڀرپور ڪري پرٿويءَ تي ڀيڄي موڪليو آهي. اهي درويش الک وٽان مليل ورثو پاڻ وٽ نٿا رکن. پر سندن اندر جي اها ئي آڪانڪا رهي ٿي ته منهنجي مالڪ وٽان مليل آتمڪ خزانا ٻين سان ونڊيان ۽ ورهائيان، ڪين ٻياري ڀرپوءِ ڏانهن ڇڪين، جئن هو سنسار جي جنجالن کان آزاد ٿي آتمڪ آنند پراپت ڪن.

انهن درويشن جون دليون دَيالو آهن. ڏيڻ ۾ ڏاتار آهن ۽ جنهن جنهن ٻيا ڏين، تنهن تنهن پيارو ڀرو ڪين وڌيڪ ٿيو ڏي. هو اکٽ آتمڪ خزانن جا مالڪ آهن. انهن درويشن جون اکڙيون سدائين الک جي اکين ۾ اليون آهن. سندن ليکڻ نرالا، نرمل ۽ نماڻا. سندن گفتار ۾ گيان جي گنگا. سندن نهار ۾ عجيب چمتڪار. ٻوليندا ٿا اکر، پر انهن ٻن اکرن ۾ جادو لڳائي ڏيندا.

اهي خدا جا درويش اسان دنيوي انسانن کان بلڪل نرالا آهن. سندن وهٽي روشن، سندن ڪهٽي اترانتي ۽ آتمڪ امنگن سان ڀريل، سندن نهار چمڪندڙ، سندن اکرن ۾ آتمڪ آتش، سندن هڪ هڪ اکر تير وانگر ٿيو چبندو. سندن چرنن ۾ رهڻ آهي پاڻ کي نرمل ڪرڻ ۽ ساڻن صحبت رکڻ ۽ سندن وچن ٻڌڻ آهي پاڻ کي ٻڌيوان بڻائڻ ۽ آتمڪ شڪتيءَ ۾ ٻلوان ٿيڻ.

هن گهڙيءَ جو ملهه پڇاڻ !

دادا :- روح رهاڻ ستسنگ ۾ اسين هڪ ويچار کڻندا آهيون ۽ انجو وري وري وينا دور ڪندا آهيون. هي ڏاڍو سؤلو ساڌن آهي. صبوح جو اٿو، ڪونه ڪو ويچار کڻو.- گرباڻيءَ جو ويچار، سدس باڻيءَ جو ويچار، گيتا باڻيءَ جو ويچار، نوري باڻيءَ جو ويچار. ڪونه ڪو ننڍڙو ويچار کڻو. پوءِ ڏينهن جي ڪم ڪار جي وچ ۾ وري وري ٿورا مدت لڳائي پاڻکي ان ويچار جي يادگيري ڏياريو. ٿي سگهي ته هٿ منهن ڌوئي، سانت ۾ ويهي، ان ويچار جي اونهائيءَ ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪريو. سنتن جا ويچار، سنتن جا وچن ساگر سمان آهن. ان ساگر ۾ توهين ٽٻيون ڏيئي سگهندا. هڪ هڪ ٽٻيءَ سان ڪي نه ڪي موتي کڻي ايندا. توهين اهو آزمودو ورتي ڏسو. صبوح جو اٿو: شري سکمني صاحب مان ڪونه ڪو وچن کڻو. جهڙوڪ :-

” دين درد دکه ڀڃنا، گهٽ گهٽ ناٿ اناٿ :
شرڻ تماري آئيو، نانڪ کي پرڀ ساٿ ! “

” شرڻ تماري آئيو “ : شرڻ ڇا آهي؟ پيوُ ڇا آهي؟ اسين ٽڪڙو ٿي ٽڪڙو لهي اکر پڙهي وڃون ٿا. پر انهن اکرن جو اثر اسانتي نٿو ٿئي. ٽڪي لهي اکر اسانجي دلين کي وڃي ڇهن ٿا نه اسانجي دلين ۾ ڪا تبديلي آڻين ٿا. مان جيڪر چاهيان، توهين هڪ وچن کڻو، هڪ ٽڪ کڻو، اڌ ٽڪ کڻو، هڪ اکر کڻو. پوءِ ان اکر جي اونهائيءَ ۾ وڃي انجي معنيٰ کي

وشيه سوچي

چيومانس :- ”تو ھيترو وقت رنو آھي، پوءِ توکي ٻڌاءِ لکن مان گھٽا لک واپس مليا آھن؟“ چيائين :- ”واپس ڪيا جا ملندا؟“ چيومانس :- ”جي واپس نہ مليا آھن تہ پوءِ روئين ڇو ٿو؟ پوءِ تہ ھاڻ اھو ڪي ڪر، جيئن توکي لک ملن، جنھن ڪري تون روئين ٿو، اھي لک ھٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. روئڻ مان توکي ڇا ملندو؟“

”ايتري ڪـو ڇتوو نھين!“

اَسين ڪيتريون ڳالھيون، جھوُنيون جھوُنيون ڳالھيون ياد ڪري چئون ٿا :- ”اَڙي! مان جيڪر ھيئن ڪريان ھا، مان جيڪر ھوئن ڪريان ھا.“ ھڪ ڀيرو مونکي ڳڏي. اوچتو ئي اوچتو سندس پٽي گذاري ويو ھو. Tennis راند وڃي کيائين: Tennis راند ڪندي اُتيئي ڪري پيو، گذاري ويو. چيائين:- ”ڇھ مھنا ٿيا آھن، منھنجو پٽي گذاري ويو، پر اُجا تائين مونکي سڄو وقت اِھو ويچار :- ’مان جيڪر ھيئن ڪريان ھا، مان جيڪر ھوئن ڪريان ھا تہ منھنجو پٽي اڄ ھوي ھا.‘ ۽ وڌيڪ کھڙي ڳالھ، جا مونکي کائي ٿي؟ مون ئي ھاڻ کيس چيو :- ’تون وڃي Tennis راند ڪر.‘ جي مان کيس ائين نہ چوان ھا تہ Tennis راند نہ وڃي ڪري ھا ۽ جيڪر گذاري ڪونہ وڃي ھا. ڇھ مھنا ٿيا اُٿم، ننڊ ئي ڪونہ ٿي اچي.“ ”منھنجي ڀيڻ! گھوت کي ائين گذاري وڃڻو ھو: گذاري ويو. چوڪ ٿي آھي، اُن چوڪ مان تون سکہ.“

”ايتري ڪو ڇتوو نھين، آگي ڪرو نہ شوڪ!“

اَسانجو ڪيترو وقت اڳين ڳالھين جي سوچڻ ۾ وڃي ٿو، جنھنکي چوندا آھن ”Crying over spilt milk“. ٻالڪ کير وٺي پئي آيو: جھوبو اچي ويس: کير ھارجي پيو، ويھي روئڻ لڳو. اَڙي! روئڻ مان ٿور پئي کير توکي واپس ملندو. ھيئنر مونکي

سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. جيئن اوُنهائيءَ ۾ ويندا، توهانکي عجيب آنند جو آزمودو ملندو. توهين چوندا :- ”تڏهن ايڏو آنند ملي سگهي ٿو! اسين ته روز شري سکمني صاحب جو پاٺ ڪندا آهيون، پر اسانکي ته آنند ملندو ئي ڪين آهي. اَڄ اسان هڪ تڪ جو ويچار ڪيو آهي، اسانکي ڪيڏو نه آنند مليو آهي!“ صبوح جو اُٿڻ سان ڪو نه ڪو وچن ڪڍو. پوءِ توهانجي اَهڙي حالت ٿيندي، مان توهانکي پنهنجي آزمودي مان ٻڌايان ٿو. صبوح جو منهنجي جاڳ ٿئي، اکيون کوليان، تنهن کان اڳ اَندر ۾ آواز ٻڌندو آهيان ته اَڄ واسطي مون لاءِ ڪهڙو ويچار آهي. مونکي وچن ملندو آهي. توهانجي ٻه اِها اوستا ٿي سگهي ٿي. پر شروعات ۾ توهانکي پهرين ڪنهن نه ڪنهن شاستر مان، ڪنهن نه ڪنهن سنتپرک جي باڻيءَ مان يا ڪنهن فقير جي باڻيءَ مان ڪو نه ڪو وچن ڪڍڻو پوندو.

اَڄ صبوح جو جڏهن مان اُٿيس، اُٿڻ کان اڳ، مون اِڪ آواز ٻڌو. اُن آواز مونکي ڇا چيو؟ اُن آواز چيو :-

”بيتي کو چنتو نهين، آگي ڪرو نه شوڪ؛
ورتمان سي ورت لو، تا گميٿي نه دوکه!“

هي اکر ٿورا ڏکيا آهن. يڪدم شايد توهانکي سمجهه ۾ نه اَچن، پر معنيٰ ڏاڍي سولي آهي.

”بيتي کو چنتو نهين!“ ”بيتي“ معنيٰ جيڪي ٿي ويو آهي (The Past). جيڪي گذري ويو آهي، اُنتي تون ويٺو چنتا ڪرين، اُنتي تون ويٺو ويچار ڪرين، اُن ۾ تون ويٺو پنهنجي شڪتي وڃائين: توکي ملندو ڇا؟ هڪ ماڻهو مون وٽ آيو: چيائين:- ”هڪ ڪم ڪيم، جنهنجي ڪري مونکي پنجاه لک رپيا نقصان پيو. تڏهن کانوٺي ويٺو رئان!“ مونکي روئي ڏيکاريائين. اِئين نه ته رڳو چيائين. اِهي اکر چئي ڳوڙها ڳاڙي ڏيکاريائين. مون

کي ٻڌائين ته ”اوزار گم ٿي ويو آهي. ڏهاڙا ٻار ته مان اوزار ڳوليان.“ ڏينهن ڏٺي جو، سج ٻيو چمڪي. لوئي حڪم جي بدڙي، يڪدم ويٺي. ڪيس مجال نه ٿي جو ڪبير کي چوي ته ”سج ٻيو چمڪي: هيڏي مهل ڏيئي جي ڪهڙي ضرورت؟“ اوزار ته توهانجي مٿي تي رکيو آهي.“ پر نه، يڪدم وڃي ڏهاڙا ٻار ٻائين. سنت کان پڇائين :- ”سائين! گهڻا ڏهاڙا ٻاريان؟“ سنت چيس :- ”ٻارهن ڏهاڙا.“ ٻارهن ڏهاڙا ويچاريءَ وٽ ڪونه هئا. وٽس هئا فقط ڏهه ڏهاڙا. ٻيا ٻه ڏهاڙا وڃي وٺي آئي. ٻيل وڃي اُهي ٻارهن ڏهاڙا ٻاري ڪڍي آئي. روشني ٿي، پر اوزار هٿ نه لڳي. اوزار ته رکيو هو سنت جي مٿي تي. لوئيءَ کي ڪا خبر هئي. ڪيتري وقت کانپوءِ ڪبير چيو:- ”اڙي! اوزار ته مٿي تي رکيو آهي.“ لوئيءَ چيو:- ”ها، سائين! توهانجي مٿي تي رکيو آهي. شروع کان ئي رکيو هو.“ وڏن سان ڪڏهن بحث نه ڪجي. وڏن کي سڀ خبر آهي، سڀ ڄاڻ آهي. پر اَڄڪلهه جي زماني ۾ اَسين وڏن کي چوندا آهيون:- ”توهانکي ڪهڙي خبر نه، توهين ڪهڙي زماني ۾ رهو ٿا. هاڻي زمانو بدلجي ويو آهه.“

دادا:- ڪهڙيءَ ڳالهه تان توهانکي هيءَ ڳالهه ٻڌايم: ياد اٿوَ؟

سنگت :- سنڀرڪ چيو ته ”ماڻهو سڄو وقت هار پائي ٻيو گهمي.“

دادا :- سنڀرڪ لوڪن کي چيو:- ”هن ماڻهوءَ هار پاتو آهي اهو، جو مان ڏسي سگهان ٿو: توهين نٿا ڏسي سگهو.“

پڇائونس :- ”ڪهڙو هار؟“

سنڀرڪ چيو:- ”پراڻين يادگيرين جو هار. اهڙيون يادگيريون (Past memories) جو هار پائي هي ٻيو گهمي. سڄو وقت اُن ويچار ۾ رهندو آهي. انڪري ضرور ملول رهندو، غمگين رهندو.“

وڃي وري ڪيرو ولي اَچ. هي ڪير ته هارجي ويو: هاڻي روئي ڇا ڪندين؟ هاڻي وري جڏهن موٽين، سنڀال سان پنڌ ڪجانءِ. هڪ هڪ چُوڪ جيڪا اَسان کان ٿئي ٿي، اها چُوڪ اَسانکي ڪو نه ڪو سبق سيکاري ٿي. اهو سبق جيڪر اَسين سکون ۽ چُوڪ وساري ڇڏيون. هيءَ حياتي هڪ اِسڪول آهي ۽ آزمودو اَسانجو اُستاد آهي. هرهڪ آزمودو اَسانکي سبق سيکارڻ اَچي ٿو، جنهن سبق سکڻ جي اَسانکي حياتيءَ ۾ ضرورت آهي.

هڪڙو ماڻهو هوندو هو. وچارو ڏاڍو دکي گذاريندو هو. هميشه جڏهن ڏسو ته سندس منهن ملول. وچاري جو چهرو هميشه دکي ۾ پيل. پڇيائون:- "هن جي هيڏي حالت ڇو ٿي آهي؟" هڪ سنپرڪ کان پڇيائون. سنپرڪ چيو:- "عجبي حالت اِها ٿي آهي، ڇو جو هي سڄو وقت هڪ هار پائي بيو گهمي." لوڪن نهاريو: پڇيائون:- "هار ته هنکي ڪو ڪين آهي." سنپرڪ کي چيائون:- "سائين! هنکي هار ته ڪو ڪين آهي: پر توهين چئو ٿا تہ ضرور هوندس." سنپرڪن سان ڪڏهن بحث ڪين ڪبو آهي. اَسين ساڻن بحث ڪندا آهيون. سنپرڪن سان يا وڏن سان ڪڏهن به بحث نه ڪجي. اِهو هميشه جو قانون آهي. هيئنر جنهن زماني ۾ اَسين رهون ٿا، تنهن ۾ ٻهراڻ ٻهرين ته گهر جي وڏي ٻعدي پنهنجي ڏاڏيءَ سان اَسين بحث ڪريون ٿا. ڪيس چئون ٿا:- "ڏاڏي! توهانکي پوري ڄاڻ ڪانهي. اَڄڪلهه جو زمانو ٻيءَ طرح آهي ۽ نه نه جئن توهين سمجهو ٿا." اهڙي وڏن لاءِ عزت هوندي هئي. ڪڏهن نه وڏن کي ائين چوندا هئا.

هڪ نديڙي ڳالهه سنت ڪبير ۽ سندس ڌرمپتني لوئيءَ بابت لکيل آهي. سنت ڪبير ڪوريءَ جو ڪم ڪندو هو. ان ڪم ۾ تاڻو ۽ ڪي اوزار هوندا آهن. ڪبير هڪ نديڙو اوزار کڻي پنهنجي مٿي تي رکيو. نديڙو اوزار هو. مٿي تي رکيو هوس. لوئيءَ ڏٺو تہ مٿي تي رکيو اٿس. لوئيءَ

نهاريون. انڪري سڀڏس آسپس اسان کي پڇي نٿي. پرڀو مدد ڪري ٿو، مدد ڪرڻ چاهي ٿو. پر اسان کي اها پڇي نٿي، ڇو ته اسان پنهنجي ۽ پرڀوءَ جي وچ ديوار ڪري ڇڏي ڪئي آهي، اها ديوار آهي دانهن جي.

" بيتي ڪو چنتو نهين، آگي ڪرو نه شوڪ:
ورتمان پر ورت لو، تا گڻيئي نردوڪ! "

منهنجا پيارا! ماضي هٿن مان کسڪي ويو. مستقبل (آئينده) اڃا آيو ڪين آهي. اسان جي سامهون فقط هن وقت جي هيءَ گهڙي آهي. هن هڪ دم جي مونکي پڪ آهي، ٻئي دم جي مونکي پڪ ڪونهي. جو دم مون کنيو آهي، اهو ٻاهر نڪرندو، اها پڪ اٿم. پر ٻيو دم مان کڻي سگهندس يا نه، انجي مونکي خبر ڪونهي. نيٺ آخرين دم ايندو، اهو نڪرندو ته ٻيو کڻي ڪونه سگهندس. هاڻ اهو دم جو منهنجي هٿ ۾ آهي، ان دم کي مان ڪئن سڦل ڪريان ۽ گهڙيءَ طرح بهتر ۾ بهتر نموني ڪتب آڻيان؟

" بيتي ڪو چنتو نهين، آگي ڪرو نه شوڪ،
ورتمان پر ورت لو، تا گڻيئي نردوڪ! "

اهو انسان نردوڪ آهي، جو Present ۾ رهي ٿو. هينئر جي گهڙيءَ جو فقط خيال ڪري ٿو. "آگي ڪرو نه شوڪ!" انجي معنيٰ اها ڪانهي ته اسين ڪجهه به plan نه ڪريون يعني ڪا رٿا نه رٿيون جي اڳين نه ڪنداسين ته مان اڄ هت هجان ئي ڪين ها. الائي ڪيترا ڏينهن اڳي توهان پروگرامن جا پترا ڇپائي ورهايا. جي آئينده (future) جو خيال نه ڪريو ها ته اسين ڪٿي ڪٺا ٿيون ها. جيڏي مهل مان اڄي هت وهان ها ته توهان مان ڪير هجي ٿي ڪوله ها ۽ مان ڪنهن لاءِ هت وهان ها. ڪٿي توهين نه هجو ها ته نه ڳالهايان ها، ڇو نه T.V. مشين رکي آهي. پر جي اها به نه هجي ها ته مان ڇا جي لاءِ ڳالهايان ها؟ هي سڀ مانڊاڻو منجهيل ويو، ڇو ته

ويچاري جي حالت ڏسو. سوچيو تہ ٻُورو ڪيترو نہ، ٻيرن ۾ ٻُورو چمبيل نہ. ٻنهي سون ۾ اَجلڪ ڇا ملندو؟ اُن مان مسواڙ بہ ڏي.

” آڳي ڪرو نہ شوڪ!“

منهنجا پيارا! آئينده جي سنڀال سائين پاڻ ڪندو. جڏهن سائينءَ هيل تائين منهنجي سنڀال لڌي آهي، سو آئينده جي بہ سنڀال لهندو. پريو بدلجي نٿو! ساڳيو آهہ! جيڪو پريو پرهلاد جي ڏينهن ۾ هو، سندس رکيا ڪيائين: جيڪو پريو ڪبير جي ڏينهن ۾ هو، سندس رکيا ڪيائين: ساڳيو پريو اَڄ بہ آهہ. پريو ڦري ڪونہ ٿو، پر اَسين پيا ڦرون. جي پريو ڦري وڃي تہ، اُهو پريو ڪونہ آهہ. چوَوس:- ” تون پريو ڪونہ آهين: اَسانجو پريو ٻيو آهہ.“

” بيتي ڪو چِنتو نهين!“

جيڪي گذري ويو، تنهنکي وساري ڇڏيو. جيڪي سکڻو هجيوَ، سو سکو. ماکيءَ جي مک وانگر ٿيو. گل مان وڃي ماکي کڻي اچو. گل جو ويچار نہ ڪريو. ويچار ڪندا تہ، مصيبت ۾ پوندي. اَلائي ڪيترن هزارن گلن مان ماکي چوُسي ٿي، تڏهن مس هڪ چمچو ماکيءَ جو ٺهي ٿو. جي نہ ايترا هزار يا ڪروڙ گلن کي ويهي ياد ڪري تہ ويچاريءَ جي ڪهڙي حالت ٿئي. ماکي چوُسي کڻي اچو. چوُڪ جيڪا ٿِي، تنهن مان جيڪو سبق سکڻو آهہ، سو سکي پاڻوٽ رکہ، ڇڏيو، باقي ٻيو سڀ وساري ڇڏيو.

” بيتي ڪو چِنتو نهين، آڳي ڪرو نہ شوڪ!“

گذرئي کي ياد نہ ڪريو! نڪي آئينده جو شوڪ ڪريو! ڇو تہ آئينده جي سائين پاڻهي سنڀال ڪندو. اَسانکي فقط جڳائي تہ اَسين پنهنجو منهن پريوءَ ڏي موڙيون يعني پريوءَ جي ياد ۾ رهون. پر اَسانجي تڪليف هيءَ آهي تہ اَسين پريوءَ ڏي نٿا

Plans پل ناهيو، ٻر جي اهي work نٿيون ڪن ته شوڪ نه ڪريو.
ٻڙ چيو:- ”ٻڙيؤ! اِنهه ۾ ڪو تعجب جو راز آهي.“
”ورتمان سي ورت لو، لا گنبيڻي نردوڪ!“

منهنجا پيارا! هيءَ جيڪا گھڙي هينئر توهانجي هٿن ۾ آهه، اها سجائي ڪريو. سنت پنهنجي باڻيءَ ۾ چيو ناه:- ”ٻهي گھڙي، ٻهي ويلا!“ هيءَ هڪ گھڙي اٿو، هيءَ هڪ ويلو اٿو، جيڪي ڪرڻو اٿو، سو ڪريو. توهين جيڪر ڇا ڪريو؟ سمجهو توهانکي هڪ ئي گھڙي هجي، توهين جيڪر ڇا ڪريو؟ انوقت ويهي ڇيڪ بوڪ صحيح ڪريو يا ويهي سنا سنا ڪاڏا ڪائو؟ ڇا جيڪر ڪريو؟

سنگت:- ٻڙيؤءَ کي ياد ڪريون.

دادا:- چيون:- ”ٻڙيو! تون ڪهين! ٻڙيوءَ جي يادگيريءَ ۾ رهون! انڪري هڪ هڪ گھڙيءَ ۾ اُن اِڪ کي ياد ڪريون. پنهنجو ڪم ڪار جيڪي ڪريون، سو ڪيس ارپڻ ڪريون. دل جي اندر ڪيس ڪاريندا رهون چئونس:- ”هيل تائين تو ٻڌ رکي، آهه آئينده به نڀگه توڙي آهه!“ ڪانه ڪا گفتگو پياري ٻڙيؤءَ سان ڪندا رهو. توهانجو اهڙو ابياس ٿي ويندو، جو ڪم ڪار ڪندي به اها گفتگو پيئي توهانجي اندر هلندي. ٻڙيوءَ جي يادگيري به اها طرز هن جيون ۾ آسانکي سکڻي آهه. ڪم ڪار ڪندا رهو، پر اندر ۾ اُن اِڪ جي يادگيري رکندا ڪريو. اسان مان ڪيترن کي آفيس ۾ دماغ جو، لکپڙه جو ڪم ڪرڻو پوي ٿو: پوءِ اسين پيو ڪم نٿا ڪري سگهون. اسان کي ڪهي ته ان حالت ۾ ٿوري ٿوري وقت کانپوءِ پياري ٻڙيؤءَ ڏي نهاريون. چيون:- ”وينو آهين نه؟ ڇڏي ته ڪونه ويو آهين؟ مان توکي ڪم ۾ وساري ڇڏيان ٿو. اهڙو ڪم مونکي ڇو ڏنو اٿيئي. ٻڙيو! تو اهڙي حالت ۾ رکيو آهه. هاڻ جوابداري تنهنجي اٿيئي. مان توکي وساريان: تون نه وسارجانءِ! نگهبان

اڳواٽ ئي توهان ويچار ڪيو. توهان پروگرام جا پترا ڇپائي ورهايا، توهان هال جي booking ڪرائي، ته به هي هال بند پيو هجي ها. Plan ڪرڻ اسانجو ڪم آهي، پر جي اسانجي plan عملي روپ نٿي وٺي، ته اسانکي ڪو شوڪ نه ڪرڻو آهي.

"آڳي ڪرو نه شوڪ!"

سمجهو مون سڀڪجهه plan ڪيو، مان هت ايندس. پروگرام جا پترا ڇپائي ورهايا ويا. سڀڪجهه ٺيو. پر هيئنر اچڻ وقت اچي اهڙو ڪو طوفان لڳو، جو ماڻهو گهر کان ٻاهر نڪري نه سگهي. شوڪ نه ڪريو. پريو! اِنم به ڀلو هوندو!

"جا تد ڀاوي، سائي ڀلي ڪار!" ٻڌهن ته تو ائين ڪرڻ ڏنو. پريو اسانجي ماتا آهي. پتا آهي، پتا ماتا ٿوريئي اهڙي ڳالهه ڪرڻ ڏيندا، جنهن ۾ اسانکي نقصان ٿئي. نه! اسانجي ڀلي واسطي ئي ڪندا. سمجهو ته ڪو ننڍڙو ٻار پنهنجي ماتا کي چوي ٿو:- "امي! مونکي ماچيس ڏي. مان توکان ننڍڙي شيءِ ٿو گهران، ڪا وڏي شيءِ ڪونه ٿو گهران." ماتا چوندي:- "ماچيس مان توکي ڪونه ڏيندس. تون ڀل ٻيون وڏيون شيون گهر، اهي مان توکي ڏيندس. پر ماچيس مان توکي ڪين ڏيندس. متان تون پاڻکي ٻاه ڏئي ڇڏين." پتا ماتا هميشه اسانجو ڀلو چاهيندا. اِنڪري جيڪڏهن مان ڪيڏيون به plans ٺاهيان، تنهن هوندي به جي اهي عملي رُوپ نٿيون وٺن ته شوڪ نه ڪريون. چئون:- "پريو! اِنم به اسانجو ڀلو هوندو." پيارو دادا (سادُو واسواڻي) وري وري اسانکي چوندو هو:-

God upsets our plans to set up His own. He sets up His plans. And His plans are perfect. Our plans are imperfect.

اسانکي خبر ئي ڪونهي ته هڪ ڪن ڪانپوءِ ڇا ٿيڻو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن حجت ٿيندي آهي. پر پوءِ ڪي حجت ڏاڍي وڌندي آهي. پر ايمان ۾ نه، نفرت ۾. ڏسو راڌا ايمان ڪيو. هڪ پيرو ايمان ڪيائين، شيام ڇڏي ويس. نه ته، ڪرشن چيو هوس ته مان تنهنجو ٻڌو ٻانهو آهيان. پوءِ م پوءِ ٻڌو ٻانهو ٿـ ٿئي ٿو.

هڪ پيرڻ:- دادا، ساڪار ۽ نراڪار ۾ تفاوت ڪهڙو آهي؟

دادا:- آهي ته هڪ، پر ٻه پاسا اٿس. هڪ پاسو اٿس ساڪار، ٻيو پاسو اٿس نراڪار. آهي هڪ: ٻه ته آهن ئي ڪونه. ٻه رڳو ڏسڻ ۾ ٿيا آهن، نه ته آهي هڪ ئي هڪ.

” بيٺي کو چتوو نهين، آگي ڪرو نه شوڪ:
ورتمان سي ورت لو، تا گنيئي نردوڪ!“

هاڻي هن گهڙيءَ جو اسانکي فائدو وٺڻو آهي؟ ڪهڙيءَ طرح فائدو وٺڻو آهي؟ ڪير آهي، جو فائدو وٺي ٿو؟ ڪيترا ماڻهو چوندا، جي اسانکي فائدو وٺڻو آهي هن وقت جو ته اسين وڏن بنگلن ۾ رهون، عيش عشرت، پوڄ جي زندگي رهون. پل رهي ڏسو. توهين ڏسندا ته توهانکي هت ڪجهه به ڪونه لڀندو. اهي سڀ پاڇا ٿي ويندا.

اڪري جيڪو انسان ورتمان سان ورتڻ چاهي ٿو يعني هي دم جو ڪيس آهي، جنهنجي ڪا ڪيس آهي، انجو فائدو وٺڻ چاهي ٿو ته پهرين پهرين هيءَ ڳالهه ڪري ٿو، پوڄ جي وبچار کان پري رهي ٿو. چوي ٿو:- ”پوڄ موکي ڪپي ڪين: پوڄ ۾ دوڄ آهي.“ هي سڀو سمسار، خاص ڪري امبئي، پوڄ سان پوري پيئي آهي. هڪ بالڪيءَ موکي اڄ چيو:- ”مان وڃان ٿي فرنيچر ڏسڻ.“ فرنيچر به اڪ قسم جو پوڄ آهي. پوڄڻو آهي نه. پوڄ مليو ته اسانکي ٿي پوڄڻو آهي.

هڪڙي مائي هوندي هئي، موکي يادگيري آهي. ڪيس فقط هڪ فراسيءَ جو اڪر هوندو هو ۽ هڪ مٽڪي. ڏاڍي

ٿي وڃو نهارجانءِ!" ٻاري ٻڍوءَ سان پنهنجائيءَ سان ڳالهايو. پنهنجو آهه! پنهنجن کان پنهنجو آهه! ٻين کي خبر آهه، پنهنجن گهوٽن سان ڪيئن ڳالهائيندو آهن. اُن کان وڌيڪ پيارو ٻڍڙو پنهنجو آهه.

هڪ پيڙهي:- اهي گهوٽ ته ساڪار آهن نه؟

دادا:- ٻڍو به ساڪار ٿيندو. هڪڙي ڇوڪري هئي، ونئي پاڻ سان ڳالهايائين. چيومانس:- "ڇا ونئي ڪرين؟" چيائين:- "پنهنجي گهوٽ سان ونئي ڳالهايان." چيومانس:- "توکي گهوٽ ته آهي ئي ڪونه. تون گهوٽ سان ڪيئن ونئي ڳالهائين؟" اُچا ۲۰ ورهين جي هئي: شادي ڪونه ٿي هئس. چيائين:- "مون ته پنهنجو گهوٽ چونڊي ڇڏيو آهي، مان اُن سان ونئي ڳالهايان." چيومانس:- "اهو ڪير آهي؟" چيائين:- "M. A. پڙهيل آهه. Voltas ڪمپنيءَ ۾ Superintendant آهـــي. ڪيس خبر ڪونه آهه." هن پيڙهي نراڪار کي ساڪـــار ٿـــي ڪيو. ۽ سچ پچ ڳالهه اهڙي آهي، جو توهين اعتبار ڪونه ڪندا. هن ڇوڪريءَ کي مائٽن آڻي اُنجي، جو Voltas ڪمپنيءَ ۾ Superintendant ٿي ڪم ڪندو هو، جنهن M.A. امتحان پاس ڪيو هو. ۽ مونکي ڪجهه وڌيڪ پڻ ٻڌايائين. چيائين ته "هنجي نرڙ تي يا ڪٿي ڪارو داغ آهه."

هڪ پيڙهي:- دادا، سپنو آيو هوس ڇا؟

دادا:- نه، نه. ساڪار ۾ آيس. هاڻ جي هـــيءَ ڇوڪري سنساري طرح گهوٽ کي ساڪار ڪري ٿي نراڪار مان ته اسين ڇو نه ٻڍوءَ کي ساڪار ڪريون.

پيڙهي:- دادا، اسين ڪئن ساڪار ڪريون؟

دادا:- هيٺئر ٿي ڪرينس. پنهنجو آهي. پنهنجائيءَ سان ڳالهايوس. پيار سان ڳالهايوس. حجت سان ڳالهايوس. پيار ۾

جو نالو هو ”ڪرشنا ڪدم.“ روز صبوح ۽ شام اُت سَتسنگ ٿيندو هو. ڇنڇر ڏينهن گيتا ڪلاس ٿيندو هو. هڪ ڏينهن اِن ”ڪرشنا ڪدم“ جي ڪنڌ تي پياري دادا وڃي پنڌ ڪيو. پياري دادا مٿان ڪڏ تان هيٺ نهاريو. ماڻهو پئي آيا ويا- ڪي سائيڪلن تي، ڪي موٽرن ۾، ڪي ٻيءَ طرح پيدل. نهاري پياري دادا چيو:- ”ڏسين ٿو؟ قيدي! قيدي!“ ”ڪرشنا ڪدم“ اُهڙي هنڌ ٺهيل هو. جتان سمجهان ٿو، اَڌ ميل پري جيل هو. مان گهڙي ئي پيو نهاريان، قيدي ته هتي ڪونه. گهڻن ئي ماڻهن کي سوٽ بوٽ پيل هئا. ڪي موٽرن ۾ پئي ويا، ڪي سائيڪلن تي. اُن وقت پياري دادا اِهي اکر چيا، جي منهنجي دل تي اُڪريل آهن، جو جو مان پاڻ اُنهن مان هڪ آهيان. چيائين:-

“Prisoners, prisoners of desires are the people. Alas! they know not of their bondage!”

پياري دادا چيو:- ”هي سڀ لوڪ جيڪي اَٿئي، سي پنهنجي ترشنائن جا قيدي اَٿئي، پر ڪين اِن قيد جي پروڙ ڪين آهه.“

نر اِڇا- اِهو هڪ سبق جيڪو مان اَڄ پاڻ سان کڻي وڃان. نر اِڇا ٿيو! پريو! مونکي نر اِڇا ڪر. پر مونکي پاڻ واسطي، پنهنجي ڪمل قدمن واسطي ڀڳتي ڏي، پياس ڏي ته مان تنهنجا ڪمل قدم پايان. اُها اِڇا ڪين آهه. اُها آهه پياس.

There is a difference between desire and aspiration. Aspiration is lavitation, it takes you upward. Desire is that drags you down.

هڪ پڇو:- دادا، پاڻڪي ڪيئن سڃاڻون؟

دادا:- پاڻڪي اِئين سڃاڻون، جيئن هڪٻئي کي سڃاڻون

آنند ۾ رهي پيئي هوندي هئي. ٻـوءِ سندس گهوٽ شاهوڪار ٿيو يا ڇا ٿيو، سندس گهر ۾ سوفا سيٽ (Sofa set) آيا. ميزون آيون. ويچاري ڦاسي پيئي. چيائين:- "ٻوڙ آهي ٻوڙڻو. اُنهن جي صفائي ڪرڻ، اُنهن جي سنڀال لهڻ. جي نه ڪر ته رات جو منگهڻ اچي ٿا لڳن."

ٻهراڻ ٻهراڻ نشاني آن اِنسان جي توهين ۽ ڏسندا سادگيءَ ۽ ٻوڙ ڪان ٻري. اَسانکي سڀو وقت اِهو ويچار: پارٽيءَ لئي وڃون: هيٺريون dishes ناهيون: هي ڪريون: هو ڪريون. سڀو وقت اَسانجو ويچار اِن پاسي. ڏسو، صبوح جو اُٿون ته، ٻهراڻ ٻهراڻ ويچار ڪهڙو ٿا ڪريون؟ اَڄ نيرڻ لاءِ هي ڪائينداسين، هـي ناهينداسين. اَڄ منجهند جو هي ناهينداسين، هي ڪائينداسين. اَڄ رات جو هي ناهينداسين، هي ڪائينداسين. اَڄ نڪرنداسين ته هيءَ ساڙهي ٻهرينداسين. فلاڻي رنگ جي ساڙهي ٻهرينداسين. ويچار ڪريو اَسانجي ورتي ڪهڙي پاسي ٿي وڃي. ٻر جو ورتمان ۾ هلي ٿو، تنهنجي ورتي اِها ڪين آهـ. هو سمجهي ٿو تـه جيڪا ڪمائي ڪرڻي آهي، هيٺر ڪري وٺان. اِنڪري اُهو نر اِڇا رهي ٿو. ڪا اِڇا نٿو رکي.

ڇا آهي، جا اَسانکي هن دکه چڪر سان ٻڌي وٺي آهي؟ هي دکه جو چڪر، هي ڪشت جو چڪر، جنم مرڻ جو چڪر، اُن سان اَسانکي ڇا ٻڌي وٺي آهي؟ ٻئي ڪنهن ڪونه ٻـڌو آهي اِنسان پاڻکي پاڻ اِن چڪر سان ٻڌو آهي. اِڇائن جـون نوڙيون ڪٽي اَسين وٺا پاڻکي اِن سان ٻڌون. اَسانجون ترشنائون اَسانکي ٻڌن ٿيون. هي جيڪو "ورتمان سي ورت لو" اِنسان آهي، چوي ٿو:- "مان پاڻکي ٻڌندس ڪين. مان آزاد رهندس. مان اِڇا دل جي اَندر نه رکندس."

پيارو دادا ڪراچيءَ ۾ هو. جنهن جڳهه ۾ رهندو هو. اُن جڳهه

اَڪثر ڪري اَسين جڏهن اَندر هلون ٿا، پنهنجو "پاڻ" پاڻ سان کڻي وڃون ٿا. اُهو "پاڻ" اَسان کي ڏاڍو مُنجهائي ٿو. اَڪيلا ٿيون. اِنڪري وئراڳي ٿيون. وئراڳ ڀاو ۾ وڌون هن راهه ۾ ٻن ڳالهين جي ڏاڍي ضرورت آهي:- (١) هڪ ڳالهه 'وئراڳيه' ۽ (٢) ٻي ڳالهه 'اَڀياس'. وئراڳيه ۽ اَڀياس جي اَچي وڃي ته پوءِ ڏاڍو سولو آهي.

پيرڻ:- دادا، اَسان جي گروءَ کي خبر پوي ٿي؟

دادا:- ضرور پوي ٿي. ڪيترا پيرا مدد به موڪلي ٿو. ۽ اَسان کي خبر پوي ٿي ته اَسان کي مدد پهچي آهي. وئراڳيه ورتل هجي. هي سڀ جيڪي آهي، سو سڀ ٻڌس آهي، فاني آهي. ڪجهه ڪين اُو ساڻ هلي. جنهن جي پٺيان سڄو ڏينهن پيا ڊوڙون پايون، پيا سهڪون، اَسان مان ڪن ڪن حالتن ۾ ڪيترا سهڪي سهڪي هڪ ڏينهن ساهه به ڇڏيون ٿا: پر پراپتي ڪجهه ڪونه ٿي ٿئي. اِنڪري پاڻ کي سيکاريون ته هي ڪتب ڪونه ايندءِ.

گرو جي ساکيءَ ۾ اکيل آهي ته هڪ نوجوان گروءَ وٽ آيو. چيائينس:- "گرديو! مون کي گهر ۾ ڏاڍو زور ٿا ڪن ته مان شادي ڪريان، پر منهنجي دل ۾ ورتي ويچار اَچي ٿو ته مان جيڪر سنياس اَختيار ڪريان. مون کي ٻڌايو ته شادي ڪرڻ بهتر آهي يا سنياس ۾ رهڻ بهتر آهي؟" گرديو چيس:- "توکي اِن ڳالهه جو جواب ملندو. پر ٻهرين هي اَسانجو هڪ ڪم ڪر. اَسانجو هڪ پيارو ٻري پري رهي ٿو. اُن کي هڪ خط پهچائي اَچ ته توکي پاڻيهي جواب ملندو." هي اِهو سمجهي، اِهو خط کڻي ويو: وڃي اُن کي پهچايائين. جنهن مونيءَ تي ته رات اَچي پيئي. پڇا ڪيائين ته "هتي ڪو آهي، جو رات جي واسطي مون کي رهڻ ڏي ۽ رات جي ماني جيڪر مون کي کارائي؟" چيائونس:- "اَڙي! هن ڳوٺ جو مکي سدا ورت هلائيندو آهي.

ٿا. تون ڪنهڪي سڃاڻين يا نہ؟

پپو:- سڀني کي سڃاڻان.

دادا:- جيئن سڀني کي سڃاڻين ٿي، اهڙيءَ طرح تون پاڻکي سڃاڻ.

پپو:- اهو سڃاڻڻ نہ ٻيو آهي ۽ هي سڃاڻڻ ٻيو آهي.

دادا:- ڇو؟ واسطو ۾ ساڳيو ئي آهہ. ٻيو آهي، جسمانين مونہ ٻيائي آهي.

پپو:- پاڻ ۾ پيهي ڏسڻو آهي.

دادا:- پلا ٻين کي اکين ئي ٿي سڃاڻين، انهن جي اندر پيهين ڪونہ ٿي؟ اکين ڪيئن تون ٻين کي سڃاڻي سگهندين؟ تون ضرور انهن جي اندر پيهي هوندين، ضرور چوندي هوندين نہ هن جو ويچار هي آهہ. فلاڻي هيئن ڪيو آهہ، ڇو نہ سندس ويچار اهين آهي. ضرور اکين ڪندي هوندين. تڏهن جي معنيٰ نہ تون انهن جي اندر وڃين ٿي. هاڻي جي تون ٻين جي اندر وڃي سگهين ٿي تہ پنهنجي اندر ڇو نہ ٿي وڃين؟

پياري دادا کان هڪ ڏينهن اهو سوال پڇيوسين. چيوسندس:- ” دادا! اندر وڃڻ جي ترڪيب ڪهڙي؟“ پياري دادا چيو:- ”گهڻن ئي رستن تان پنڌ ڪيم، جدا جدا رستا. ڪيترائي رستا آهن، جي ٻاهرو وٽ وٺي هلن ٿا. ڪيترائي رستا آهن، جي پاڻ پڇاڻڻ جي منزل ڏي وٺي هلن ٿا. ڪيترن ئي رستن تان پنڌ ڪيم، پاڻکي ڪين پڇاڻيم.“ پوءِ پياري دادا چيو:- ” نيٺ هڪ هٿيار ڪيم:- نام جو هٿيار. نام جو هٿيار هٿ ۾ ڪٺي گهڙي پيس اندر. اندر موجون ئي موجون آهن.“ ۽ اهو هٿيار اسان مان هڪ هڪ کي آهي. ڪٺي هلون اندر. پر انلاءِ اڪيلائي ضروري آهي. اڪيلائي نہ فقط اها تہ اسانجي پرسان ٻيو ڪو نہ هجي، پر اڪيلائي اها، جنهن ۾ اسين ”پاڻ“ پاڻ سان نہ هجون.

مناڻيءَ جون ڪي پنڃون هئس، هن سنياسيءَ جي چرڻن ۾ رکيائين ۽ ڪي نوٽ به رکيائين. چيائينس:- "ڪرپا ڪري قبول ڪجو." اِئين چئي شاهوڪار هلندو هليو. سنياسيءَ کي ٻوري ٻڪ هئي. سنياسيءَ ڏنو، سامهون نوجوان بيٺو آهي. سڏيائينس، چيائينس:- "پيارا! مناڻيون آيون آهن: منهنجي لاءِ فقط ڪونهن، سڀن لاءِ آهن: اچي کائو، جنکي کپي." پاڻ کاڌائين، نوجوان کي کارايائين. وري پنهنجو سانت ۾ ويٺي رهيو. سانت ۾ جو ويٺي رهيو ته هڪڙو ماڻهو جنهنکي ڪونيندا هئا گ-وُ-ن-ڊ-و، اهو اچي اُتان لنگهيو. ڏٺائين جو ته مناڻيءَ جون پنڃون رکيون آهن ۽ نوٽ رکيا آهن، سو جهٽ پاڻي کڻي ڀڄي ويو. سنياسي ته مات ۾ ويٺو هو. نوجوان چيس:- "سائين! توهانکي شاهوڪار اچي مناڻي ڏني، نوٽ ڏنا. ٻر فلاڻو (گونڊو) آيو، اهو سڀ کڻي ويو." چيائين:- "پيارا! اِئين نه چئه. جنهن ڏنو، سو کڻي ويو. ڏيندڙ اهو آئيشي. وٺندڙ به اهو آئيشي ۽ کڻندڙ به، اهو آئيشي: پيد آهي ٻي ڪونه."

نوجوان گروءَ وٽ موٽي آيو. گروءَ کي چيائين:- "مان توهانجو پٽ ڀڄائي آيس، هاڻي مونکي جواب ڏيو ته سنياسي تيرٿ بهتر آهي يا گرهستي تيرٿ بهتر آهي؟" چيائينس:- "توکي جواب ڪونه مليو ڇا؟" چيائين:- "مونکي جواب ڪنهن ڪونه ڏنو." گروءَ چيس:- "ڪر خبر تو ڇا ڇا ڏٺو؟" ٻڌايائينس:- "سائين! وات تي مکيءَ جي گهر هيءَ حالت ٿي ۽ سنياسيءَ جي سامهون هيءَ." چيائينس:- "ڀاڀا! توکي نه جواب مليو. جي گرهستي تيرٿ چاهين ته اُن مکيءَ وانگر ٿجانءِ! جي سنياسي تيرٿ چاهين ته اُن سنياسيءَ وانگر ٿجانءِ! تنهنجي لاءِ دروازو دربار جو کليو ويندو!" نه گرهستين لاءِ دروازو کليو ٿو وڃي،

روز رات جو ۽ منجهند جو، ٻئي ويلا پنهنجي گهر سدا ورت
هلائيندو آهي. ڪو به مسافر يا ڪو به بکايل، شهر جو ٿي ماڻهو
هجي، اتي وڃي کائي سگهي ٿو. ۽ ان وقت ڪوليون نهيل آهن،
ڪو به مسافر اچي: راس جو اچي اس رهي." هي ويو. وڃي
قطار ۾ ويٺو. مکي پاڻ پنهنجي هٿن سان (مکي هو، ڳوٺ جو
وڏو هو) اچي شيوا ڪئي. جيڪي به آئي هئا، جن به ويٺي
کاڌو، انهن جي اچي شيوا ڪيائين. سادو کاڌو هو، ڦلڪو،
دال ۽ ٻيو ڪجهه. پر پنهنجي هٿن سان اچي انهن کي کارايائين.
ڏاڍي پريم سان، ڏاڍي پيار سان شيوا ڪيائين. ۽ جڏهن هي
سڀ کائي اٿيا، تڏهن چيائين ته جيڪڏهن ڪو به مسافر، جنهن
کي رات هت گذارڻي هجي ته منهنجون ڪوٺيون تيار آهن.
توهين پل وڃي انهن ڪوٺين ۾ آرام ڪيو. هي نوجوان جڏهن
آئي ٿو، تڏهن کيس خبر پوي ٿي ته هن مکيءَ جنهن وقت اسان
کي ويٺي کارايو، انوقت هڪ ماڻهو ونس آيو ۽ کيس اچي ڪن
۾ ڪجهه چيائين. چيائينس ته "تنهنجو هڪ ٿي ٻار راند ويٺي
ڪيائين، کوه ۾ ڪري پيو ۽ مري ويو. کيس ڪڍيائون، ڏنائون
ته منجهس ساه هوئي ڪونه." اها خبر اچي هنکي ڪن ۾
ڪنهن ڏني. تنهن هوندي به هن شيوا جو ڪم نه ڇڏيو. چيائين:-
"ٻالڪ هاڻ مري ويو: هاڻ مان وينداس ته ڇا ڪري سگهندس.
ٿورو ئي ساه هجيس ها ته ڪري مان وڃي اسپتال ۾ سندس
علاج ڪرايان ها. پر هاڻ ته مري ويو. پرڀو! شڪر! تو ڏنو: تو
ورتو! شل تنهنجي جوت هميشه زنده رهي!" ائين چئي وري
ڪم کي لڳي ويو.

ٻئي ڏينهن هي نوجوان اٿيو: هلڻ پيو. واٽ تي هڪ سنياسي
ڏنائين. هن سنياسيءَ جي اڳيان هڪ شاهوڪار اچي لنگهيو.
الائي ڇو شاهوڪار کي ڇڪ ٿي: سو پنهنجي گاڏيءَ مان لهي

شل پٽ سان ٻـار پهچان!

دادا :- اڄ جو وچار :-

”نانڪ پٽ سيتي گهر جاءِ!“

پيارو دادا چوندو هو:- ”ٻيون ڳالهيون ڀل توهين وساريو. پر هيءَ هڪ ڳالهه نه وساريو ته توهين سڀ ياتري آهيو، مسافر آهيو.“ اسان مان هڪ هڪ ياتري آهي. هي سنسار اسانجو گهر ڪونهي: پر اسين پنهنجو گهر ڪري سمجهي ويٺا آهيون. انڪري جهڳڙا جهيڙا ڪريون ٿا، ڪورٽن ۾ وڃون ٿا. ڪورٽن ۾ ڪير ويندو؟ جيڪو سمجهندو، منهنجو گهر هتي آهي.

”نـانڪ پٽ سيتي گـهـر جـاءِ!“

”پريو! شل مان پٽ سان هلي پار پهچان!“

ٽـي مسافريون آهن، جنجو ذڪر صوفين جـي پستڪن ۾ اچي ٿو :-

پهرين مسافري اها، جنهن ۾ شايد اسان مان ڪيترا آهـن. اها مسافري جيڪا اسانکي وٺي وڃي ٿي پرڀوءَ کان پري پري ڪندي. ڏسو، مان هيٺئر مسافري شروع ڪندس. پرڀوءَ جي اِڇا اُلائي ڇا آهي؟ دم دم جو خير آهي! ٻـهر جي سپاٽـي مسافري شروع ٿي، ته ويندس پوني کان وڌيڪ پري پوندو. سپان ١٢٠ ڪلو ميٽر پري ممبئيءَ ۾. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ هزارين ميل پري سينگاپور ۾. انهين ويندس پـري پوندو. پهرين مسافري آهي اها، جنهن ۾ اسين سنسار، سنسار جي چيزن،

جيڪڏهن اسين سڀڪجهه "شڪر" ڪري قبول ڪريون!
شڪر! شڪر! شڪر!

[بمبئي : ٨-٨-١٩٨٦]

آلس اکين ۾

سڄو ڏينهن غفلت ننڊ ۾ گذاريم:
ڪم مڪڙو سونو، اجايا ڪين لهاريم:
الا مونکي آلس آهه اکين ۾!
ڏنا وجهه مونکي تو، سڀئي وڃايم:
عيش عشرت پويان، نه ڀيو ڪجهه پرايم: الا ...
حرص هواس ۾ هيرو جنم گنوايم:
نڪي لڄ ڪيم، نڪي نام ڪمايو! الا ...
نڪي ڪرم، نڪي ڌرم، ڪيم ڪين ڌيان:
تنهنجي در تي داتا! پيان پيئي مان احسان! الا ....
هيءَ ننڊ نڊوري، اچي تون اُتار:
بيوس بندي مان، مونکي پار اُڪار! الا ...
پنڌن جو پاون، هيڻن جو همراه:
پراڻيون جي پيڙيون، آهين تون ملاح! الا ...
سڄ هاڻ لهي پيو، نماشام آئي:
پر تون نه اُنجليءَ ڪئي، اميد آهه ڪائي! الا ...

مٿيون منجهائي ڇڏي. نارد جون اکيون ڦاٽي وڃن ٿيون! لان سؤنهن سان گڏ وري ڳالهائي ته مڪ مان، اکون مان قسمين قسمين جون سڳنديون پيئون اچن. ويچارو نارد! وسري ويس تہ مان کهڙي ڪم لاءِ هت آيو آهيان. مان شري ڪرشن کي ٽوسائي هتي آيو آهيان. مون چيومانس ته "مان کن ۾ ٿو تو لاءِ پاڻي کڻي اچان." سڀ وسري ويس. ڳالهه وڏي آهي. نارد ڇوڪريءَ کي چوي ٿو:- "مان توکانسواءِ رهي نٿو سگهان." ڇوڪري چويس ٿي:- "منهنجي ۽ حالت اِها ٿي آهي. مون به توکي ڏٺو آهي: تنهنجو منهن ڪيئن نه پيو چمڪي! الائي ڪهڙو نور تنهنجي منهن ۾ پيو ٻري! مان به توکانسواءِ رهي نٿي سگهان." شادي ڪن ٿا. ٻار ڄمن ٿا. نارد ويٺو آهي: وسري ويو اٿس.

اِها پهرين مسافري آهي،- .The journey away from God

وڃي پيو وڌيڪ شري ڪرشن کان پري پوندو.

ٻوءِ اٿي جتي رهيل آهن، ڪالرا يا ٻي ڪا بيماري اچي پوي ٿي. نارد پنهنجي ڌرمپتنيءَ کي چوي ٿو:- "هاڻ هن نگر ۾ پل نه رهون. هلون اڳتي. هتان ڀڄي نڪرون." ڀڄي نڪتا آهن. وات تي ندي آهي. نديءَ تي هڪ ننڍڙي پـل ٺهيل آهي. پل تان هلن پيا. پاڻيءَ جي ڪا ڇول اچي ٿي، ٻارن کي گهلي وڃي ٿي، زال کي گهلي وڃي ٿي. نارد روئي ٿو. روئي پيو! اوچتو آواز ٻڌي ٿو:- "نارد! مونکي اڃ آهي! تون مون کي پاڻي اچا ڪڏهن پياريندين؟" نارد جي مڪ مان ڇرڪ نڪري وڃي ٿو:- "اڙي! هي مون ڇا ڪيو؟ مان ڪرشن کي هتي پهاري آيو آهيان ته مان تنهنجي لاءِ پاڻي ڀري ٿو اچان. هي مون ڇا ويهي ڪيو آهي؟"

اهڙو ڪونه ڪو آزمودو اسانجي جيون ۾ اچي ٿو. هڪ هڪ آزمودو اسانکي سيکارڻ اچي ٿو. هڪ هڪ آزمودو اچي ٿو

سنسار جي رڻن ۾ غلطان ٿي پرڀوءَ کي وساري ٿا ڇڏيون. وڃون ڀلا پرڀوءَ کان ڏور پري ٿيندا.

پوءِ ڪانه ڪا ڳالهه ٿئي ٿي. اَسانجي اَندر سڄاڳي اَچي ٿي:- " اَڙي! هي مان ڇا ويٺو ڪريان؟ مانڪه جنم مونکي مليو ڇا واسطي؟ مان پنهنجي پرينم، پنهنجي پرڀوءَ کي وساري ويٺو آهيان! منهنجو جيون داتا، جنهن سڀڪجهه مونکي ڏنو آهي، اُنکي وساري ويٺو آهيان! " اِها ڀاونا جڏهن اَندر ۾ اُٿي ٿي، اِنسان سڄاڳ ٿئي ٿو. پوءِ چوي ٿو:- "مان ٻي مسافري شروع ڪندس." اِها مسافري آهي "Back to God" پهرين مسافري آهي " Away from God ". پوءِ مان چوان ٿو:- "مان پرڀوءَ جي وڌيڪ نزديڪ وڃان!" ستسنگ ۾ جيڪي پيارا ڀائر ڀينرون اَچن ٿا، اُنهن جي دل اَندر ٿوري ڪجهه اِها سڄاڳي آئي آهي:- " اَسين جيڪر پرڀوءَ کي پايون. اَسين پرڀوءَ جا آهيون، پرڀوءَ مان نڪتا آهيون، پرڀوءَ ۾ هلي وري سمايون!"

تنهن ڏينهن توهان سان نارد جي ڳالهه ڪيم. نارد چيو شري ڪرشن کي:- "مونکي مايا جو ڪو آزمودو ڏي." تڏهن شري ڪرشن چيس:- "پوري وقت تي توکي آزمودو ڏيندس." هڪ ڏينهن پنڌ پئي ڪيائون. هڪ نديءَ تي پهتا آهن. شري ڪرشن چوي ٿو نارد کي:- "نارد! مونکي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي. مونکي جيڪر پاڻيءَ ڍڪو پيئارين." نارد چيو:- "ڪَن ۾ ٿو کڻي اَچان. منهنجا محبوب! تون پاڻي گهرين؟ مان ڊوڙ ڪريان: اِجهو ٿو کڻي اَچان."

اِها شي ڀاونا کڻي نارد ويو ٿو. سامهون ڏسي ٿو، هڪ گهر آهي. دروازو کڙڪائي ٿو. اَنــدران هڪ اَپسرا جهڙي ڇوڪري نڪري ٿي. ڏاڍي سهڻي ڇوڪري! شل اَسانجي نزديڪ ۾ نه اَچي! اَهڙي ڀوائتا ڪندا رهجو. سهڻي ڇوڪري ڪٿان نه

"نانڪ پت سڀني گهر جو!"
"وري ڪنهن ٻڪان،
نه اونده ۾ انڪان:
رانا! رهان تنهنجي روبرو!"

ڪيڏو نه جيڪر آنند اچي! اسانجي اندر جي اوستا بدلجي وڃي! ننڍڙيون ننڍڙيون پرارٿنائون اسانکي نئون بنائي سگهن ٿيون. پر اسانجي حالت ڏسو ڪهڙي آهي؟ بيشڪ ٻاهران پائوڊر پيٽون هڻي پيا گهمون، پر اسانجي اندر جي اوستا ڪهڙي آهي؟

مس يوگوسلاويا! مس يوگوسلاويا معنيٰ يوگوسلاويا ملڪ ۾ سهڻي ۾ سهڻي، سندر ۾ سندر بالڪي. اُتي Beauty Competition (سونهن وارين ڇوڪرين جي چٽاڀيٽي) ٿيندي آهي. ڪيتريون ئي ڇوڪريون اينديون آهن. هڪ هڪ چوندي آهي:- "مون جهڙي ورلي ڪا سهڻي آهي ڇا؟" هڪ ڏينهن مان هڪ گهر ۾ ويس. دروازو کليو پيو هو. لنگهي ويس اندر. هڪ ڇوڪري ڏٺم. آرسيءَ ڏي نهاري ويٺي چوي:- "ڪسم! تو جهڙي ٻي ڪا سهڻي ٻي؟" مان پيو چوان:- "ڪسم ڪٿي آهي؟ ڪهڙي ڪسم سان ويٺي ڳالهائي؟" سندس نالو ڪو ڪسم هو. ڏٺم ته اها ڪسم آرسيءَ واري هئي. آرسيءَ ۾ ڪسم کي ويٺي ڏٺائين. ڪسم ڏسي ڪسم کي. ٻي ڪا وڌيڪ اُن کان سهڻي ڪين. هڪ هڪ ڇوڪري ائين سمجهندي آهي. ڪا ڇوڪري جي توهانتي ڪاوڙيل هجي يا گهر ۾ تڪرار وغيره ٿين ٿا، جي توهين اُن ڇوڪريءَ جي سونهن admire ڪندا، هنکي سڀ وسري ويندو.

هن چٽا پيٽيءَ ۾ سڀ اچي بيٺيون. هڪ هڪ پيئي چوي:- "مان سهڻي! مان سهڻي!" پوءِ جيڪا هڪ چونڊيائون، مس يوگوسلاويا، اُنکي Crown پائيندا آهن ۽ هڪ Band ٿو ڪيس

اِن ويچار سان تہ اَسين پياري ٻاروءَ ڏي واپس موٽون. ٻوءِ ٻرُوڙ ٻوي ٿي تہ هيءَ مايا جي شڪتي ڏاڍي ٻربل آهي. جڏهن اِهو ويچار اَچي ٿو تہ هيٺئون مان موٽان، تڏهن سان گڏ گروجن جي اِها پرارٿنا اَسانجي دل اَندر اُٿي ٿي :-

” نانڪ پت سيتي گهر جاءِ!“

پڀو! موٽي ڪريا ڪر تہ شل پت سان هلي پار پهچان!

سائين مُولچند جڏهن جڏهن پيري هٽ اِيندو هو، اِهـا ٿـي ڳالهہ چوندو هو، نہ تہ ڇا تہ سندس ٻهچ هئي! چوندو هو:- ”هڪ ٿي آسيس ڪبير تہ اِئين نہ ٿئي، جو مالڪن وٽ موٽي هـلان ۽ چون ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو!“ اَسان مـان ڪيترا هلنداسين، اَسانجي حالت اِها ٿيندي. اِنڪري گروُجن چون ٿا، تپ تپ ٿي اِهو ويچار توهين پنهنجي اَڳيان رکو، اِها پرارٿنا پنهنجي دل جي اوُنهائيءَ مان ڪريو:-

” نانڪ پت سيتي گهر جاءِ!“

شل پت سان هلي پار پهچان!

هي مايا جو کيل اَهڙو آهہ، ڪٿي ٻـہ وڃون، ڦاسي پئون. ڪٿي ٻـہ وڃون، اَٽڪجي پئون. اِنڪري پياري دادا پرارٿنا ڏنـي :-

” وري ڪين ڦڪـان،
نـہ اوُنـده ۾ اَٽڪان:
راڻا! رهان تنهنجي دُوارُ!“

ڪانہ ڪا پرارٿنا ڪٽي وڃو ڪندا. وري وري ڪريو. اَجاپا ويچار پيا ڪريون، ڏسو اَسانجو من: اَڄ ٿي لک باوبہ هزار تـہ اَجاپا ويچار ڪيائين. اُنهن جي بدران جي ٿي لک باوبہ هـزار دفعا اَسانجي دل جي اَندران هيءَ پرارٿنا اَچي :-

ڪوڙو. اَجوڪو ڏينهن وري هٿ ڪونه ايندو. اَٿ اَٿ آهي
اَٿ اَٿ! اَٿ! اَٿ! اَجوڪو ڏينهن اِهو آواز ڪڍي آيو آهي.
پڀو چوندو:- "٤-٢-٨٨، اِن ڏينهن اَٿن پر ويهه مدت، جيڪي تو
پاپ ڪيا آهن، سي توکي معاف آهن. هاڻي تون پنهنجي جيون
نئين ڪر!" پڀو اُسانکي وجهه ڏئي ٿو. چوي ٿو:- "هاڻي
تون نئون ٿيءُ! هيئنر ڪانوَڻي تون نئون ٿيءُ! اِنڪري اِها پرارٿنا
تون پاڻ سان ڪڍي وڃ. نه فقط پنهنجن چپن سان، پر پنهنجي دل
اَندر اُچار:-

"نانڪ پٽ سيتي گهر جاءِ!"
"وري ڪين پٽڪان،
نه اوندهه ۾ اَٽڪان:
راڻا! رهان تنهنجي روبرو!"

جيڪا پرارٿنا توهانکي وڻي، سا اُچاريو. ڪانه ڪا ننڍي پرارٿنا، جيڪا توهانجي دل کي ڇڪي، اُها اُچاريو. توهين شروع ڪندا، جلد توهانکي وسري ويندي، پر وري توهانکي يادگيري پوندي! اُنوقت ترجمو ته:-

"نانڪ پٽ سيتي گهر جاءِ!"

ڇا ڪريون، جو اَسين نه هلي پٽ سان پار پهچون؟ اِنڪري پهرين پهرين ڳالهه ٻڙي وري توهانجي چِتن ۾ رکي اَٿم:- پياري پڀوءَ سان يا پياري پڀوءَ جي ڪنهن نه ڪنهن روپ سان ڪونه ڪو ناتو جوڙيو. پيارو پڀو اَسانجي صدقي هن سنسار ۾ وري وري روپ وٺي اَچي ٿو. بيشڪ، پاڻ اَروپ آهي، اِي روپ آهي، روپن کان مٿي آهي. پر تنهن هوندي به روپ وٺي اَچي ٿو، ڇو ته اَسين اگياني آهيون. جي روپ نٿا ڏسون ته اَسانجو ڌيان ئي ڪانه ٿو لڳي. اِنڪري روپ ڀري اَچي ٿو. جنهن به روپ سان توهانجي دل لڳي، اُن روپ جو توهين ويچار ڪريو.

پائيندا آهن، اُنتي لکيل هوندو آهي ”مس يوگ-وسليويا.“ اِها ٻالڪي ذڪر ٿي. چوي ٿي:- ”اُن رات جو مان سپنو ڏسان ٿي. سپني ۾ هڪ ڪوڙهيءَ جهڙو روپ ڏسان ٿي، جڏهن مان روڳ پيو نڪري. مان وٽي ٿي واڪا ڪريان. چوان ٿي :- ’ڪير آهي؟ ڪير آهي؟‘ اِهو روپ مونکي چوي ٿو ته ’تون واڪا ڇو ٿي ڪرين؟ هي ته تون پاڻ آهين. مان رڳو تنهنجي اندران نڪري آيو آهيان ۽ اَچي تنهنجي اڳيان بيٺو آهيان.‘“ هيءَ جا ههڙي سهڻي ڇوڪري هئي، تنهنجي اندر اِهو روپ هو ته اَسانجي اندر ڪهڙو روپ هوندو. ڪڏهن جيڪر اُنجو ويچار ڪيو.

پيارو دادا ننڍڙو ٻالڪ هوندو هو. پنهنجي جڳهہ جي ڇت تي ويهي وهندو هو. چنڊ ڏي نهاريندو هو: چوندو هو:- ”ٻاپو! مونکي تون چنڊ جهڙو ٻولر کپاءِ.“ پوءِ چوندو هو:- ”نه، نه، چنڊ تي به داغ آهن، مونکي جيون نر داغ کپاءِ، داغن کانسواءِ!“ اِهي داغ اَسين ڪٿي ٿا هلون.

ستسنگ ۾ ڪڏهن هڪ گيت ڳائيندا آهن:- ”مَئلي چادر اوڍ ڪي ڪئسي، دوار تهاري آئون؟“ ”منهنجا ٻاپو! ميري چادر پائي مان ڪئن تنهنجي دوار اَچان؟ تو مونکي ههڙي صاف چادر ڏني، مون اُنتي ويهي داغ لڳايا آهن.“ منهنجا پيارا! ڪڏهن توهان ويچار ڪيو آهي، اَسين هت هن سنسار ۾ ڪئن آيا آهيون؟ ننڍڙا ٻار ٿي آياسين. مشڪندڙ ٻار جو مکڙو، معصوميت سان ڀريل ڪٿي آياسين. ۽ هت اَچي اَسان پاڻ تي داغ لڳايا آهن.

”نانڪ پت سيتي گهر جاءِ!“

ٻاپو! پت سان مونکي پار پهچائجانءِ! شل رهجي اَچي! هيل تائين جيڪي ٿيو، سو ٿيو. ٻاپو ڏاڍو بخشيندڙ آهي. چوندو ٨-٢-١٩٨٨، ۴ ڏوڻ اَٺ. هي سال اَٺو اَٺ اَٺ. هي اَٺو اَٺن جو

يا هوندي، سا ٻڌندي." ڪرشن ڪنهن ٻه روپ ۾ اچي
سگهي ٿو.

ڪونه ڪو ناتو ضرور شروع ڪريو؛ روز روز اهو ناتو وڌو
ڌائيندا. پنهنجو روز ٻروز جو ڪم ڪار انکي ارپڻ ڪريو.
ڪو ٻه وقت توهان کي ملي، مدت، ٻه مدت، ٽي مدت. ٻس
ءِ بيٺا آهيو، آفيس ۾ وينا ڪم ڪريو، گهر ۾ رڌڻ جو ڪم
ڻيون ڪريو، ڪنهن دوست کي ملڻ ويا آهيو، جو چوي
ٿو:- "مان اجهو ٿو اچان." توهان کي اڌ مدت مليو، مدت
مليو، اهو اڌ مدت، مدت ڪتب آڻيو. ٻريؤءَ سان ويهي گفتگو
ڪريو. ٻريو توهان کان پري ڪين آهي. توهانجي سواسن کان
ٻه وڌيڪ نزديڪ آهي. توهانجي هٿن، توهانجي پيرن کان وڌيڪ
توهانجي نيري آهي. رڳو اکيون ٻوري، دنيا وساري، انجو
ويچار ڪريون ته اسانجي اڳيان بيٺو آهي. ڪيڏي نه سندس
ڪريا آهي! ٻريو لائين ڪونه ٿو چوي ته ڄي مون سان ملڻو اٿو
ته فلاڻي هنڌ اچو. ٻريو چوي ٿو:- "جت توهين آهيو، جڏهن
ٻه وقت توهين چاهيو، چوويهه ئي ڪلاڪ مان توهانجي اڳيان
بيٺو آهيان، حاضر آهيان. رڳو مونکي سڏيو: مان اچي توهانکي
ملندس." اهڙو ٻيو ڪو ڪونه توهانکي ملندو. پيارو ٻريو چوويهه
ئي ڪلاڪ حاضر آهي. هڪ مدت ٻه ڪونه ٿو سمهي. سڏ ڪريوس:
مجال جو جواب نه ڏئي. هڪ مدت ٻــ ڪونه ٿو وڃهي. سڄو
وقت بيٺو آهي. هاڻ اهڙي ٻريؤءَ کي ڇڏي اسين سنسار جي
پنيان پيا ڊوڙون ٿاهون. ڪيڏا نه ڏڪا کائون ٿا، موچڙا کائون
ٿا. سنسار اسانکي موچڙا هڻي ٿو. سنسار جي روپن جي پٺيان
ڊوڙون ٿا: ڪهڙي حالت اسانجي ٿئي ٿي؟

هڪ ڇوڪري مونوٽ ٽمبئيءَ مان آئي. روئي، جو روئي.
چيومانس:- "ڇا آهي؟" چيائين:- "هڪ ڇوڪرو آهي، جڏهن

T.V. تي رامائڻ ڏسڻ ڪري هيٺين ڪيترن جا ويچار رام ڏي ويندا ٿا. رام کي ڏسن اُن اَئڪٽر جي روپ ۾. ڇڱو اُن روپ ۾ پل ڏسو، جيئن به توهان کي وڻي: ٻيو رام جو ويچار ڪريو! ڪنهنجو اِشٽ ديو رام آهي. ڪنهنجو اِشٽ ديو ڪرشن آهي. ڪنهنجو اِشٽ ديو شو آهي. ڪنهنجو اِشٽ ديو وشنو آهي. ڪنهنجو اِشٽ ديو گوتم ٻڌ آهي. جيڪو به روپ توهان کي ڇڪي. ڪنهن نه ڪنهن سنت جو روپ، ستگرو جو روپ، ٻڍيءَ جي پياري جو روپ، اُن روپ جو ويچار ڪري ڇڏيوس :- تون منهنجو هيءَ آهين، پاءُ آهين، پيءُ آهين، ماءُ جي روپ ۾ ڏسوس. ماءُ جي روپ ۾ ڏسندا ته توهانجو فائدو ئي فائدو ٿيندو. ماءُ وٽ ڪيترا پيرا به وڃجي. گناه ٿي ويو، ڏوهه ٿـي ويو، ڇوڪ ٿي وڃي. "امي! هاڻ مان ڇا ڪريان؟ مان ته اَئين آهيان، توکي ته خبر آهي، توکان ڪل ٿوري ٿي آهي؟" اَمـيءَ وٽ وڃي سگهبو. بابا وٽ وڃڻ ۾ ڏکيو. ٻاهر دروازي تي اَچي وري موٽي وڃبو. هٿڙو لٿ، هٿڙو ٿڦڙ. جيڪو روپ توهان کي وڻي، اُن سان ڪونه ڪو ناتو جوڙيو. پوءِ اهـو ناتو وڃـو وڌائيندا. ڪيئن وڌائيندا ويو؟ جيڪو ڪم ڪريو، چئو:- "تو واسطي! منهنجا پرڀو! منهنجا پريو! منهنجا ٺاڪر! منهنجا پيارا! جيڪو ناتو وڻيو. مان هتي ٺاٺين کي چوندو آهيان، توهين ڇو پيهون Boy Friends جـي پٺيان ڦرو. هوُ (پريو) Boy Friend ٿيڻ لاءِ تيار آهي. ڇري تـو:- "مـان توهانجو Boy Friend ٿيندس." هڪ ڇوڪري ڪلهه موٽوت آئي. روئي، جو روئي. چيومانس:- "ڇا هي؟ ڳالهه ڪهڙي آهي؟" چيائين :- "مونکي مائٽ زوريءَ وٺي هلن ٿا ٻمبئيءَ ۾. آميريڪا مان ڪو ڇوڪرو آيو آهي. چون ٿا، اُن سان تنهنجو مڱڻو ڪنداسين." چيائين:- "منهنجو Boy Friend ته آهي ڪرشن. هاڻي مان ٻئي سان ڪئين ڪنديس؟" مون چيومانس:- "ڪرشن کي رک. اُنجي جيڪا

پوءِ جي دربار ۾، اُتي باهر فرشتو بيٺو هوندو. توهان کان پڇندو:-
توهان سڀني سان مٺو ڳالهايو؟ ڪنهن کي رنجايو ته ڪونه؟" جي
هين چوندا "مون سڀني سان مٺو ڳالهايو" توهان کان وڌيڪ پيو حساب
ي ڪونه وٺندو. چوندو، لنگهي وڃو اندر. پر جي توهين چوندا:- "نه،
ابر ڪن موقعن تي مون ڏکو ڳالهايو"، اُتي اُهي ترسائيندو.
ـوندو، تنهنجو حساب ڪتاب ڪنداسين، تنهنجي پڌي
وليندا سين. هڪ حالت ۾ رڳو موڪل آهي ڏکي ڳالهائڻ جي.
رُ پنهنجي شش سان ڳالهائي سگهي ٿو. باقي ٻئي ڪنهن کي،
ون کي يا توهان کي موڪل ڪونهي. گروُ ڳالهائي سگهي ٿو.

ڪي سال اڳي هڪ پيارو ٻاءُ ستسنگ ۾ ايندو هو. پياسي ءَ
پياسي روُح هو. اسان کي وري وري چوندو هو:- "توهين ڏاڍا
ـڀاڳا آهيو!" اسين چوندا هئاسين:- "اهو وري ڪيئن؟"
چوندو هو:- "مان ڏسان ٿو، دادا ڪڏهن توهان سان ڏکو
ڳالهائي ٿو. مون سان ڪڏهن به ڏکو نٿو ڳالهائي. مون کي رڳو
ـ ديوان صاحب' 'ديوان صاحب' پيو چوي." سڪندو هو ته
ڪڏهن دادا مون کي ڏکو اکر ته چوي ته مان به سمجهان ته مان
ـه سندس آهيان."

روُپم ءَ سناتن، ٻه ڀائر بنگال ۾ راجا جا وزير هئا. سندن
جيون ۾ ڦيرو اچي ٿو. شري چيتنيه جي وڃي شرن پڪڙين ٿا.
انجا شش ٿين ٿا. وري وري پيا سڪندا هئا، ڇو ته شري چيتنيه
ڪين ڏاڍي عزت سان ڏسندو هو. هو چوندا هئا:- "اسين
ـڪوُن پيا ته ڪڏهن تو اسان جو گروُ اهڙيءَ طرح ڳالهائي جو
اسان کي پڪ ٿئي ته اسين سندس آهيون، اسان کي پنهنجو ڪيو
اٿس." فقط گروءَ کي موڪل آهي، ٻئي ڪنهن کي به نه. ڪنهن
سان به ڏکو نه ڳالهايو. ڪنهن سان به ڏکو نه ٻڌو، پڪڙم وڃي
انجا چرن ڇهو، پر انسان اٿين نهچل آهي، ڪڏهن ڏکا اکر

سان منهنجي دل وچي لڳي آهي، پر هوءَ مون ڏي نهاري ٿي.
مون چيومانس:- "تون اُن ڇوڪري کان لڪاهه ڦيرا ڀٽڪر آهين
تون روئين ڇو ٿي؟" اِهو سنسار اُسانکي ڏک هڻي ٿو، موچ
هڻي ٿو، پر ان ۾ به پرپوءَ راز آهي. جڏهن اُسين اِهي ڏک کائو،
ٿا، موچڙا کائون ٿا، تڏهن ٿوري کجهه سڄاڳي اُسانکي اَچـ
ٿي. جي ڏک نه لڳن ته اُسين جيڪر پرپوءَ ڏي اَچون ٿي نه.
اُسين پنهنجي ٿي نشي ۾ هجون.

پرپوءَ سان ناتو جوڙيو. وڏيڪ وڏيڪ جوڙيو. وڏيڪ وڏيـ
پرپوءَ وٽ ويو. ٿپ ٿپ ٿي کي کارڊ ڳولي لهو. مونکي هڪ
بالڪي گڏي: چيائين:- "مونکي کو کم ڏي." چيومانس:
"ڇو تون کم لاءِ ايڏو منتظر آهين؟" چيائين:- "کم هوندو
ته تو وٽ اَچي نه سگهندس." ٿئن توهين ته کي کارڊ ڳولي
لهو، جئن وري پرپوءَ وٽ وڃي سگهو. ايتري قدر سندس
نزديڪ ويون جو کيس ٽڪاڻي ڇڏيون، پر اُسين نه ٽڪجون.
ويون ناتو جوڙيندا، ويون ناتو وڌائيندا. پڳتيءَ کان وڏيڪ هن
کي بيو کجهه کپيوَ کين. کيس کپي اُسانجي دل جو پيار، دل
جي سچي محبت، دل جو پوٽر پريم.

ٻي ڳالهه جيڪر هيءَ کريون. هڪ هڪ سان مٺو ڳالهايون.
کنهنجي نقطچيني نه کريون. پرائي پچار کان پري رهون. هڪ
هڪ اُنجو روپ آهي. کنهنکي به نه رنجايون. هڪ ڀيرو آئي،
ڏاڍو پڻي روئي. چيائين:- "فلاڻي کي اڄ مون سان ڳالهايو،
منهنجي دل ٽٽي ڇڏي اَٿس، دل ٽڪرا ٽڪرا کري ڇڏي
اَٿس." اڄ کان اُسين دليون ٽوڙي سگهون ٿا. ۽ دل ۾ تـ
وٽنو آهي پرپو پاڻ. جنهنجي اُسين پوڄا کريون ٿا، جنهنکي
اُسين پاڻ چاهيون ٿا، اُسين اُنکي وٽنا رنجايون. هڪ هڪ
سان مٺو ڳالهايون. گرو نانڪ ديوجن چون ٿا:- "جڏهن هلندا

نه ڪٽي ويندو هو. ڪيس ويچار ٻئي قسم جا ايندا هئا. نقطچيني ڪندو هو، چوندو هو:- "اهڙي ماڻهوءَ کي مان ڪيئن گرو ڪندس؟" ويندو هو، وري موٽي ايندو هو.

منهنجا پيارا! هڪ ڳالهه جيڪر ياد رکو ته جنهن جنهن پيري توهين ڪنهنجي نقطچيني ڪريو ٿا، توهين پنهنجي سٺي سمجهي انکي ڏيو ٿا. توهانجي سٺي سمجهي، توهانجو آتمڪ خزانو گهٽجي ٿو. اهو خزانو وڃي انکي ملي ٿو. ۽ خاص ڪري ڪنهن سترڪ، ڪنهن مهاتما پرش جي نقطچيني اصل نه ڪريو. انجي نقطچينيءَ سان نه سيکجهه، گهٽجي ٿو وڃي. مون توهانکي وري وري ٻڌايو آهي. سعدي هڪ وڏو پارسي شاعر ٿي ويو آهي. توهان سعديءَ جون couplets پڙهيون هونديون. سعدي چوندو هو ته "مان نقطچيني شل ڪنهنجي نه ڪريان. پر پرڀوءَ! جي هروڀرو نقطچيني ڪرڻي هجي ته مان پنهنجي ماءُ جي نقطچيني ڪريان، ڇو جو وري به خزانو گهر ۾ ئي هوندو. ٻاهر نه ڪونه ويندو."

هي سڪديو پيري پيري ويندو هو: نقطچيني ڪري موٽي ايندو هو. پيري پيري هنجي هڪ ڪلا غائب ٿي ويندي هئي. ٻارهن پيرا ويو، ٻارهن ڪلائون گم ٿي ويس. باقي ٻه ڪلائون اچي بچيس. نارد کي اچي خيال ٿيو. نارد جهڳڙا به ڪرائيندو هو، پر نارد جي دل اندر ديا ڌاڻي هوندي آهي. جيڪي پرڀوءَ کي پهچڻ چاهيندا آهن، تنکي نارد ڌاڻي مدد ڪندو آهي. نارد هڪ ڏينهن هڪ ٻڍڙي انسان جو روپ ڌاري هٿ ۾ نوڪري کڻي، مٿي پري، پوريءَ طرح پنڌ به نه ڪري سگهي. ڏاڍي تڪليف سان مٿي کڻي اچي نديءَ ۾ وڌائين. نديءَ پٽي وهي، ان ۾ اچي اڇلايائين. وري ويو ٻي کڻڻ. اتان اچي سڪديو لنگهيو. چيائين:- "هي ٻڍڙو انسان، هيڏي تڪليف سان مٿي نيو هٽي وجهي. مٿي نه پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وهي پٽي وڃي.

مڪ مان نڪري ٿا وڃن. "To err is human" اِئين چوندا آهن
هي دروازا (چپ) جلد کلي ٿا وڃن. اَهڙي ڪا ٽيپ (Tape
چپن تي لڳي پيئي هجي، جڏهن کولڻي هجي، ڪنهن جي سار
ڪٽري کولجي. يا اَهڙو ڪو Stick fast وغيره هجي جو هـ
چپ تڪليف سان کلن ته مان سمجهان ٿو، اَسانجو ڳالهائڻ جيڪ
ٿورو ٿئي. پر اَسانجا چپ اَصل اِئين ٿا کلي وڃن، جو پتو به ڪو
ٿو پوي ۽ اَلائي ڇا ڇا پيو مڪ مان نڪري.

ويد وياس مهرشيءَ جو پٽ سکديو هو. ننڍي هوندي کا
جهنگ ۾ هليو ويو. چيائين، هن سنسار سان مهنجو واسطو ئي
ڪونهي. چوندا آهن ته ۱۴ ڪلائون ٿينديون آهن، ان ۱۴ ڪلائن
سان هـو جائو. ۱۴ ڪلائن وارو اِنسان هو. هڪ ڏينهن ڪيس
سندس پتا چوي ٿو:- "سکديو! تون جيڪر گرو ڪرين: توکي
فائدو ٿيندو ۽ توکي سمجهه آهي، پر توکي گرو اَڃا ڪونهي."
سکديو چوي ٿو:- "پتاجي، مونکي گروءَ جي ڪهڙي ضرورت
آهي؟ مونکي سمجهه آهي." پتا چويس ٿو:- "تون گرو ڪر
باقي هڪ ڳالهه تو ۾ رهيل آهه، جا توکي ملندي، جڏهن تون
گرو ڪندين." سکديو چوي ٿو:- "ڪنهنکي گرو ڪريان؟"
پتا چويس ٿو:- "گرو ڪر راجا جنڪ کي. هن زماني جو گرو
آهي راجا جنڪ." سکديو چوي ٿو:- "ڇا، جنڪ کي گرو
ڪريان؟ جنڪ راجا: مان رشي! جنڪ گرهستي، ڀوڳي: مان
يوگي! جنڪ ڪتري: مان براهمڻ! جنڪ سنسار ۾ ورتل: مان
تياڳي! مان ڪيئن جنڪ کي گرو ڪندس؟" ويد وياس چويس
ٿو:- "تو ۾ اِها ئي باقي ڪمي اَچي رهي آهي. تون وڃي جنڪ
کي گرو ڪر." سکديو پيري ويندو هو. چوندو هو، پتا
چوي ٿو: پتا جو چوڻ مڃڻ گهرجي. ويندو هو ان ويچار سان ته
مان وڃي جنڪ کي گرو ڪريان، پر واٽ تي جنڪ لاءِ سڀنا ويچار

گھوڙن جو ڪن ڪڙو ٻڌو ھوندو آھي." ماڻھو آيا، ھنکي وٺي وڃي اُت پهچاريائون. اُتي جو ڪن ڪڙو ۽ ٻانس ڏسي چيائين:- "هاڻي مان ڇا ڪريان؟" هڪ ڏينهن گذريو، ٻه ڏينهن گذريا. دل ۾ چيائين:- "هن حالت ۾ نڪو ٻه نه وڃي سگهان." سکديو ڪا شال يا خميس ڪونه پائيندو هو، جو ڪڍي لاهي پاڻکي ويڙهي.

ڪن ڏينهن کانپوءِ هنکي راجا جنڪ ڪوٺيو. پنهنجن ماڻهن کي چيائين ته "ويد وياس جو پٽ مونکي ملڻ واسطي آيو هو. جي بيٺو هجي ته وٺي اچوس." ۽ سکديو اندر اچي ٿو، ڇو ته اُنوقت راجا جنڪ ننگون تيڙي ويٺو آهي. سهڻيون ڇوڪريون پنهنجن نرم هٿن سان وڃڻيون زور ڏينس. دل ۾ چيائين:- "مون پيءُ کي گهڻو ئي چيو ته مونکي نه موڪل. مونکي هروڀرو هن وٽ موڪليو اٿس. هنکي گرو ڪيئن ڪيو؟" ١٣ ڪلا اوڏي مهل هلي ويس. منهنجا پيارا! مٿان ڪنهنجي ٻه نقطچيني ڪريو. اِني اوچتو ئي اوچتو ماڻهو ڊوڙندو اچي ٿو: چوي ٿو:- "محلا کي باھ لڳي آھي." ٿوري وقت کانپوءِ چون ٿا:- چانوٽيءَ کي باھ لڳي آھي." ٿورو وقت اڳيا گذري ٿو: اچي چون ٿا ته- "ڪچهريءَ کي باھ لڳي آھي." ٿوري وقت ۾ ڏسن ٿا ته- محلات کي باھ لڳي آھي. ھي راجا جنڪ آنند ۾ ويٺو آھي: پر هن سکديو کي اچي چنتا لڳي ٿي ته منهنجي لٺ ۽ جهولي مان ٻاھر رکي آيو آھيان، اُھا جلي نه وڃي. سو ڊوڙي وڃي لٺ ۽ جهولي ڪڍڻ. تڏھن جنڪ چيس:- "منهنجا پٽ! توکي لٺ، جهوليءَ جي ايڏي چنتا لڳي. منهنجو ته سڄو محلات پيو جلي، ته به مان هيئن ويٺو آهيان." تڏهن سکديو اچي چرڻن ۾ ڪريس. چيائينس:- "بيشڪ! تون ڄاڻو، تون پاڻو!" پوءِ هـي گروءَ وٽ رهي ٿو. پوءِ ته هن لاءِ ايڏي شردا ٿيس، ايڏي عزت

هنجو مطلب ڇا آهي؟" ڇيائينس:- "سائين! توهين هيترين
نوڪرين پري پيا هن نديءَ ۾ وجهو: توهانجو مطلب ڇا آهي؟
توهين ڇا ٿا ڪرڻ چاهيو؟" تڏهن ٻڍڙي انسان سڪديو کي چيو:-
"مان هتي ٻنڌ ٻڌڻ ٿو چاهيان." سڪديو چيس:- "اڙي مورک!
ٻنڌ ڪيئن ٻڌندين؟ سڄي عمر ويٺو مٽي وجهندين: سڄي مٽي
وهي ويندي. جي توکي ٻنڌ ٻڌڻو آهي ته پهرين لوهه جو ڪالم
ناهه. پوءِ انتي پٿر رک: انجي مٿان وچ تون مٽي وجهندو تـ
اها مٽي جهل ڪانه ٿيندي. نه ته مٽي کهڙي ڪم جي؟" هن
ٻڍڙي انسان چيو:- "سڪديو! مون ته ٻه چار نوڪريون مٽيءَ
جون وڃايون آهن: گهڻو ڪين وڃايو آئم. تون ته پنهنجون ٻارهن
ڪلائون وڃائي آيو آهين." ٻارهن ڪلائون وڃايون آئم! ٻارهن
ڪلائون ڪيئن وڃايون آئم؟" ٻڍڙي انسان چيس:- "تون پيري
پيري وڃين ٿو: مهاتما جي وچي تون نقطچيني ڪرين ٿو. توکي
خبر ئي نٿي پوي: تو پنهنجون سڀ ڪلائون ڇٽ ڪري ڇڏيون
آهن. مان نارد آهيان: مان تنهنجي ڀلي لاءِ ٿو توکي چوان."
تڏهن هن جون اکيون کلي پيون. هاڻ پڪو پرڻ ڪري تيرهين
پيري آيو آهي: چوي ٿو:- "مان ڪيئن به راجا جنڪ کي ملي
سندس شش ٿيندس، سندس سکيا وٺندس." آيو آهي: واٽ
تي پيو چوي:- مونکي ته جهٽ ۾ اندر اچڻ ڏيندا، ڇو ته مان
مهرشي ويد وياس جو پٽ آهيان، سڪديو آهيان، تياڳي پرش
آهيان. مون جهڙو سريشٽ پرش هن سڄي نگر ۾ هن شهر ۾
ٻيو ڪو هوندو ئي ڪونه. مونکي جلد ۾ راجا ڪوٺيندو. وڃي
ويٺو آهي، چوائي موڪلي ٿو:- "راجا جنڪ کي چئو ته مهرشي
ويد وياس جو پٽ، سنياسي، تياڳي، ويراڳي سڪديو ويٺو آهي
ٻاهر. درشن واسطي پياسي آهي." راجا چيس ته "هنکي وٺي
وڃو، وڃي ويهاريوس ٻاهر، جت گهوڙن جو طبيلو آهي، جتي

ڇا هيٺ هو. نهاري ٿو هيڏانهن هوڏانهن، ڏسي ٿو ڪير ڪونهي. پنهنجي خميس لاهي ٿو، پنهنجي سلوار لاهي ٿو. پڌي گهي ڪري ڪوهه ۾ وجهي پاڻي ڀري ٿو. هڪ ڀيرو پاڻي پيئاريس ٿو؛ يڪدم لائين ۾ وڃي ٿو جو اُس. ٻيو ڀيرو، ٽيون ڀيرو ڀري پيئاريس ٿو. ڪتو وڃي پهچندو: اڃ اُڃ نه لهيس. چوي ٿو:- "هاڻ مان ڇا ڪريان؟ ڪنهنجي چارج (charge) ۾ هنکي ڪي وڃان. ڪيڏو نه خرچ ٿئي، هنجي سنڀال جيڪر ٿئي. پوءِ مان پل حج تي وڃان." ڪنهنکي ويٺي ڪري ٿو. چويس ٿو:- "تون جيڪر هن ڪتي جي سنڀال لهين. مان حج تي ويو وڃان. نه نه مان پاڻ جيڪر هنجي سنڀال ڪريان. مان موٽي ايندس، توکان هي ڪتو اچي وٺندس. جيڪو خرچ ٿئي، مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." اُن رات جو ڪيس سپنو اچي ٿو. سپني ۾ محمد صاحب پاڻ وٽس اچي ٿو: چويس ٿو:- "تنهنجي حج تي وئي. تون هاڻ حج تي وڃين، نه وڃين، تنهنجي لاءِ ڳالهه ساڳي آهه."

جيون ۾ ساکي ڪيئي! ويچارا گگدام ڪيئي نٿا سگهن، سوڙ پيا سهن، ڪيترا ڀيرا مون ڏٺو آهي ته ٻڍي گاڏين ۾ ايڏا ڀار رکندا آهن، ويچارن ٻڍن جي ڳچي جڻ ڀڃي ڪيئي آهي. اُنهن کي ڏوني مان ڪين سمجهائيندو آهيان. اُنهن کي نه ديا آهه، ڀار ڪڏهن ويچار ڪين ڪيو اٿن. هي ٻڍي گاڏين وارا ديالوُ آهن. مون وري وري اُنهن کي ويٺي ڪئي آهي، ڏسو هنن کي ڪيڏو نه سوڙ ٿئي ٿو! پوءِ بيشڪ اُنهن سمجهو: چيائون:- "اسين ڇا ويٺا ڪريون؟" ٽي ٻڍي گاڏيون هيون، سامان هڪڙي ۾ متاني اهڙيءَ طرح رکيائون، جئن بوجو هلڪو ٿئين. چيائون:- "اسين سنڀال لهنداسين."

جيون ڪيئي! واهگروُ توهانتي آسيس ڪري! مان موٽان، ڏسان، ميناج ٽي ميناج لڳو پيو آهي!

[پونا : ۸۰-۲-۴]

ڏنيس، جو راجا جنڪ جو نالو ٻڌندو هو، اکين مان ڳوڙها ڳڙي ايندا هئس. چوندو هو:- "هي ته پرڀو آهي، جو پرٿويءَ تي وشنو پيدا ڪري." هڪ ڏينهن ويد وياس پڇيس:- "مونکي ٻڌاءِ ته گرو ڪيئن آهي؟ سج جهڙو آهي؟" سڪديو چيو:- "سج کان به وڌيڪ چمڪات اٿس، پر گرمي اٿس ڪونه. سج جي تپش اٿس ڪين، سيتل آهي." چيائينس:- "ڀلا چنڊ جهڙو آهي؟" سڪديو چيو:- "چنڊ جهڙو سيتل بيشڪ آهي، پر چنڊ تي داغ آهن، هن تي هڪ به داغ لڳل ڪين آهي." ايڏي شردا ٿي ويس.

نڪتہچيني نه ڪريو! سڀن سان مٺو ڳالهايو! ۽ ٽين ڳالهه جيترن جي مدد ڪري سگهو، اوترن جي مدد ڪريو. جنهن ڏينهن اسان ڪنهن جي مدد نه ڪئي آهي، اهو ڏينهن ويو اجايو. خاص ڪري ويچارا جيو، گگدام، پسون پکي، تن جي سيوا ڪريو. گگدامن جي سيوا ڪندي ماڻهن کي به وڏي پرڀوءَ کي پاتو آهي

هڪ مسلمان حج تي پئي ويو، دل ۾ پاوَنا رکي ته "مان پنهنجي پرڀوءَ کي، پنهنجي پريتم کي پايان. هڪ هنڌان لنگهي ٿو: ڏسي ٿو ته هڪ ڪتو پيو آهي ڪنهن بس يا ڪنهن موٽر سان ٽڪريو هو. چار ئي ٽنگون ويچاري جون ڪپجي ويون هيون. چري نه پئي سگهيو. چيائين:- "هاڻ مان ڇا ڪريان؟ هن ڪتي کي ڇڏي حج تي وڃان يا ڪتي جو ويچار ڪريان." ڪيس دل ۾ ديا هئي. ڪتو ويچارو؛ سڪدس جيڀ ٻاهر نڪتي پيئي آهي. شايد گهڻي وقت کان اڃ پيو هجي. ويچارو اڃايل. چوي ٿو:- "نزديڪ ڪو کوهه هجي، مان ڪتي کي جيڪر پاڻي پياريان." هڪ کوهه آهي، ڏسي ٿو اندر پاڻي ڏاڍو هيٺ آهي، پنهنجي پٽڪي لاهي اندر پنهنجو ڪو پرڻ ٻڌي کوهه ۾ اندر موڪلي ٿو. پر ڏسي ٿو ته اهو پاڻيءَ تائين پهچي نٿو. پاڻي

ر ننڍو رستو (Short eut) ڀڳوان کي پائڻ واسطي آهي اڀياس جو رستو، جو جلدي هلي ٿو ڀڳوان وٽ پهچائي.

ڪالهه سنت رام ڪرشن جو جنم ڏينهن هو. هن سنت چيو ته مون ڀڳوان کي سڪ جي رستي سان پاتو. مون ڀڳوان واسطي سڪ اٿاري. جڏهن ڀڳوان لاءِ سڪ اٿي ٿي، تڏهن اندر گهرج اٿي ٿي.

I need Ihee, Lord! I can't live without Thee Lord! Come to Me!

اها گهرج جڏهن اٿي ٿي ته اها گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ڀڳو پاڻ اچي ٿو. جنهن ڀڳوان کي، ويد ۽ شاستر لڌا پائي سگهن، اهو ڀڳو پاڻ اچي ٿو ۽ اچي اسان جي گهرج پوري ڪري ٿو.

دکشنيشور مندر تي هن سنت جو نالو آهي. هن مندر جي عجيب ڪهاڻي آهي. هڪ راڻي هئي - راڻي رسمڻي - جنهن هي مندر ٺهرايو. نَو لک رپيا خرچ ڪيائين. اڄ ڪالهه جا ته الائي ڪيترا ڪروڙ ٿيندا. هيءَ راڻي ڏاڍي شاهوڪار هئي. سندس دل ٿي ته مان ڪاشيءَ جو درشن ڪريان. بنارس ۾ وڃان. سڄو جهاز ڪٺي وڃي ٿي. بنگال مان بنارس وڃي ٿي. اتي وشوناٿ مندر آهي، جنهن کي هندو واراسي چوندا آهن. هيءَ راڻي سڄو جهاز ڪٺي نڪري ٿي. ساڻس گڏ ڪيترا ماڻهو آهن، ڪيترائيون داسيون آهن. رات ٿي هڪ هنڌ سندس جهاز ڦاسي پوي ٿو. ڪڍڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪن ٿا. موٽر لانچز اچن ٿيون، پر هن جهاز کي نه ٿا ڪڍي سگهن. رات جو هن کي سپنو اچي ٿو. ان سپني ۾ هيءَ درگا ماتا، ڪالي ماتا کي ڏسي ٿي. ڪالي ماتا کيس چوي ٿي :- ”تون ڪٿ پئي وڃين؟ تون وڃين پئي پري بنارس ۾، پر مان ته هت رهندي آهيان. هت رهي هڪ وڏو مندر جوڙاءِ. مندر جوڙائڻ واسطي توکي وارانسي

سک ٻروءَ واسطي

دادا :- اڄ جو وچار :-

” جنهن کي اڄ ڪاٺيءَ لٺ ،
ڪاٺي اچي اُن ڪــي ! “

جنهن کي اڄ ڏني ٿي ڪاٺي ڏيڻ واسطي ، ڪاٺيءَ کي ٻه اُن واسطي اڄ آهي. ڪاٺي چاهي ٿو ته مونکي ڏي ڏيڻي . چوي ٿو، جن کي ٻروءَ واسطي سک آئي ٿي، اُنهن لاءِ ٻروءَ کي ٻه سک آهي . هڪ وڏو صوفي سنت ٿي ويو آهي ، اُهو حسن . هـيءَ سنت چوي ٿو :- جڏهن مون ٻروءَ کي ڏاتو ته مونکي ٽن ڳالهين جي ٻروڙ پيئي :- (١) پهرين ڳالهه مون هيءَ سمجهيو ته مونکي سک هئي ٻروءَ لاءِ ، ٻيو جڏهن مون ٻروءَ کي ڏاتو، مون ڏٺو ته ٻروءَ کي ايڏي سک هئي مون واسطي، جو منهنجي سک هن واسطي ننڍي هئي.

اَسين پيا سمجهون ته اَسان کي سک آهــي ٻروءَ واسطي ، ڪڏهن اَسين اِئين سمجهندا آهيون ته ٻروُ اَسان کي ڏيئي ٿو ، نهاري ٿو، ٻيپرواهه آهي ، پر ٻروءَ کي ايڏي سک آهي اَسان واسطي جو اَسانجي سک آهي فقط هڪ ٿورو ڀاڱو اُن سک جو، جا ٻروءَ کي آهي اَسان واسطي هونئن . جيڪر اَسان جي اَندر سک ٿي نه اٿي. پهرين پهرين اَسان لئه ٻروءَ کي سک اٿي ٿي : پوءِ اَسان کي ٿوري ڪڇ سک اٿي ٿي ؛ اَسين چاهيون ٿا ته ٻروءَ کي ڏيون. هن لڳ واسطي سولي ۾ سولو رستو، ننڍي

جو مان درشن ڪرڻ چاهيان ٿو. پوءِ هن جي اهڙي حالت ٿيندي هئي، جو آرتي جهليندو مس هو ته، پنهنجي سڌ بڌ وڃائي ڇڏيندو هو ۽ اندر ۾ پيو چوندو هو ته ”اها ڪهڙي شڪتي آهي؟“ ”ماتا! مونکي درشن ڏي! مونکي پناه، مونکي ڏيکار، توُن ڪير آهين؟ مونکي پڪ ڏي ته تون ڪا شڪتي آهين!“ هن جي پياس وڃي ٿي وڌندي. نيٺ هن جي اهڙي حالت ٿئي ٿي، جو پيو روئي. ڳوڙها پيا ڳڙن، بُوندون بس نه ڪن! پيو پڪاري:- ”ماتا! مونکي درشن ڏي!“ ”ماتا! مان تو بنا جي نٿو سگهان!“ ڪيترا پيرا گلن جو هار وِڌو ٿاهي. هڪ ڏسي پشپ هٿن ۾ ئي سڌس سڌ بڌ گم ٿي وڃي ٿي. پيو چوي :- ”اهـا ڪهڙي شڪتي آهي، جا لوڪن کي چڪي ٿي؟ ماتا! ان شڪتيءَ جو مونکي درشن ڏي!“ تماشام ٿيندي هئي: چوندو هو:- ”اڄ به مونکي درشن ڪين مليو. اجوڪو ڏينهن به ويو!“ هن جي دل اندر ڦٽ ٿئي ٿو. هڪ ڏينهن اهڙي بي آرامي هن جي اندر اٿي ٿي: مندر ۾ وڃي ٿو: اُت ڪالي ماتا جي مندر ۾ تـــوار هميشه هوندي آهي. هيءُ وڃي ٿو. تلوار ڏي نهاري ٿو: اهـا تلوار لاهي ٿو: چوي ٿو:- ”ماتا! جي هيستائين درشن نه ٿي ڏين ته مان پاڻ کي پورو ڪندس!“

It is in not worth living without seeing you, without being in direct communion, direct contact with you. He was about to strike.

ان پَلَ ماتا جوت جو چمڪاٽ نڪري ٿو، جنهن ۾ هنکي درشن ملي ٿو. هيءُ پنهنجي سوار جي سڌ بڌ وڃائي وهي ٿو، ڪري پوي ٿو. سڀ سمجهن ٿا ته بيهوش (unconscious) آهي، پر سچ پچ هوُ Superconscious حالت ۾ هو. پوءِ جڏهن ان حالت مان ٻاهر اچي ٿو، چوي ٿو:- ”ماتا آهي.“

وچڻ جي ضرورت ڪينهي."

صبوح جو آئي ان سپني جو ذڪر ڪري ٿي. جت هن جو جهار قاسي ٿو، ان جي سامهون ٿي سامهون هڪ وڏو پٽ آهي، هڪ وڏي زمين. الائي ڪيترا ايڪڙ آهي. چوي ٿي، مان اهو خريد ڪندس. اهو وٽي، اتي هيءَ مندر جوڙائي ٿي. چوي ٿي، موٽڪي هڪ سٺو پوڄاري ڪپي، جو ماتا جي اچي پوڄا ڪري. هيءَ مندر وڏو شاهي مندر آهي، وچ هلندو. چيائين، هڪ پوڄاري ڪپي. ڪيس چيائون، رام ڪمار ذات و هوشيار پڻ ت آهي. اهو جي ملي ته سٺو. رام ڪمار، رام ڪرشن جو وڏو ڀاءُ آهي. رام ڪمار چوي ٿو:- "مان خوشيءَ سان قبوليندس." پر رام ڪرشن، جنهن کي ان وقت گداڌ ر ڪري ڪونيندا هئا، چوڻس ٿو:- "تون ائين ڪئن ڪندين؟ راڻي رسمڻي شوُدر ذات جي آهي ۽ توُن شودر ذات جي راڻيءَ وت ڪئن وڃي نوڪري ڪندين؟" ۽ هي گوڙ ڪري ٿو. پر هن جو وڏو ڀاءُ ڪليل درشٽيءَ جو (Liberal) هو. چوي ٿو:- "مان ڪالي ماتا جي پوُڄا ڪندس. جي راڻي رسمڻي شوُدر ذات جي آهي ته پوءِ ڇا؟" ننڍو ڀاءُ رسي وڃي ٿو. رام ڪمار ڪيس چوي ٿو:- "اڄ ته ويدن اڳيان ٻه چٽڪيون رکون. هڪ چٽڪيءَ تي مان لکان ٿو:- 'ڀل وڃ' ۽ ٻيءَ تي لکان ٿو:- "ڀل نه وڃ." ائين ڪيائون ۽ جواب آيو:- "ڀل وڃ." ڏسو. رامڪرشن جي درشٽي اُت ڪلٽي هئي. رام ڪمار پوُڄاري ٿئي ٿو، پر ٿورن ڏينهن کانپوءِ گذاري وڃي ٿو. پوءِ رامڪرشن کي چون ٿا ته تون پوُڄاري ٿي. رامڪرشن روز وڃي اُت پوُڄا ڪري ٿو. پٽلي کي نهاري سندس اندر هڪ سوال اٿي ٿو:- "هيءَ فقط پٿر جو پٽلو آهي ڪا شڪتي آهي؟ ضرور هن جي اندر ڪا شڪتي آهي، جا ماڻهن کي ڇڪي ٿي. ان شڪتيءَ

"I have seen God. I see Him right now. I see Him more clearly than I see you."

چيائينس ته:- ”مون ڀڳوان کي ڏٺو آهي. مان ڀڳوان کي هاڻ به ڏسان ويٺو. مان توکي ڏسان ٿو، ان کان وڌيڪ چٽي طرح مان ڀڳوان کي ڏسان ويٺو.“ هن جا ڪپاٽ کلي وڃن ٿا. ههڙو جو جواب ٻڌائين. ٻيو چيائين:- ”اِلائي سچ ٿو ڳالهائين يا ڪوڙ ٿو ڳالهائين.“ چيائينس ته:- ”سچ جي خبر پوندي، جڏهن مان ڀڳوان کي ڏسان.“ پڇيائينس ته:- ”مان ڀڳوان کي ڏسي سگهان ٿو؟“ رامڪرشن چيائينس ته:- ”تون به ڀڳوان کي ڏسي سگهين ٿو.“ سنت ترسي چيائينس ته:- ”ٻه اهي ڪٿي، جن کي اها پياس، اها سِڪ، اها اڪير، اهو عشق آهي؟ جن کي عشق آهي عجيب واسطي، انهن کي ڀڳوان اچي ٿو پنهنجو درشن ڏئي.“

”جن کي اُڃ پاڻيءَ لاءِ،
پاڻي اچي اُن ڪَي!“

وڌيڪ سنت رامڪرشن هي اکر چوي ٿو:- ”اڄڪلهه مرد استرين واسطي پيا ڳوڙها ڳاڙين، استريون مردن واسطي پيسن ڳوڙها ڳاڙين. ڇوڪرا ڇوڪرين واسطي، ڇوڪريون ڇوڪرن واسطي پيسن ڳوڙها ڳاڙين.“ ڪيترا ڇوڪرا روئي رڙ ڪري ڇڏين. اَڙي، توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ چون:- ”دل لڳي ويٺي آهي ڇوڪريءَ سان. ڇا ڪريون؟“ ڇوڪريون وري jugful tears ڳاڙين ٿيون. ٻه اهي ڪٿي، جي ڀڳوان جي پياس ۾ پڪارين، ٻچڙيءَ ۾ ڳوڙها ڳاڙين؟ شري رامڪرشن چوي ٿو:- ”مان توکي چوان ٿو:- ”نرين! جن جي اندر اِها پياس ۽ جهڪي اُن جي پياس ۾ ڳوڙها ڳاڙين ٿا، انهن کي درشن ضرور ملندو.“ اهو ننڍڙو رستو (Short eut) آهه.

پيسون کي ان پياس جو آزمودو آهي. هڪ پنڊت مونکي مليو: چيائين:- ”ننڊ ڪين ٿي اچي. منهنجي ڏير پنهنجي زال کي ٿن

Now I know she is living shakti. I have met her. I have spoken to her. I have sat at her lotus feet. She is living shakti.”

پوءِ چوندو هو تہ درشن سولو لڌهن ملي ٿو، جڏهن اندر ۾ اُتڪنٺا، اندر ۾ سڪ اُٿي ٿي. جڏهن ڀڳت، ڀڳوان کي سڪ ۾ پڪاري ٿو تہ ڀڳوان ہ دوڙندو اچي ٿو. اِنڪري چوندو هو:- ” ڀڳتي اڀِن ڪريو. ڀڳتيءَ مان ڀاؤ اچي ٿو. ڀاؤ مان مها ڀاؤ اچي ٿو ۽ مها ڀاؤ مان پريم اچي ٿو. اُن کان مٿي ڪجهہ ڪين آهي! “ پريم جو ذڪر ڪندو هو تہ چوندو هو:- ”شري چيتنيہ پريم جي صورت هو: ہو اها اُتڪنٺا، اها اُڪير، اِها پياس دل اندر پيدا ڪريو! وري وري پربوءَ سان ڳالهيون ڪريو. پربوءَ کي توهين ڏسي نٿا سگهو، اِنڪري چوندا آهيو پربوءَ سان ڪئين ڳالهايون. توهين ڪيئن نٿا ڏسي سگهو، ہو هوَ تہ توهان کي ڏسي سگهي ٿو. اِنڪري ڳالهائيندا وڃو:-

I love Thee, God!
I want to love Thee more and more.
I want to love Thee more than anything else. I need Thee. O God!

اِها پرارٿنا ڪندا تہ هڪ ڏينهن توهان جي دل ۾ ڀڄندي ۽ اُن پيل دل جي نشاني آهي اکين جا ڳوڙها. هڪ ڏينهن توهين ڏسندا، توهان جي اکين مان اچي ڳوڙها ڪِرندا. سياڻو سو، جڏهن جون اکيون پربوءَ جي پريم ۾ ڳوڙها ڳاڙين ٿيون.

وويڪانند وٽس اچي ٿو. اُن وقت اُهو Under graduate آهي. هوشيار وديارٿي هو. اچي ڪانئس سوال پڇي ٿو:- “Have you seen God?”

رامڪرشن کلي ٿو ۽ کلي چوِيس ٿو:-

پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ حيوان جي اندر پرڀوءَ واسطي سڪ پيدا ٿي نٿي سگهي.

فرانس ۾، پئرس شهر ۾ هڪ پارٽي ٿي. اُتي هڪ نوجوان آيو. هن جو پرڀوءَ ۾ وشواس ڪين هو. ناستڪ هو. ٻــوڙ پيو ڳالهائي. ڪيس ڪير ڌيان نه پيو ڏئي. جڏهن پارٽيءَ ۾ ڪيس گهرايو هو، اُن کي چوي ٿو:- "مونسان ته ڪير ايهي نٿو." ڏاڍهين هوءَ چويس ٿي:- "ٻه آهن، جي منهنجي ڳالهه سمجهي سگهندا. اهي ٻه توسان گڏ آهن." هن نوجوان کي خوشي ٿئي ٿي. چوي ٿو:- اُهي ٻه ڪير آهن؟" چيائين:- "اُهي ٻئي اٿيئي، هڪ منهنجي ٻلي، ٻيو منهنجو ڪتو." هي سمجهي ويو. اُنهن کي پرڀوءَ جي ڄاڻ ڪين آهي. انسان کي سڪ ٿئي ٿي پرڀوءَ واسطي.

اِها سڪ اُٿاريو، جي توهين چاهيو ٿا ته توهان جو مانُک جنم سڦل ٿئي. سڪ اُٿاريو. دنيوي ڳالهين لئه، دنيوي پدارٿن لئه، دنيوي شين لئه، دنيوي رُوپن لئه، اسان کي ڪيڏي نه سڪ ٿئي ٿي. پرڀوءَ لئه سڪ اُٿاريو! اَهڙي سڪ اُٿاريو، جو توهان جي اَکين مان ڳوڙها ڳڙن. جي توهان کي سڪ نه آهي ته پرڀوءَ کان گهري وٺو. چئوس:- "پرڀوءُ! اَسان جي دل سڪل آهي. اَسانجون اَکيون ٺوٺ آهن. اَسان کي سڪ ڏي. اَسانجي اندر ڀڳتي اُٿار!"

"Lord! Grant me pure love and longing for Thy Lotus Feet and so bless me that this world bewitching maya may not lead me astray."

اِها پرارٿنا وري وري ڪريو:- "پرڀوءُ! توُن اَسان جي اَندر سڪ اُٿار ۽ اَهڙي آسيس ڪر، جو هيءَ مايا، جا سڄي جڳت کي موهي ويئي آهي، اڏي ويئي آهي، اُها اَسان کي ٺڳهنجي

carats جو هيرو وٺي ڏنو آهي. منهنجو گهوٽ مونکي نئو وٺي ڏني. منهنجي ننڊ ڦٽي پيئي آهي." مون چيومانس:- "ٻڙيوُ اَلائي ڪيترن carats جو هيرو اٿيئي، اهو تون وٽ. اُن لاءِ ڪڏهين ننڊ ڦٽائي اٿيئي." ننڊ ڦٽائي رات جو ٻڙيوءَ کي ٻڪاريو. نوجوانن جي ٽولي رامڪرشن وٽ ايندي هئي ته ڪيترائون راتيون کين جاڳائيندو هو. وري ڪڏهن هٺن لاءِ ميلا مچائيندو هو. کين کلائيندو هو.

اِها گهرج اُسان جي دل اَندر اٿي، اِها ٻڪار اُسانجي اَندر اٿي:- "ٻڙيوُ! مونکي تنهنجي گهرج آهي." ڪيترائون مائٽون، ٽن کي چنتا ڏيئڻ واسطي. مونسان ڳالهه ڪندا آهن:- "اُسان کي ڏيئڻ جي چنتا آهي." مان کين چوان:- "ٻل ڏيئڻ جي چنتا ڪريو، ٻر ٻنهنجي ٻه چنتا ڪريو." مان چوان:- "جنهن وقت ڪال ايندو، اُن وقت توکي ٻه ٽ ڏيءِ ڪنب کين ايندي. اُن وقت ڪنب ايندي فقط نام. اُن نام لاءِ چنتا ڪرين ٿي؟ اُن نام لاءِ ڪمائي ڪرين ٿي؟"

"جنهن کي اُچ ٻاٽيءَ لاءِ،
ٻاٽي اُچي اُن کي!"

جڏهن اِها گهرج پيدا ٿئي ٿي، اُسان وٽ ٻاٽيهي ٻڙيو اچي ٿو. اها گهرج آهه چقمق جيان، جا ٻڙيوءَ کي ڇڪي ٿي ۽ ٻڙيوُ ٻاٽ ٻ وڙندو اچي ٿو. اِها سڪ اُٿاريو، اِها پياس اُٿاريو، گهرج اُٿاريو:- "ٻڙيو! مونکي تنهنجي گهرج آهي!" وڃي ٻڙيوءَ سان ڳالهيون ڪريو. ٻڙيوُ ٻوٻ ڪين آهي! توهان سان گڏ آهي! ڪم ڪاريون ضرور ڪريو، ٻر وچ اَڌ مدت ٽڪائي ٻر ٻڙيوءَ سان ڳالهيون ڪريو. اهو توهان جي اَندر کي وهندو صاف ڪندو. صاف اَندر ۾ اِها سڪ پيدا ٿئي ٿي. اِنسان سڪ ٻنا حيوان آهي. اِنسان ۽ حيوان جي وچ ۾ تفاوت اِهو آهي. اِنسان جي اَندر سڪ

ٿي وڃي ٿو. جي رام جو روپ وٺندس ته مهنجي لاءِ اُلائي ڪهڙي حالت ٿيندي. مان ته جڏهين رام جو ويچار ڪريان ٿو ته ويچار اچي ٿو سيتا کي آزاد ڪريان ۽ ڪيس وڃي رام سان ملايان!"

هن وقت اسين وڏو ۾ آهيون. اسان پرڀوءَ کي وساريو آهي. تنهڪري اهي ڳالهيون اسان کي چڪين ٿيون، جيڪي اسان کي پرڀوءَ کان پري رکن ٿيون.

"جنهن کي اڄ ٻاٽيءَ لڳي،
ٻاٽي اچي ان کي!"

سوال:- دادا، جنهن کي ستسنگ جي لوڙ هجي، پوءِ گهوٽ کي ڇڏي وڃي؟

دادا:- ستسنگ لاءِ ۽ گهوٽ کي نه ڇڏي اچجو. توهان کي فرض پالڻ ڪرڻا آهن. پر جي توهان کي سڪ هوندي ته پرڀوُ پاڻيهي توهان جا بندڻ لاهيندو. اهڙيون حالتون ڪندو، جو توهين ستسنگ ۾ وڃي سگهنديون. جي فرض پالڻ نه ڪنديون ته ستسنگ مان توهان کي لاڀ ڪين ملندو. توهين گهر ۾ ويٺي ستسنگ ۾ اچي سگهو ٿا. ڪن جا من ستسنگ ۾ ويٺي پيا ڀٽڪن. اهي ستسنگ ۾ نه آهن. انهن جا ويچار نر اِستريءَ ڏانهن، جوُئا ڏانهن، شراب ڏانهن پيا وڃن.

ٻه گروءَ جا شش هئا. ٻنهي چيو ته اسين ستسنگ ۾ وڃون. روز شام جو ستسنگ ۾ ويندا هئا. هڪ نماشام جو ستسنگ ۾ وڃن پيا. وات تي هڪ پوسٽر لڳل هو. هڪ چوي ٿو:- "اڄ، گانڌي سنيما اچي ويئي. مان اڄ ستسنگ ۾ ڪين هلندس، پر گانڌي پڪچر تي ويندس." ٻئي چيس:- "تون چئن جا پيو. ستسنگ ۾ ڪئن نه هلندين؟" چيائين:- "مهنجا پير ٿي نٿا هلن! مان کو ٻي پڪچر ٿو ڏسڻ وڃان." هن ٻئي

چرنن کان پري نہ رکي!" هن سنسار ۾ ٻيو سڀ ڪجهہ جي توهان
کي مليو، پر پرڀوءَ ۽ پرڀوءَ جو نالو نہ مليو تہ توهان کي ڪجهہ نہ
مليو! اها پروڙ پوي ٿي پڇاڙيءَ جي وقت. ان وقت لک ڪروڙ،
بنگلا ماڙيون، نوڪر چاڪر، سڀ ٻاڇا پيا لڳن. ان وقت پروڙ
پوي ٿي تہ هن سنسار جي هڪل مان، مان ڪجهہ ڪين ٿو ڪڍي
سگهان. سڪ اٿاريو!

"جنهن کي اڄ ٻاٽيءَ لاءِ،
ٻاٽي اچي ان کي!"

رامڪرشن چوندو هو:- "ڪم ڪاريون ڪريو، ضرور ڪريو،
پر ڪمن ۾ ڦاسي نہ پئو. ان ڪري پرڀوءَ لاءِ دل ۾ پيار اٿاريو.
جي پيار دل اندر آهي تہ توهين ڪمن ۾ ڦاسندا ڪين." هي سنت
ڦڻس (Jack Fruit) جو مثال ڏيندو هو. ان نموني جو ٿي سان
توهان کي مثال ڏيان. توهين مٺائي ناهيندا آهيو يا وڙو ناهيندا
آهيو تہ توهين وڙي کي ڦقيندا آهيو تہ هٿن کي چنبڙي پوندو
آهي. پر جي هٿن کي گيهہ لڳائي ڦقيندا تہ مٺائي هٿن کي
چنبڙندي ڪين. تهڙيءَ طرح سنسار ۾ توهين ڪم ڪاريون ڪريو،
پر رام نام جو سڀ هٿو تہ ڦاسي ڪين پوندا. اهو سڀ آهي
پرڀوءَ جي يادگيري. پرڀوءَ کي ياد ڪريو! ڇا بہ ڪريو، پر پرڀوءَ
کي ياد ڪريو. پرڀوءَ کي ياد ڪندا ايندا تہ اندر ٻاٽيهي صاف
ٿيندو. پرڀوءَ کي ياد ڪريو، پوءِ ٻاٽيهي Spontaneously پاڻ
ڪرم ڪان جدا ٿي ويندا. توهان کي تڪليف وٺڻي نہ پوندي.
راوڻ کي شڪتيون هيون. هڪ ڏينهن کيس چون ٿا:- "تون
سيتا کي حاصل ڪرڻ لاءِ هيڏيون تڪليفون وٺين ٿو. پوءِ ڇو نہ
تو رام جو روپ وٺي سيتا وٽ وڃين. تہ ڪي رام جهڙي روپ ۾
ڏسي هوءَ ٻاٽيهي yield ڪندي." راوڻ چوندو هو:- "مان نہ رڳو
رام جو ويچار ڪريان ٿو تہ منهنجي اندر جو ڪام آهي، سو ٿڌو

پنھنجو پاڻ سڃاڻ!

دادا :- اڄ جو ويچار :-

” پاڻ ۾ ڳولي لهس تون پاڻ :
اندر ٻولي ڪير؟ سڃاڻ! “

اڄ جو ويچار پياري دادا جي ٻاڻيءَ مان آهي. پيارو دادا چوي ٿو:- ”پيارا! پاڻ ۾ وڃ اندر: پاڻ ۾ وڃي ڳول! تون ٻاهر ويٺو ڳولين. سال سارا تو گذاريا آهن: ٻاهر پيو ڳولين. پر جنهن کي تون ڳولين ٿو، سو تنهنجي اندر آهي.

” پاڻ ۾ ڳولي لهس تون پاڻ :
اندر ٻولي ڪير؟ سڃاڻ! “

اندر ڪير ويٺو ٻولي؟ اها ڪهڙي شڪتي آهي؟ اها شڪتي پاڻ ڳولي پيئي، پر ان شڪتيءَ کي ڳولي نٿا سگهون. اها شڪتي ڪنن دئاران سڻي پيئي، پر ان شڪتيءَ کي ڪير سڻي نٿو سگهي. اها شڪتي اکين دئاران ڏسي پيئي، پر ان شڪتيءَ کي ڪير ڏسي نٿو سگهي.

اها ڇا آهي؟ اهو ڪير آهي؟ ” اندر ٻولي ڪير؟ سڃاڻ!“ وڃي اها سڃاڻ تون پاءِ. تو ٻيون ڪيتريون سڃاڻون پاتيون آهن. ڇا ڇا نه تو ڄاتو آهي سنسار بابت، Universes بابت. سائنس ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي. چنڊ تي وڃي انسان پهتو آهي. گرهن تي انسان جا Rockets پيا وڃن. تو ڪيڏي نه پروڙ پاتي آهي. ڪيڏي نه سڃاڻ پاتي آهي. پر پاڻ کي سڃاڻيو اٿيئي؟

شش چيس:- ”مان ته ويندس ستسنگ ۾.“ جيڪو پهريون شش هو، اُهو ويو گانڌي ڀڪڙ ڏي؛ اُت وڃي ٻاڻ کي ڦٽڪار هڻي. چوي پيو ته ”ڇا تون گروءَ جو ستسنگ، گروءَ جو درشن ڇڏي اَچي هن گانڌي ڀڪڙ تي ويٺو آهين، جت فقط مارا ماري آهي.“ ۽ جيڪو پيو ستسنگ ۾ ويو، اهو پيو چوي:- ”منهنجو دوست ڇگيون موجون وٺندو هوندو ۽ مان اَچي هن ستسنگ ۾ ڦاٿو آهيان.“

اهو ذهن پورو ٿيو. ٻئي ڏينهن ٻئي شش گروءَ وٽ آيا. جيڪو شش سئنيما تي ويو هو، اُن کي گروءَ چيو:- ”تون ڪلهه هت ستسنگ ۾ هئين“ ۽ جيڪو ستسنگ ۾ ويٺو هو، اُن کي چيائين:- ”تون ته سئنيما ۾ ويٺو هئين.“

اُن ڪري جي فرض پالن ڪندا ته ستسنگ توهان وٽ ايندو. پوني جي نزديڪ پنڌرپور آهه، جت وٺوبا جي روپ ۾ شري ڪرشن ويٺو آهه. ڇو ويٺو؟ سو ٻڌو آهي هڪ ڏينهن شري ڪرشن ٻڌو ته سندس هڪ شش پنڊليڪ ماتا پتا جي سيوا ڪندو آهي. جيئنوٽيڪ پنڊليڪ شروع ۾ ماتا پتا کي ڦٽو ڪري ڇڏيو، پر پوءِ پروڙ پيس ته سيوا ۾ رتل رهيو. شري ڪرشن پاڻ سندس گهر ويو ۽ وڃي گهر جو دروازو کڙڪائي ٿو. چويس ٿو:- ”پنڊليڪ! مان تنهنجو درشن ڪرڻ آيو آهيان.“ پنڊليڪ چوي ٿو:- ”مان ته هينئر ويٺو ماتا پتا کي شنان ڪرايان. توس ته مان شنان ڪرائي اَچان ٿو.“ سر ڦٽي ڪري چويس ٿو:- هن سر تي بيهه: توس ته مان اَچان ٿو.“ اهو اَٿو پنڌرپور ۾ وٺوبا جو روپ، جنهن جي چرنن ۾ هزارها ماڻهو سر جهڪائين ٿا.

شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو:- ”ڪرم يوگ جا ٽي سڌانت آهن:- (۱) سو ڌرم، (۲) لوڪ سنگره ۽ (۳) يگيه. پهريون ٽي پهريون سڌانت سو ڌرم. پنهنجا فرض پالن ڪريو ته پوءِ پريو پاڻيهي اَسان لاءِ ستسنگ جو دروازو کوليندو ۽ اُن ستسنگ جو لاڀ اَسان کي ملندو.“

پنهنجي پرڀوءَ کي پائي ڪين سگهندين. پرڀوءَ کي اسين پنهنجي اندرين سان يا پنهنجي من سان پائي نه سگهنداسين. پرڀو ٻڌي کان مٿي آهي: ٻڌي جي پهچ کان پري آهي. جڏهن انهن ٻڌي جي پهچ کان اسين پري وڃون، تڏهن اسين انکي جاڻي سگهون.

هڪ راجا بابت ڳالهه آهي. هڪ ننڍڙي رياست جو راجا هو. هڪ ڏينهن ڌاڙو سندس محلات ۾ گهڙيا ٿا. ڪيتريون ئي شيون کڻي وڃن ٿا. راجا کي ننڍڙو ٻالڪ هو، شايد هڪ سال يا ڏيڍ سال جو. سمهيو پيو هو. سندس سيوا ۾ نرس هئي. نرس ويچاري ڇا ڪري؟ هن ڌاڙن چاهيو ته هن ٻار کي کڻي وڃون. راجا کي خبر پئي. هڪ ئي ٻار، هڪ ئي پٽ. ويچارو روئي، پيو روئي. گهڻيئي ڪوشش ڪيائين ته واپس ملي، پر ڪجهه ڪري نه سگهيو. ڪي ڪي ڌاڙو ڏاڍا پڪا ٿيندا آهن. اسان وٽ سنڌ ۾ هُر هوندا هئا. هُر اصل چوائي موڪليندا هئا، لکي موڪليندا هئا ڳوٺ جي مکيءَ کي ته فلاڻي تاريخ اسين توهان وٽ ايندا سين. پنهنجن گهرن مان توهين نڪري وڃجو. نه ته جي توهان مان ڪو مٿو ته جوابداري اسان تي ڪونه آهي. ماڻهو ويچارا ڳوٺ ڇڏي ويندا هئا. ڌاڙو ايندا هئا، هُر ايندا هئا، جيڪي ڪپڙو هون، سو کڻي ويندا هئا. هي ٻار ڌاڙو پاڻ سان کڻي آيا. ١٧ سال ان ڳالهه کي گذري ويا.

بادشاهه هڪ ڏينهن شڪار تي نڪري ٿو. ڇو ته هڪ هنڌ اچي پهچي ٿو، اتي ڏسي ٿو ته هڪ اٽڪل ١٨ ورهين جو نوجوان ويٺو آهي. سندر سندس شڪل: سندر سندس اکيون: پيون چمڪن. راجا هن ڏي ڇڪجي وڃي ٿو. ڪانئس پڇي ٿو:- ”تون ڪير آهين؟“ هن کي خبر ڪونه هئي ته ڪو راجا سندس اڳيان ويٺو آهي. انڪري سچي حقيقت ٻڌايائينس. چيائينس:- ”مان ڌاڙن جي سردار جو پٽ آهيان. هينئر منهنجو پتا پيو

تنهنجي اندر ڪير ويٺو ٻولي، اِهـا پڇاڻ پاڻ اُٿئي؟ روز صبوح جو اُٿين ٿو، " Indian Express " پيپر ڏسين ٿو. هتي ڇا ٿيو، هتي ڇا ٿيو؟ ڪيڏي نه پڇاڻ پاڻ چاهين ٿو. 'NEWS' اَکر توهانکي خبر آهه، ڪٿان نِڪتل آهي؟ N.E.W.S - North- East - West - South چوي ٿو، چئن ئي طرفن ڇـا ٿيو ٿئي، جونکي خبر پوي: اِهو آهي News. اُتر (North) ۾ ڇا ٿيو ٿئي؟ اوڀر (East) ۾ ڇا ٿيو ٿئي؟ اولهه (West) ۾ ڇا ٿيو ٿئي؟ ڏکڻ (South) ۾ ڇا ٿيو ٿئي؟ نه سڀڪجهه مان ڄاڻڻ چاهيان ٿو، پر پاڻ کي ڄاڻڻ ڪانسواءِ. پيارا! تو پنهنجو اَندر وڃي ڄاتو آهي؟ تون آهين ڪير؟ حقيقت ۾ تون ڪير آهين؟ تون پاڻـکي هي سرير جـو چولو ٿيو سمجهين، پنجن تتن جو پتلو ٿيو سمجهين: پر تون آهين ڪير؟ "

" پـاڻ ۾ ڳولي پس تون پـاڻ :
اَنـدر ٻـولي ڪير ؟ پڇاڻ ! "

سنتن جي سکيا اِها آهي. سولي، سرل: رڳو اَڀياس ڪريون!

" پـاڻ ۾ ڳولي پس تون پـاڻ :
اَنـدر ٻـولي ڪير ؟ پڇاڻ ! "

تون ڪير آهين؟ توهان کان ڪو پڇي:- "تون ڪير آهين؟" توهين پنهنجو نالو ٻڌائيندا:- "مان مولچند آهيان، مان ڀڳوانداس آهيان، مان سرينڌرداس آهيان." تون پيارا، اِهو ڪين آهين! تون نه ڪا ٻي چيز آهين! اُنکي وڃي ڳول! تون هي پنجن تتن جو پتلو ڪين آهين! تون هي چم جـو چولو ڪين آهين. تـون Body-mind complex ڪـين آهين! ڪيترا اَنسان مـان پاڻـکي پنهنجي سرير سـان identify ڪن ٿا. ڪي وري پاڻ کي من سان indentify ڪن ٿا. پر پيارا! تون Body-mind complex ٻنهي کان مٿي آهين. جيستائين تون اُنکي نه پڇاڻيندين، تيستائين تون

تون راجڪمار آهين، تون تخت تي ويهي سگهين ٿو. تون هي اَڌ لک رپيا رشوت وٺي پيو خوش ٿين. توکي هيءَ ننڍڙي ڪرسي مليل آهي، تون پيو خوش ٿين. تون ته تخت جو مالڪ آهين. پر اَفسوس! توکي اُها خبر ئي ڪونهي.

شينهن بابت ڳالهه ڪندا آهن. هڪ شينهڻ کي ننڍڙو Pup ڄائو. اُنوقت اَچي اُتان رڍن جو ڌڻ لنگهيو. هي شينهن جو ٻچو به اُنهن سان هلڻ لڳو. اِهي رڍون ان ٻچي جي سنڀال لهنديون هيون. هي شينهن سمجهندو هو ته مان رڍ آهيان. رڍن وانگر پيو آواز ڪندو هو. سال گذري ويا. هڪ ڏينهن هڪ وڏو شينهن ان رڍن جي ڌڻ کي ڏسي ٿو. چوي ٿو ته مان ڪا رڍ کان، مونکي بک لڳي آهي. رڍون ته سڀ ڀڄي وڃن ٿيون: باقي هي ننڍو شينهن بچي ٿو. چوي ٿو، هي ته شينهن آهي. شينهن رڍن سان گڏ پيو وڃي. ڪيس پنهنجي بک وسري وڃي ٿي. چوي ٿو:- ”هن شينهن کان حال اَحوال وٺان. هي رڍن سان ڪيئن رهيو پيو آهي؟ اُنجو پيڇو ڪڍان.“ ڊوڙي ڊوڙي ٻنيان وڃيس ٿو. هو ويچارو اَچي ٻڌي ٿو. چوي ٿو:- ”اِجهو ٿو مان خلاص ٿيان.“ شينهن چويس ٿو:- ”تون ڊپ نه ڪر. تون ۽ مان ٻئي هڪ آهيون. تنهنجي منهنجي صورت ساڳي ساڳي!“ هو ويچارو پيو ٻڌي ته مان اِجهو ٿو خلاص ٿيان. هي شينهن هنکي وٺي وڃي ٿو درياه جي ڪناري تي. چويس ٿو:- ”نهار! ڏس جهڙي منهنجي شڪل آهي، تهڙي تنهنجي، تنهنجي رڍن جهڙي شڪل ڪين آهي. تون ٻاڙڪي رڍ ڇو پيو سمجهين؟ تون گجگوڙ ڪر!“ جڏهن گجگوڙ ڪري ٿو، هنکي وشواس ٿئي ٿو ته مان به هڪ شينهن آهيان.

اَسان مان هڪ هڪ شير آهي. اَسانکي ڪو شينهن کپي، جو اَچي اَسان کان گجگوڙ ڪرائي، ڪهڙي گجگوڙ؟ ”اوم! اوم!“

ٿيو آهي، پيوسن ٿيو آهي، انڪري ڏاڪن جو سردار مان ٿيو
آهيان. مان هن جي اڳواڻي ڪندو آهيان." راجا کي آلائي ڇو
هن ڏانهن ڇڪ پئي ٿي. پڇائينس:- "تنهنجي عمر گهڻي آهي؟"
چيائين:- "منهنجي عمر ١٨ سال آهي." راجا حساب لڳائي
ڏٺو ته هڪ سال جو ٻار منهنجو ڪڍي ويو. ١٧ سال ٿي ويا.
منهنجو پٽ به ١٨ سالن جو هوندو. راجا چيس:- "مونکي تون
پنهنجي پتا وٽ وٺي هل."

راجا اچي ٿو: اچي ڏاڪن جي سردار کي ملي ٿو ۽ کانئس
پڇي ٿو:- "مونکي ٻڌاءِ، هيءُ ٻالڪ، هيءُ ڇوڪر ڪير آهي؟"
چيائينس:- "سائين! هيڏئو وهڻ وارو آهيان: انڪري سچ توکي
ٻڌائي ٿو وڃان. خبر ڪين اٿم، تون ڪير آهين: پر توکي سچ
ٻڌايان ٿو. ١٧ سال اڳي راجا جي محلات ۾ مان ڪات هڻڻ ويس.
هي ٻار اتي سمهيو پيو هو، انکي پاڻ سان کڻي آيس." راجا
جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا. چيائينس:- "هي منهنجو پٽ
آهي. مونکي جي موڪل ڏين ته مان هنکي پاڻ سان وٺي وڃان.
ڏاڪن جو سردار ٿئي، تنهن کان ڇو نه هلي راجا ٿئي. جي تون
کيس موڪل ڏين ته مان هنکي وٺي وڃان: وڃي کيس مان تخت
تي ويهاريان. مان هيڏئو پيوسن ٿيو آهيان."

هي ڇوڪرو، جڏهن سچو وقت پئي سمجهو ته مان آهيان
ڏاڪن جو سردار يا مان آهيان هڪ ڏاڪو، هو سچ ۾ راجڪمار.
کيس خبر ٿي ڪونه هئي. هڪ سال جو هو، جڏهن ڏاڪن جو
سردار کيس کڻي آيو: اچي پاڻ سان گڏ رهائينس. چيائين،
مان ڏاڪو آهيان.

اسانجي حالت به اهڙا آهي. آهيون راجڪمار، پر هت اچي
چورن جي سنگ ۾ رهي، پاڻ کي چور پيا سمجهون. پيا چوري
ڪريون ۽ پيا خوش ٿيون. اڙي! سچي سرشٽي تنهنجي آهي.

اُنجو ذڪر اَخبارن ۾ ڇپيو ويو. اُن ڪانپوءِ مان ڪيس گڏجڻ ويس. ڪراچيءَ ۾ ٿورا ڪلاڪ آيو هو. شاردا مندر ۾ کيس گڏجڻ ويس، ڇو جو پياري دادا لاءِ ڏاڍي عزت هوندي هئس. دادا چيو ته هي ڪراچيءَ ۾، اَسانجي ديس ۾ آيو آهي: تون جيڪر منهنجي پاران وڃي greet ڪريمس. مان ونس ويس. هُو صرف ٽي يا چار ڪلاڪ اُتي هو. کيس نه خبر پيئي ته مان دادا وٽان آيو آهيان ته يڪدم مونکي اَچي مليو. چيائين:- "دادا کي چئجانءِ ته منهنجي دل اَندر اَڃا اُها پياس اٿيئي: مان پاڻ پڇاڻڻ چاهيان ٿو: پر هن وقت گوڙ گهمسان ۾ اَچي پيو آهيان. اُميد اٿم ته وقت ايندو، وري اَچي توهانجي چرنن ۾ ويهندس."

سباش چندر بوس ننڍو هو، مئٽرڪ پاس ڪيائين: ويراڳ اَچي ويس. سنسار ڇڏي ويو. چيائين:- "مان پهرين پاڻ پڇاڻيندس." پر پوءِ وري هن سنسار جي وڪڙ ۾ ويڙهجي ويو، ائين پرڀوءَ جو حڪم هو! پر ڪيڏي نه شيوا ڪيائين! قربانيءَ جي زندگي سندس، پر ننڍي هوندي اهو آواز ٻڌي ٿو:-

"پاڻ ۾ ڳولي پس تون پاڻ:
اَندر ٻولي ڪير؟ پڇاڻ!"

منهنجا پيارا! جي اهو ڪم تو نه ڪيو، تو آزاديون ورتيون، تو ٻيا گهڻيئي ڪم ڪيا، پر اهو ڪم تو نه ڪيو ته تو ڇا ڪيو؟

اَجوڪو ڏينهن بسنت پنچميءَ جو ڏينهن آهي. بسنت پنچميءَ جو ڏينهن چوندا آهن، آهي سرسوتيءَ جي پوڄا جو ڏينهن. جيئن اسين هتي گڻپتيءَ جي پوڄا ڪندا آهيون، گليءَ گليءَ ۾، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾، رستي رستي تي، گهر گهر ۾ گڻپتيءَ جا ننڍڙا وڏا پتلا يا مورتون رکندا آهن، تيئن بنگال پاسي سرسوتيءَ جي ڏاڍي پوڄا ڪندا آهن. اَجوڪي ڏينهن توهين جي اُتي هجو، ڏسندا ته گليءَ گليءَ ۾، گهر گهر ۾ سرسوتي اَستاپن ڪندا

(زور سان دادا جشن اِهو شبد اُچاريو) 'اوم' جي ڳجگوڙ اسانکان ڪرائي ته اَسانکي به پروڙ پوي ته اَسين هي ڪين آهيون. اَسين پيا سمجهون، اَسين رب آهيون. اَسين پيا سمجهون، اَسين هي چم جو چولو آهيون.

"پاڻ ۾ ڳولي ڏس تون پاڻ:
اَندر ٻولي ڪير؟ سڃاڻ!"

اِها سڃاڻ، منهنجا پيارا! تون پاڻ! تون پاڻ کي پيو اِندرين جو غلام سمجهين. ٿوري مزي ڪاڻ، ٿوري سواد ڪاڻ، ٿوري پئسي ڪاڻ، ٿوري وڏائيءَ ڪاڻ پاڻکي وڃي ٿو دنيا جي در تي وڪڻين؟ اَڙي! هيءَ سڄي دنيا تنهنجي آهي! ڏسو ٿوري مزي، ٿوري ڀوڳ، ٿوري سواد ڪاڻ ڪئين نہ اَسين پاڻکي وري وري وڃي اوڙاه ۾ اُڇلايون ٿا: ڇو؟ پاڻکي سڃاڻون ڪونه ٿا تہ ڪير آهيون. خبر ئي ڪونه ٿي پوي تہ اَسين ڪير آهيون. اِهي مزا، اِهي سواد، اُنهن کي جيڪر لت هڻي اَسين ڦٽو ڪري ڇڏيون. پر اِهي اَسانکي هيٺ ڇڪين ٿا، ڇو تہ اَسان پاڻ کي اَڃا سڃاتو ڪين آهي. اِنڪري سڀني سنتن جي سکيا آهي:- "پنهنجو پاڻ سڃاڻ! پنهنجو پاڻ سڃاڻ!"

اَڄ ٢٣ تاريخ جنوريءَ جي، سڀاش چندر ٻوس جي جنم جو ڏينهن آهي. هن پياري ڀارت واسطي ڪيڏو نہ ڪم ڪيو! ڪيترا اَڄ ڏينهن تائين سمجهندا آهن تہ ڀارت کي آزادي نہ ملي ها جي هي پنهنجو ڪم نہ ڪري وڃي ها. Indian National Army شروع ڪيائين. انگريزن کي اُچي پؤ لڳو. ڪن جو ويچار اِئين آهي، ڪن جو ٻيءَ طرح، پر هن پياري پنهنجي جيون ڀارت ماتا جي سيوا ۾ خرچ ڪئي.

ياد ڪيو ٿي پوم ٿي تہ ڪراچيءَ ۾ جڏهن هي نئشنل ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿي آيو، هنکي ايڏي reception ملي، جو بس.

اَڄوڪو ڏينهن ٻالڪ سان ڪٽي اَچي ٿو ٻولو يادگيري سوامي يوڌراج جي. اَڄ اُنجي جنم جو ڏينهن آهه. سوامي يوڌراج چوندو هو:- ”ٻالڪ ڀڳوان! ٻالڪ ڀڳوان!“ مان سمجهان ٿو، مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين، پوءِ ڪنهن اٽڪ ۾ ڪيس نوڪري ملي. سنڌس وڏن ڪيس چيو ته توُن Revenue کاتي ۾ ڪم ڪر. ريوينيوُ کاتي ۾ تن ڏينهن ۾ پئسا جام ڪمائيندا هئا، پر هنجي دل نه لڳندي هئي. پوءِ وڃي ماستر ٿيو. ٻارن جي دلين اندر چرچو جا ٻج پوکيندو هو. چوندو هو:- ”ٻالڪ ڀڳوان! ٻالڪ ڀڳوان!“ وڌيڪ چوندو هون:- ”مون ته اَڃا ٻالڪ ڪونه ڀڳاڻيو آهي. مان ته ڪوشش ۾ آهيان، مان ته تلاش ۾ آهيان، مونکي ڳوڙوُ ملي، اُنجي چوڻ ۾ وڃي وهان. اُنجي آسپاس هيٺ، سنڌس ڪرپا هيٺ جيڪو پاٺ جهاڳي پايان“ ڏاڍا پستڪ پڙهندو هو. چاهيندو هو ته مان پستڪن جو گيان پراپت ڪريان. پوءِ چيائين ته پستڪن مان ڪجهه ڪين پراپت ٿيندو. سڀڪجهه آهي اندر! وڃ پنهنجي اَندر!

”ٻالڪ ۾ ڳولي بس تون ٻالڪ:
اَندر ٻولي ڪير؟ ڀڳوان!“

ڪير پيو اَندر ٻولي؟ اُها شڪتي ڪهڙي آهي؟ ڪڏهن پڇيو اُٿو ٻالڪ ڪان؟

اَڄوڪو ڏينهن ڪن جي وِچار موجب سائين موُلچند جو ٻه آهي. اُنهن جي ته سکيا ساڳي. سنتن سڀن جي سکيا ساڳي آهه.

اَڄوڪو ڏينهن سال ته سال يادگيري ڪٽي اَچي سنت ٽاروُ شاه جي. روهڙيءَ جو سنت هو. عجيب سنت هو. سنڌس ڪوٺيءَ جي سڀهڙي ڏاڪڻ هوندي هئي. منهنجي خوشقسمتي هئي، جو مان اُن ڏاڪڻ تان چڙهي وٽس سنڌس ڪوٺيءَ جو درشن ڪرڻ. جس ڏٺم ته پٽين تي هي اکر لکيل هئا:- ”بابا! مونکي

آهن. سرسوتي آهي وديا جي ديوي. پراچين ڀارت ۾ اُجوڪي ڏينهن وديا جو آرنڀ ڪندا هئا. ٻالڪ جڏهن پُوري عمر جو ٿيندو هو، اُجوڪي ڏينهن پتا اُنکي وٺي وڃي ڪنهن نه ڪنهن رشيءَ جي آشرم ۾ ڇڏي ايندو هو. چوندو هوس ته هي ٻالڪ تنهنجو ٻار آهيئي. رشي ڪل جو ٻار آهيئي. منهنجو ٻار ڪينهي. هنجي توکي سنڀال لهڻي آهي. پوءِ رشي اُنکي اها وديا ڏيندو هو، جنهن وديا جو آواز هو اهو هڪڙو:-

"ٻالڪ ۾ ڳولي پس تون ٻالڪ!"

اُڄڪلهه اَسين ڪيڏي نه وديا ڏيون ٿا، ڪيڏا نه پستڪ ٻارن کي پاڙهيون ٿا. هڪڙو ٻار ڏٺم، پٺيءَ تي وڏو ٿيلهو رکي پئي ويو. چيومانس ته "تون Librarian آهين يا ڪير آهين؟ هيترا پستڪ ڇو کڻي وڃين؟" چيائين:- "روز ايترا پستڪ کڻي ويندو آهيان. اهي پستڪ روز اسڪول ۾ پاڙهيندا آهن." چيومانس:- "تون ته ڪُولي چئجين، شاگرد نه ڪونه چئجين." وديا جو جيڪو مقصد آهي، اهو نٿا سيکاريون. تون ٻالڪ پيارا! دل ۾ ويچار ايندو اٿم ته جڏهن جڏهن وقت ملي ته جيڪر مهران ودياارٿين کي وڃي چوان ته اسڪول ۾ هڪ Circle ٺاهيو، جنهن ۾ توهين پنهنجي اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪريو. ساڍي ٧ بجي اسڪول شروع ٿئي ٿو. ساڍي ٦ کان ساڍي ٧ تائين ملي اَسين جيڪر اهو يتن ڪريون:- "ٻالڪ ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪريون." پوءِ ڀلي سائنس پڙهون، Mathematics پڙهون، سڀ ڪم پڙهون. سچي وديا جو آواز آهي اهو:- "ٻالڪ پيارا!" تون ڪير آهين؟ اهو تو پڇاڻيو ئي ڪونهي. تون موڙي ويندين ٻالڪ کي پڇاڻڻ کانسواءِ. پوءِ تنهنجي ڪهڙي اوستا ٿيندي؟ تون ٻالڪ کي جانور ڇو سمجهين. جانوري زندگيءَ ۾ خوش ڇو ٿين. ٻالڪ پيارا! ٻالڪ پيارا!

جيڪي صاحب چوندو هو، اهو ڪرڻو پوندو هو. هي وڃي ٿو: وڃي اهو ڪم پورو ڪري، report ڪري، گهر اچي ٿو. وري اچي ٻاهه ٻاري ٿو. تن ڏينهن ۾ گئس وغيره ڪونه هوندي هئي. ڪاٺين جي ٻاهه ٻاريندا هئا. ٻاهه ٻاري وري ديڳڙو رکي ٿو. وري اڃا اڌ ۾ آهي ته دروازي تي ٺڪڪو ٿئي ٿو:- "ٻارومل! ٻارومل! صاحب ڪوٺيئي ٿو. ضروري ڪم آهي." هن کي گمان اچي ٿو. چوي ٿو:- "هن سرڪار جي مون هيترا سال نوڪري ڪئي آهي، مونکي ڇا ڏنو اٿس؟ روٽي کائڻ جو وقت به مون کي نٿي ڏي. ان کان چڱو ته مان سرڪار جي وڃي نوڪري ڪريان. مان وڃي نام جو نوڪر ٿيان. مونکي اندر جي شانتي نه ملندي." صاحب وٽ وڃي ٿو. چويس ٿو:- "صاحب! ڪو ڪم هجي ته چئو." اهو ڪم پورو ڪري پوءِ صاحب وٽ اچي ٿو. ايماندار ماڻهو هو. ڪم پورو ڪري پوءِ اچي چويس ٿو:- "صاحب! هيءَ يونيفارم مون کان وٺ، هيءَ سيٽي مون کان وٺ. اڄ کان منهنجي استيفا آهي." صاحب چويس ٿو:- "تون استيفا ڪيئن ڏيندين؟ تو ۾ منهنجو وشواس آهي: مان توتي مدار رکندو آهيان. مان توکي اضافا گهٽيئي ڏيندس." ٻارومل چويس ٿو:- "سائين! مونکي اضافا نه کپن. مونکي ٻيو ڪجهه کپي." پڇائينس:- "جيڪي تون چوين، سو مان توکي ڏيان." ٻارومل چويس ٿو:- "سائين مونکي چت جي شانتي کپي. هينئر منهنجو چت اشانت آهي. مون نوڪري ڪئي آهي، پر منهنجو چت اشانت آهي." صاحب چويس ٿو:- "پيارا! چت جي شانتي ته مونکي به ڪونهي. تون ڀل وڃ: وڃي چت شانتي حاصل ڪر. توکي ملي، پوءِ مونکي به اچي ڏج. مونکي به چت شانتي کپي."

اسان ڏينهن هي پرڀوءَ جو پيارو ٻالڪ ڪي ڪوٺيءَ ۾ بند رکي ٿو. اها ڪوٺي جنهن جو ذڪر مون توهان سان ڪيو. اسان ڏينهن

پٽ ڏجانءِ!“ ”بابا! مون کي قياس ڪجانءِ!“ ”بابا! مونکي نانءُ ڏجانءِ!“ ”بابا! مونکي پاس ڪجانءِ!“ بابا کان اهي شيون گهرندا هئا. پر ڪنهن ڪين ائين چيو:- ”بابا! مون کي آسيس ڪر ته مان پاڻ پڇاڻان!“ جڏهن ڪرلويءَ واسطي سنت اچن ٿا، اهو اسين ڪانئن وٺون ٿي ٿا. منهنجي پاءُ کي تڪليف آهي، منهنجي ڏيءُ کي تڪليف آهي، منهنجي گهوٽ کي تڪليف آهي. جڏهن ڪرلويءَ لاءِ سنت اچن ٿا، اهو اسين انهن کان گهرون ٿي ٿا.

سنت پارومل شاهه جو بيدار هو. پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو. ڏاڍو ايماندار، روهڙيءَ ۾ وائيسراءِ آيو هو. پوليس کي انتظام رکڻو هو. تن ڏينهن ۾ ايڏو انتظام ڪونه رکندا هئا، جيترو هينئر رکن ٿا. موسان ڪنهن ڳالهه ڪئي ته راجيو گانڌي ڪٽ وڃي ته ڪروڙ روپيا هڪ ڏينهن ۾ رڳو Security تي خرچ ڪن. تن ڏينهن ۾ ايڏو بندوبست ڪونه هو، پر تنهن هوندي به پوليس ڀڄي ٿي پيهندي هئي. هو به پوليس کاتي ۾ هو. هنجي صاحب جو هن ۾ ڏاڍو وشواس هو. ڏاڍو ايماندار هو. پوليس کاتي ۾ ڏاڍا ٿورا ايماندار هوندا آهن، هي انهن مان هڪ هو. ان ڏينهن پنهنجو ڪم ڪري گهر موٽيو آهي. سندس ڌرمپتني گنگا مائي، اها وئي هئي پيڪن ۾. هي پنهنجي يونيفارم لاهي ٿو. سڄي هوندي هئس، اها لاهي رکي ٿو. چوي ٿو:- ”هاڻ جيڪر روٽي کاڄي کان: ٻک اٿم! ڏکل آهيان!“ وڃي ٿو رڌڻي ۾. اڃا روٽي تيار ڪري ٿو ته دروازي تي ڪڙڪو ٿئي ٿو:- ”پارومل! پارومل! صاحب ڪوٺيو اٿئي. ضروري ڪم آهي.“ ڪاڏو اٿئي ڇڏي وڃي ٿو. صاحب چوي ٿو:- ”فلاڻو ڪم تون ئي ڪري سگهندين، ٻيو ڪير ڪونه ڪري سگهندو. انڪري مون توکي تڪليف ڏني.“ ان ڏينهن ۾ overtime وغيره ڪونه ڏيندا هئا. تن ڏينهن ۾

اهو ڪندو. ماڻهوءَ کي جيئن ويندا وڌيڪ پيار ڏيندا،
توهانجي اندر جو چشمو آهي، اهو وهندو ڪندو ۽ ان چشمي
جو پاڻي توهين وڃي دکي لوڪن کي پهچائيندو. ويچارا لوڪ ڏاڍا
دکي آهن. پئسو اٿن، پدارٿ اٿن، عهدو اٿن، اقبال اٿن،
ماڙيون اٿن، فرنيچر اٿن، فرج اٿن، سڀڪجهه اٿن، پر ويچارا
دکي. ڇو؟ ڇوته، شانتي ڪين اٿن! اها ڇوته شانتي ملي ٿي،
جڏهن اسانکي پيار ملي ٿو پرڀوءَ جو!" صبوح جو سوير ڇهين
لڳي هي سوير جو ڇولو تيار ڪري ٿو. پهاڙيءَ جو سمدس
چوگرد کي ٿورا وڻا آهن. چوڻ ٿو:- "سادگيءَ ۾ مهنجي
جيون پڌو." جي اسين پاڻکي پهچاڻط چاهيون ٿا سادگيءَ ۾
پنهنجي جيون پڌون.

اڄوڪو ڏينهن سمت پڇميءَ جو ڏينهن آهي. اڄ رت ڦري
ٿي. سيارو ويو. سياري ۾ سڄي قدرت سمهيل هئي. "ٿوري
گرلٽ" مان اڄ اسانکي وڇن مليو:- "قدرت ساريءَ ۾ پيو
هون پري!" اڄ قدرت سجاڳ ٿي آهي. هون بارهو آلس. اسين
۾ هن وقت سٽل آهيون. سمت رت پاڻ سان اهو هڪ آواز
کڻي آئي ٿي:- "سجاڳ ٿيو! پروڙ پايو ته توهين ڪير آهيو؟"
اسين رڳو وري هڪ هيءَ ڳالهه ڪريون، هڪ هي سولو
سادن ڪريون،- ١٥-١٥ منٽن، اڌ- اڌ ڪلاڪ، ڪلاڪ - ڪلاڪ
پاڻکي رڳو هڪ هيءَ ڳالهه وري وري ياد ڏياريون:- "مان
هي ڪين آهيان، مان هوُ آهيان: مان هي ڪين آهيان، مان
هوُ آهيان!" هن وقت مان ديهه اڌياس ۾ ڦاٿو پيو آهيان. "مان
هي ڪين آهيان، مان هوُ آهيان!" "هوُ" ڇا آهي؟ اڃا خبر
ڪين اٿم، پر ايتري خبر اٿم ته مان "هوُ" آهيان. اهو "هوُ"
ڇا آهي؟ تلاش ۾ نڪرڻو آهي. ٿوري پئسي پدارٿ جي ڪري،
ٿوري مڙي جي ڪري، ٿوري سواد جي ڪري، گڏهه وانگر

دروازو کونه ٿو کولي. اڄ ڏينهن کوٺيءَ جي اندر. اُن ڏينهن کانپوءِ نڪري ٿو. شڪارپور ۾ اچي ٿو. شڪارپور ۾ هو سنڌس ڌرمپتنيءَ جي پيڪن جو گهر. گنگا ماتا وٽ اچي ٿو. گنگا ماتا جي آسيس وٺي چوي ٿو:- "هاڻ مان وڃان ٿو." ٢٥ سال هي پيارو وڃي روهڙيءَ جي ٽڪرين تي رهي ٿو. درويشن، سنتن، فقيرن جو سنگ ڪمائي ٿو. روهڙيءَ جون ٽڪريون عجيب هيون. پارس ۾ پياري دادا سان ڪيترن ئي هندن تي وڃڻ جو موقعو مليو. ٻه هند ڏٺم، جتي جو واءُ منڊل ڏاڍو عجيب هو. هڪڙو "ذبيا"- شري چنتيه جو جنم آستان. ٻي "روهڙي". روهڙيءَ جون ٽڪريون جڻ ڳالهائينديون هيون. رات جي وقت وڃبو هو، آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هئا: ڳالهائينديون هيون. ٢٥ سال هي پيارو وڃي اُت رهيو، ايڪانت ۾، ڌيان ۾.

" پاڻ ۾ ڳولي پس نون پاڻ :
اندر ٻولي ڪير؟ پڇاڻ ! "

جڏهن پاڻ پڇاڻي ٿو، ٢٥ سالن کانپوءِ ورڻي موٽي اچي ٿو. اچي لوڪن کي اهو سکيا ڏئي ٿو:- "پاڻ کي پڇاڻو! پاڻ کي پڇاڻو!" توهين پرٿويءَ جا ڪينڌان ڪين آهيو! توهين پنجن تتن جا پتلا ڪين آهيو! توهين اها چيز آهيو، جنهن جي پروڙ جي توهان کي پوي ته توهين جيڪر عجب ۾ پئو. اسين اهو آهيون. مان ڏاکن جو سودار ڪين آهيان، مان چور ڪين آهيان، مان نه راجا آهيان، مان نه راجڪمار آهيان، راجا جو پٽ آهيان. اسان مان هڪ هڪ آهي راجڪمار، هڪ هڪ آهي راجڪماري. اسين راجائن جي راجا جي سنتان آهيون. اها پروڙ جيڪر پايون!

اڄوڪي ڏينهن صبوح جو چئين اچي هن پياري سرلو جو چولو نياڳ ڪيو. پڇاڙيءَ جا اکر چوي ٿو:- "توهين پنهنجي جيون سادگيءَ ۾ ٻڌجو ته توهانجي اندر، جو پيار جو چشمو آهي،

بادشاهه وٽ. راجا اُنهن کي پئسا ڏيندو هو. چوندو هو ته هنن
کي قتل ڪري ڇڏيو ويچارا خالصا! خالص ڏاڍو سٺو آهه! ويچارا
وڃي لڪندا هئا، ڪي ٻيلن ۾، ڪي ٽڪرين ۾، ڪي غارن ۾.
هي وير حقيقت راءِ ننڍڙو ٻار مدرسي ۾ پڙهندو هو. تن ڏينهن ۾
مدرسا هوندا هئا، اسڪول ڪونه هوندا هئا. مدرسا جتي مـلا
اچي اسلامي وديا ڏيندا هئا. ٻولي سيکاريندا هئا، قرآن پاڙهيندا
هئا. وير حقيقت راءِ اهڙي هڪ مدرسي ۾ پڙهندو هو. تن ڏينهن
۾ ٻيا اِسڪول هوندا ئي ڪونه هئا. پوءِ ڪنهن ڳالهه تان ڪلاس
۾ ٻارن هندو اَوتارن بابت ڪي گهٽ وڌ اکر ڳالهايا. ڪرشن، رام،
گرو نانڪ بابت گهٽ وڌ اکر ڳالهايائون. هنکي جوش لڳي ٿو.
چوي ٿو:- ”توهين سمجهو ٿا؟ توهانجا اَوتار ڪير آهن؟“
محمد صاحب بابت گهٽ وڌ اکر، ٻين بابت ڪي گهٽ وڌ اکر
چوي ٿو. ٻارن وڃي مُلي کي دانهن ڏني. مُلي حقيقت کي ڪوٺيو.
’حقيقت‘ ڪري ڪوٺيندا هئس. چيائينس:- ”هيءَ ڳالهه
سچي آهي؟ تو هيئن چيو؟“ چيائينس:- ”ها.“ مُلي چيس:-
”خبر اٿيئي ته هن جي سزا ڪهڙي آهي؟ هن جي سزا اٿيئي
تنهنجو سر قتل ٿيندو.“ حقيقت چيس:- ”پرواهه ناهي.“ ايڏي
ڪا هن ۾ شڪتي هئي، ايڏي ڪا هن ۾ سگهه هئي. چيائين،
پرواهه ناهي. مُلي وڃي دانهن ڏني قاضيءَ کي، قاضيءَ وڃي
دانهن ڏني بادشاهه کي. بادشاهه هن ٻار کي ڪوٺي ٿو. چـويس
ٿو:- ”تون جيڪر اِسلامي ڌرم اَختيار ڪرين، توکي جاگيرون
ڏينداسين، توکي وڏو عهدو ڏينداسين، توکي چار سهڻيون زالون
وٺي ڏينداسين، جڏهن وڏو ٿيندين. سڀڪجهه توکي ڏينداسين.“
هي چوي ٿو:- ”مان اسلامي ڌرم اَختيار نه ڪندس.“ پـوءِ
هنکي ڦٽڪا هڻن ٿا، هنکي ڌڪ هڻن ٿا، بيهوش ٿي وڃي ٿو.
هڪ پيرو بيهوشيءَ مان اٿي ٿو، سندس پتني اڳيان بيٺي آهي.

وڃي مٽيءَ ۾ ليٽڻ لڳڻ لڳا. گروءَ چيو ته:- "گرديپ پريمت پسم سنگهه هوءِ!"

ھڪڙو سنت ھوندو ھو. وٽس جيڪي ايندا ھئا، انھن کي چوندو ھو:- "اوھين گڏھه آھيو." چوندا ھئس:- "سائين! اسانکي گڏھه ڇو ٿو ڪوٺين؟" چوندو ھو:- "گڏھه ڪير؟ جنھن سان گڏ ڏھه آھن. گڏ+ڏھه=گڏھڏھه جنھن سان گڏ آھن، اھو گڏھه آھي انھن جو ڏھن جي ئي ويچار ۾ رھي ٿو، جو انھن ڏھن جي ئي سنگهه ۾ رھي ٿو، اھو گڏھه آھي. ڏسو، توھين به ڏھن جي سنگهه ۾ رھو ٿا." پڇندا ھئس:- "اھي ڏھه ڪير آھن؟" چوندو ھو:- "اھي آھن ڏھه اندريون،- پنج گيان اندريون ۽ پنج ڪرم اندريون. توھين اندرين جا غلام آھيو. پاڻکي اندريون ڪري پيا سمجھو. ورلي پاڻکي سمجھو ٿي ته اوھين ڪھڙي چيز آھيو. ان کان ٻاھر نڪرو." "مان ھي ڪين آھيان، مان ھوءَ آھيان!" اھو "ھوءَ" ڇا آھي؟ اڃا پروڙ ڪين پاتي اٿم. سچائيءَ سان اِھي اکر چوان، پر ان "ھوءَ" جي پروڙ پائڻ چاھيان ٿو. "منھنجا پريو! مون تي تون آسيس ڪر ته مان به پروڙ پايان!" اھڙي اِنسان جي زندگي ٻيءَ طرح ٿي پوي ٿي. ھينئر اسين پاڻکي ھي سرير ڪري پيا سمجھون، اِنڪري جيڪي ڳالھيون ھن سرير کي پياريون آھن، سي اسانکي پياريون ٿي وڃن ٿيون.

اَڄوڪو ڏينھن بالڪ حقيقتراءِ جو پڻ ڏينھن آھي. اڄوڪي ڏينھن لاھور ۾، تن ڏينھن ۾ جڏھن پاڪستان ۾ ھئاسين، پاڪستان پيو، تنھن کان اُت اڳهه ميلا لڳندا ھئا. وڏو حقيقتراءِ جو ميلو لڳندو ھو. ھي ٩ ورھين جو ننڍو بالڪ ھو. تن ڏينھن جو راڄ، انجو آلائي ڇو اڄي وڏو پيو. جيڪي به خالصا ھئا، جنکي ڪيس ھئا، ڪير به ڏسندو ھو، انھن کي پڪڙي ايندا ھئا

ڪروڌ کان پاسو ڪريو!

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

" ڪروڌ ٻڌو ڏکدائي،
پهلي آڳ لڳي مَن کو، پاڇي اؤر جلائي!
جو جو اُوڳڻ اَنتر هووئي، سو سو پرڳهٽ ٿائي!"

ڪروڌ جلائي ٿو. ڪروڌ ڏاڍو ڏکدائي آهي، ڏک ڏيڻ وارو آهي. پاپي آهي. اَسان وٽ پاپي جيڪو آهي، سو آهي ڪروڌ. پهرين پنهنجي مَن کي باهه ٿو ڏئي. پوءِ ٻين کي وڃي ٿو جلائي. توهين ڏسندا ڪروڌ نه ڪير ڪندو، پوءِ chain reaction ٿيندو آهي. مون سان ڪنهن ڪروڌ ڪيو، مان وڃي ٻئي سان ڪندس. اُهو وري ٻئي ڪنهن سان ڪندو. آفيس ۾ جي ڪلارڪ کي آفيسر ڪروڌ ڪيو، ڪلارڪ ڇا ڪندو؟ سهي ويندو. ڪروڌ اَندر جليو پيو اٿس. گهر ۾ موٽي مس ته زال تي ڪندو. اَڄ ڪلهه جون زالون نه ٻڌنديون آهن. اڳي ويچاريون زالون ٻڌنديون هيون. وري زال کي ڪروڌ مليو، اُها ڇا ڪري؟ مرد سان ته نه پڄي سگهي، نؤڪرياڻيءَ تي وڃي ڪروڌ ڪندي. نؤڪرياڻي وري ڇا ڪري؟ ويندي پنهنجي گهر، وڃي ٻار کي ڌڪ ٻو هڻندي. It is a chain reaction.

" ڪروڌ ٻڌو ڏکدائي،
پهلي آڳ لڳي مَن کو، پاڇي اؤر جلائي!"

ڪروڌ جي باهه اُهڙي آهي، جو ٻين کي وڃي ٿي جلائي.

چوڻس ٿي :- ”حقيقت! منهنجا پيارا پاءُ! ڪٿي اسلامي ڌرم اختيار ڪر. تون زنده نه هوندين ته." ماتا پتا به اچي چوڻس ٿا :- ”پٽ تون اسلامي ڌرم اختيار ڪر." حقيقت چوي ٿو:- ”جي پنهنجو ڌرم ڇڏڻ ۾ ڪا ڪٺنائي نه هجي ها ته راجا هرشچندر پنهنجو راڄ پاٽ ڇڏي ها. راجا هرشچندر وڃي چنڊال ٿيو ٿو. گرو تيغ بهادر پنهنجو سر قتل ڪرايو. انهي به ته اورنگزيب چيو هو:- 'تون اسلامي ڌرم ۾ اچ، توکي ڇڏي ڏيندا.' گرو گوبند سنگه، جن جا ٻه صاحبزادا، جن پاڙڪي پٽ ۾ چڻايو: ڇو؟ هي سڀ ڳالهيون هت رهجي وينديون. ڌرم آهي، جو اسين پاڻ سان کڻي وينداسين. ”مان ڌرم ڪونه ڇڏيندس." ڪي چوڻس ٿا :- ”توکي ماڻ ڪهن ٿا، توکي هاڻ مارين ٿا." چوي ٿو:- ”مونکي ڇا جو ماريندا؟ مان ته ٻي چيز آهيان. هن سريرکي ماريندا." ”مار نه سگهو ڪو، حقيقت کي حقيقت کو!" چوي ٿو:- ”حقيقت جي جيڪا حقيقت آهي، حقيقت جو جيڪو سچو روپ آهي، انهي کي ڪير ماري سگهندو؟ ڪير ڪونه ماري سگهندو!" تون ورهين جو ننڍڙو ٻار، اهڙا پروڙ پاتائين، جا اسان اڄا تائين نه پاتي آهي. ٧٠ ورهين جا، ٨٠ ورهين جا، ٩٠ ورهين جا اچي ٿيا آهيون، اڃا تائين حقيقت جي پروڙ نه پاتي اٿئون.

”اول سڃاڻج صورت پنهنجي:
پوءِ سڀ صورت پسو پيارا!"

”پاڻ ۾ ڳولي پس تون پاڻ:
اندر ٻولي ڪير؟ سڃاڻ!"

[پونا: ٢٣-١-٨٨]

وٽو ٻاهاري ڇوندو هوس ته ”اهو ٿورو وقت آ. تون منهنجي
پوسان ٿي وڃ.“ هلائيندو پارڪ هو. پاسي کان وهاري، پوءِ ٻئي
ويهي هلندا هئا Garage تائين. پوءِ اُتان ايندا هئا اندر. هڪ
ٻئي کان خبرچار وٺندا ڪندا هئا. هيءَ وڏو آفيسر هو، پر وڏن
آفيسرن جي ائين وڏا آفيسر ٿين ٿا، Ministers ٿين ٿا، پيا ٿين
ٿا. ڇو نه هڪ ڏينهن هن سان سندس ڪنهن هڪ وڏي آفيسر
ڪروڌ ڪيو. هنجي اندر جوش ته مون ڪيو ڪيچ ڪين: مون
سان ڪروڌ ڇو ڪيائين؟ جڏهن موٽيو گهر: زال اچي سندس
دروازو کوليو. نهاريائينس ته ڪونه، مونو جو در ته ڪونه کوليائينس
ته تون منهنجي پوسان اچي وڃ. زال پڇيس:- ”اڄ ڇا ٿيو آهي؟
اڄ مونکي پنهنجي پوسان وهاريءَ نٿو: ڇو؟“ هن جـو اندر
ڪڙهيو پئي، سو يڪدم چيائينس:- ”رڳو پيئي ٻڙ ٻڙ ڪرين،
تنهنجو آواز ته مون کي وڻيئي نٿو.“ هيءَ زال ٻڌي حيران ٿي
وئي. سڄي ڏينهن ۾ هيئنر آئي ڪنڌي نه پيار ۾. سڄي ڏينهن
جو پيار ڪٿو ڪري اچي هن کي ملي ۽ هيءَ حالت سامس ٿي.
بس، هن جي اندر اهي اثر گهڙي ويا. هن جو روح نڪ ٿي
ويو. چيائين:- ”ڇوي تو ته مان تنهنجو آواز ٻڌڻ نٿو چاهيان،
تون رڳو ٻڙ ٻڙ پيئي ڪرين. مان هن کي پنهنجو آواز ڪين
ٻڌائيندس.“ اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيس. پوءِ ته هوءَ (گهوٽ)
ٿڌو ٿيو. پر اکر ته نڪري ويا. اها آهه ڪروڌ جي تڪليف.
اکر جڏهن توهان جا نڪري ويا، وري واپس نه ايندا. ٿيو ڪمان
مان نڪتو، وري واپس ڪين ايندو. Tooth-paste ٽيوب مان
نڪتي، وري واپس ڪين ايندي. ڪڏهن وري واپس وڌي
اٿو؟ هڪڙو ڳوٺاڻو آيو، اچي شهر ۾ رهيو. چيائين:- ”مونکي
ڏندڻ ڏيو.“ چيائونس:- ”پيارا! هت ڏندڻ ڪونه ٿيندو آهه،
هت Tooth-paste ٿيندي آهي.“ کيس ٽيوب ڏنائون. هن

توهان جي پاسي يا ٻئي ڪنهن هنڌ جتي باهه لڳي، تنهن هيءَ ڪروڌ جي باهه وڏي باهه آهي. باهه کان ٻار کي بچايو! يا ڪروڌ کي جلايو يا ڪروڌ توهان کي جلائيندو، جتي توهان کي وٺي...

”ڪروڌ ٻڌو دکدائي،
ٻهاري آگ لڳي من کو، ٻاڇي اور جلائي!
جو جو اوگڻ انتر هووئي، سو سو پرگهٽ ٿائي!“

جيڪو جيڪو اوگڻ منهنجي اندر ڇپيل آهي، ان وقت ٻاهر نڪري ٿو اچي. توهين نه ڪاوڙ ڪندا ڪنهن تي، اوڏي مهل سڀ ٻڌ گم ٿي ٿي وڃي. سڀ ڪوڙ جي پروڙ نٿي پوي. اندر ۾ جيڪي اوگڻ آهن، جيڪي اسين هيٺ ڇپائي، لڪائي وينا آهيون، سي ان وقت اچي ٿا پرگهٽ ٿين.

” جو جو اوگڻ انتر هوويءَ، سو سو پرگهٽ ٿائي!“

انڪري ڪروڌ کان پري رهو! هميشه ٻار تي نظر رکو، جتي ڪروڌ نه اچي. ڪروڌ شروع ٿئي، ان وقت يڪدم خبردار ٿيو. ڇتوس، ٿورو وقت ترس يا ان وقت گرديو جي ڪمل چرڻن جو ڌيان ڪريو، ان وقت پنهنجي اشٽ ديو جي ڪمل مکڙي جو ڌيان ڪريو، ان وقت نام سمرن ڪريو، پر ڪروڌ کي اچڻ نه ڏيو. جي هڪواريءَ ڪروڌ لڳو، پوءِ الائي ڇا ٿي پوي!

رشيا جي پسنڪن ۾ هڪ ڳالهه پڙهي آهي ته ٻه جڻا هوندا هئا، گهوٽ ۽ ڪنوار. ٻئي هڪٻئي کي ڏاڍو پيار ڪندا هئا. گهوٽ موٽندو هو آفيس مان، تنهن کان اڳ هيءَ استري وڃي بيهندي هئي ٻاهرئين دروازي وٽ. گهر جي Compound wall وٽ لوهه جا دروازا ٿيندا آهن اُت وڃي نهاريندي هئي ته منهنجي گهوٽ جي موٽر ڪيڏي مهل ٿي اچي. پوءِ موٽر ايندي هئي، هيءَ ٻار پنهنجي هٿن سان دروازو کوليندي هئي. گراج (Garage) ساڄهون هوندي هئي دروازي جي، پر نه، گهوٽ

ڏينهن پڇائينس:- ”ياد ڪيو اٿيئي؟“ پدمنڀ چيو:- ”سائين!
اڃا اڌ ياد ڪيو اٿم: ٻيو اڌ مون ياد ڪونه ڪيو آهي.“ پنج
ڏينهن، ڇهه ڏينهن، ست ڏينهن، هفتو گذري ويو. هفتي ڪانپوءِ
جڏهن هن وري ساڳيو جواب ڏنو ته مون رڳو اڌ ياد ڪيو آهي
ته رشيءَ کي اچي ڪاوڙ لڳي، غصو لڳس. پڇائينس:- ”تنهنجو
مغز آهي يا ڇا؟ تون هيءَ ننڍڙي ڳالهه نه ٿو ياد ڪري سگهين؟
”ستيم ود: ڪرودم ماڪرو!“ اهو به تون نٿو ياد ڪري سگهين
ته تون پڙهين ڇا ڪندين؟“ جڏهن گروءَ ڪاوڙ ڪيس ته هو
سانت ۾ رهيو: پڇائين:- ”سائين! اڄ مون ياد ڪيو! اڄ ٿي
مونکي وجهه مليو ته مون تي ڪير ڪاوڙ ڪري ۽ مونکي ڪاوڙ
نه لڳي. هينئر مون ڏٺو ته مونکي ڪاوڙ ڪونه لڳي. انڪري
مان سچ سان چئي سگهان ٿو ته مون ٻئي اڌ اڄ ياد ڪيا.“
ته هيءَ سبق رڳو اکرن ۾ نه ياد ڪرڻو آهي، پر جيون ۾ آڻجي
ساکي ڏيڻي آهي. مون پڙهيو ته سچين ته هميشه سچ ڳالهاءِ،
پر مان هميشه سچ ڳالهايان ٿو يا نه؟ جي نه، ته مان سبق ڪونه
سکيو آهيان. ”ڪاوڙ ڪنهن تي نه ڪر،“ اکر ته مون پڙهيا، پر
اڃين آهي يا نه ننڍي وڏي ڳالهه تي مان ڪاوڙ ۾ پئجي ٿو
وڃان. تنهن جي معنيٰ مون اهو سبق اڃا پڪو ياد نه ڪيو آهي.

”ڪروڌ بڌو دکدائي“

سڪندر بادشاهه جڏهن اچي ٿو ڀارت ۾ پهرين ويچار هوس
ته مان ڀارت کي فتح ڪريان. پوءِ ڄاڻائين ته ڀارت جا ماڻهو تمام
بهادر آهن: انهن سان مترتا جو ناتو رکان. اهو ناتو رکڻ مونئي
پئي ويو. ايتري ۾ کيس ياد ڪيوري پيئي ته سندس ماڻهن کيس
چيو هو ته ”تون ڀارت ۾ وڃين ٿو، اتان اچين ته ڪو يوڳي اسان
واسطي وٺي اچج. اسين ڪنهن يوڳيءَ جو درشن ڪرڻ چاهيون
ٿا.“ ان ڏينهن ۾ يوڳ جي ساڌنا پڪڙيل هئي. انڪري سڪندر

وِچاري کي ڪهڙي خبر؟ ڏاڍائين زور ته ڪيتري ئي پيسٽ نڪري آئي. وري وجهڻ ڪونه سگهيا. اها اُتي ئي رهجي ويئي. ائين اکر هڪواري نڪتا، وري توهين اندر ڪونه ڪري سگهندا

پوءِ هن گهوٽ گهڻوئي پنهنجي اِستريءَ سان ڳالهايو، پر هن جو روح ئي جڻ ٻڌ ٿي ويو. اهڙو ڪو هن کي ڌڪ لڳو، ٻين سان ڳالهائيندي هئي، پنهنجي گهوٽ سان ڳالهائي ڪين سگهندي هئي. چاليهه سال اِئين گذري ويا. ٤٠ سال گهوٽ هن جو آواز ڪين ٻڌو. نيٺ اچي هن گهوٽ جي پڇاڙي پهتي. موت جي بستري تي آهي. اُن وقت هٿ جوڙي چوڻ لڳو:- ”منهنجي پياري! مون کي هڪ ئي اکر ٻڌاءِ، جڏهن مان سنتوش سان وڃي سگهان. مونکي پڪ ٿئي ته تو مونکي معافي ڏني.“ پر هن جي مک مان اکر نڪري ئي نه. اِئين ئي گذاري ويو. پنهنجي اِستريءَ جا اکر ٻڌڻ کانسواءِ گذاري ويو.

اِنڪري ڪروڌ کان پري رهو. ڪروڌ جڏهن اچي ٿو، روڪڻ ڏاڍو مشڪل آهي، پر اُڀرڪڻ نه ڏيو، اُٿڻ نه ڏيو. پهريون ئي پهريون سبق پراچين ڀارت ۾ وديارٿين کي سيکاريندا هئا، سو هي:- ”ستيم وَد؛ ڪروڌم ما ڪرو.“ هميشه سچ ڳالهاءِ ۽ غصو (ڪروڌ) ڪڏهن ڀي نه ڪر. Always speak the truh and never yield to anger.

هڪ ڏاڍي مٺي ڳالهه لکيل آهي. پنج پانڊو ڀاءُ درونا چاريه وٽ سندس آشرم ۾ وديا وٺڻ ايندا هئا. پوءِ پهريون ئي پهريون سبق هن رشيءَ کين سيکاريو:- ”ستيم وَد: ڪروڌم ما ڪرو!“ ٻئي ڏينهن آيا: پڇائين:- ”توهان ڪالهه وارو سبق ياد ڪيو؟“ چئن ڀائرن چيو ته اسان ياد ڪيو آهي. وڏي ڀاءُ يڌشٽر چيو:- ”سائين! مون رڳو اڌ ياد ڪيو آهي. اڌ اڃا مان ياد ڪري ڪين سگهيو آهيان.“ رشيءَ وري کيس ٻڌايو. وري ٽئين

"فلاڻي مون سان تڪا اکر ڳالهايا: مون ٺهه ڳالهايامانس." مون چيومانس :- "شاباس!" پر اهو صحيح ڪونهي. جڏهن ڪير ڪروڌ ڪري ۽ اهو ڪروڌ مان ٿي وڃان، ڪاٺي وڃان، ان ماڻهوءَ کي ابيشڪ ڌنيواد آهه. پوءِ چيس ته "تو ٻن ڳالهين ذڪر ڪيو آهه. مان هڪ هڪ ڪري ڪٽيندس. پهرين تو مونکي چيو ته تون مونکي ٽڪرا ٽڪرا ڪندين. ياد رکه ته تون مونکي ٽڪرا ٽڪرا ڪري نٿو سگهين. مان اهڙا چيز آهيان، جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي نه ٿي سگهي. نه شستر ٿو آتم کي ٽوڙي، نه هوا ٿي سڪائي، نه پاڻي ٿو ان کي پوڙي، نه اگني ٿي ان کي جلائي! اهڙا آتما اسين آهيون. پوءِ جي دوران اسان کي پروڙ پوي ٿي ته اسين ڪهڙي چيز آهيون اهڙا چيز شستر نه ٿا ٽوڙي سگهن، تلوار نه ٿي ان کي ڪپي سگهي. باقي تون سرير ڪـي ڪپي سگهندين. هيءُ سرير ته مان ڪين آهيان. پـل توکي جيترا پيرا ڪپڻو هجي، اوترا پيرا ڪپ.

ٻي ڳالهه تو چيو ته تون عالمگير (World Conqueror) آهين. تون عالمگير ڪٿي آهين؟ تون ته غلام آهين! منهنجي غلام جو تون غلام آهين!" سڪندر بادشاهه اهي اکر ٻڌي چيو ته "هيءُ پهريون ماڻهو آهي، جو مونکي غلام ڪري ٿو سڏي. مان تـه سڄي دنيا جو راجا آهيان. سڄي دنيا فتح ڪري آيو آهيان. مونکي چوي ٿو غلام، وري غلام جو به غلام!" پـر هن جـي شانتي ڏنائين، سڪندر بادشاهه کـي لڄ اچي وئي ته مان هن سان ڪهڙي هلت هلي رهيو آهيان. ۽ هي ڪهڙو نـه سانت ۾ ويٺو آهي! چيائينس :- "مونکي سمجهاءِ تـه مان تنهنجي غلام جو غلام ڪيئن آهيان؟" پوءِ چيس :- "منهنجو غلام آنيڻي ڪروڌ، غصو. انهيءَ جو تون غلام ٿي ويو آهين. ڏس، ڪيتري ۾ اوتي غصو سوار ٿي ويو. تو چيو تـه تـو سڄي دنيا ٿي فتح

کي چيائون ته ڪو يوگي وٽ اچ ته اُن جو درشن ڪريون؛ جڏهن جي چرڻن ۾ ويهي اسين ٻه ڪجھ يوگ سکون. سڪندر پڇيو ته ”يوگي ڪٿي ملندا آهن ته مان هڪڙو ٻي وٽ وڃان؟“ کيس چيائون:- ”يوگي ته اُتي ٻن (Forest of Meditaion) ۾: اُتان تون وٽ وڃ. اُت توکي ملندا.“ گهڙيو ٻن ۾: ڏٺائين هڪ يوگي وڻ هيٺ ويٺو آهي. اکيون سندس ٻوٽيون پيئون آهن: سندس مک ۾ عجيب شانتي. اُن جي اڳيان سانت ۾ وڃي ويهي رهيو. يوگيءَ اکيون کوليون: يوگيءَ کي چيائين ته ”تون هل مون سان گڏ جي يونان (Greece) ملڪ ۾. مان توکي وٺڻ آيو آهيان. توکي جيڪي کپي، مان توکي ڏيندس. پيسو پدارٿ، بنگلا ماڙيون، نوڪر چاڪر، جيڪي توکي کپي مان توکي ڏيندس. تون مون سان گڏجي هل!“ يوگيءَ چيس:- ”مونکي ته کپي ڪجھ ڪين. مونکي جيڪي کپي، سو مونکي هت آهي. مان اُتي يونان ۾ ڇو هلان؟“ سڪندر بادشاهه هو عالمگير (World Conqueror) ڪڏهن به هُن کي ڪنهن ”نه“ ڪونه ڪئي هئي. هي ڪجھ ڇوي، سڀ چون:- ”حاضر! جو حڪم!“ هي پهريون دفعو پڌائين ته کيس ڪنهن ”نه“ ٿو ڪري. غصو اچي ويس. ”ڪروڌ پڌو دکدائي.“ ڪاوڙ اچي لڳس. چيائينس:- ”خبر اٿيئي ته تون ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟ مان آهيان عالمگير (World Conqueror) Alexander, the Great. تون مونکي ’نه‘ ٿو ڪرين؟“ يڪدم ترار ڪڍي ٿائين. چيائينس:- ”هيءَ ترار ڏسين ٿو: اُن سان توکي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندس، جي تون مونکي ’نه‘ چوندين.“ يوگي ته سانت ۾ هو. جڏهن ڪروڌ توهان ۾ کير ڪري ۽ توهين سانت ۾ وهو، اها ڏاڍي وڏي ڳالهه آهي. اڪثر ڪري ڪو اسان تي ڪروڌ ڪري ته اسين وڌيڪ ڪروڌ ڪندا آهيون. هڪڙو ماڻهو مونکي گڏيو، چيائين:-

ذهن پڻ جنهن ۾ هي "ڪروڌ" ڏاڍو تکو آهي. سڀو وقت اسان کي خبردار ٿي رهڻو آهي، ڇو ته جي ڪڏهن به وقت اسين خبردار نه آهيون ته هي گهڙي ٿو اچي. اڀياس ڪرڻ سان اسين هر وقت سجاڳ رهي سگهون ٿا. پوءِ اسان جي سپنن ۾ به اسان جو ضابطو ٿي ٿو وڃي. ڇو ته سپنن تي ضابطو Sub - conscience جو آهي، جو ڪڏهن سمهي نٿو: هر وقت سجاڳ آهي. هيءَ اها چيز آهي، جا توهان جي دل جي ڌڙڪن هلائي رهي آهي. توهين ڏسو، توهين سمهيا پيا آهيو، دل جي ڌڪ ڌڪ سڀو وقت پئي هلي. ساهه سڀو وقت پيو کڄي. اهي ڳالهيون Sub - conscience وٽي هلائي. پوءِ نه جي Sub-conscience کي اسين سيکاري ڇڏيون ته غصو نه ڪرڻو آهي ته غصو نه ڪنداسين. پوءِ سپني ۾ نه غصو نه ڪبو. ڪيترا دفعا ائين ٿيندو آهي، سپني ۾ واڪا ڪري اٿندا آهن. جي ڪو پاسي ۾ هوندو ته پڇندو ته ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟ تو وٺي واڪا ڪيا. اهڙا آزمودا ڪيترن کي ملندا آهن. انسان اهو، جنهن کي awareness آهي. ڏسو ڪو ايولوٽا جو ويچار ته نه ٿو اچي، ڪو ڪروڌ جو ويچار ته نه ٿو اچي، ڪو ڌڪار جو، ڪو حسد جو، ڪو ٽيسي جو ويچار موٽڪي نه ڪونه ٿو اچي. يڪدم ان کي روڪيو. ويچار اچي ٿو، توهان جو ڏوهه ڪونهي. ويچار اچي ٿو اهڙيءَ طرح جئن ڪو ماڻهو دروازو کڙڪائي ٿو. توهان جو ڏوهه ٿيندو جي توهين دروازو کولي ان کي چئو:- "مهرباني پرين! مهربان ڀاءُ! تون اچ: توکي ڪوڪا ڪولا پياريون." هڪواريءَ توهان هن کي اندر اچڻ ڏنو ته ڦاسجي ويا. واڻهڙو لڳهيو، گهڙيو اندر مزمان ٿي: پر جي اندر اچڻ ڏنوس ته توهان جو مالڪ ٿي ويهي رهندو. انڪري دروازو کڙڪائي ته يڪدم چئوس:- "هٽ جاءِ! هٽ جاءِ! اتي جڳهه نهين هئي!"

پاڻي آهي، پر لوڀ ڪروڌ تي فتح نه پاتي آهه." گرو جن پنهنجي باڻيءَ ۾ چيو آهي:- "من جيتي جڳ جيت". تو جي من جيتيو، تو سڄي جڳ کي جيتي ڇڏيو. ڪروڌ کي جيتڻ، سڄي جڳ کي جيتڻ. سڪندر بادشاهه کي چيائين:- "تون ته منهنجي غلام جو غلام آهين. ڪروڌ ته منهنجي حڪم ۾ هلندو آهي. خبردار، جي مونتي ڪروڌ چڙهي آيو! تو تي ڏس ڪيتري ۾ نه ڪروڌ چڙهي ويو!"

"ڪروڌ بڏو دکدائي،
پهلي آگ لگي من ڪو، پاڇي اؤر جلائي،
جو جو اوگڻ انتر هووي، سو سو پرگهٽ ٿائي!"

اسان جي اندر جا اوگڻ نڪري ٿا اچن. مان توهان کي سچ ٿو ٻڌايان. جنهن وقت ڏسو توهان کي ڪروڌ لڳي ٿو، انوقت توهين آرسيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏسو. خاص ڪري پيهرون، توهين ڏسنديون، توهان جو منهن اڳئي جا ٿي ويو آهي ۽ اُن منهن جي ڏپ کان وري توهين ڪروڌ ڪونه ڪنديون. جو ته توهين چاهينديون آهيو ته توهين هميشه سنيون لڳو، سندر لڳو. توهين هڪواريءَ ڏٺو ڏسو توهين ڪروڌ ڪريو ٿيون، توهان جو منهن ڪهڙو ٿي ٿو وڃي. انسان جو منهن راڪشس جو منهن ٿي ٿو وڃي

"ڪروڌ بڏو دکدائي،
پهلي آگ لگي من ڪو، پاڇي اؤر جلائي!"

ڏسو، ڪروڌ اچي ٿو، يڪدم فون ڪريو. اسانوٽ هندستان ۾ Fire Brigade جو نمبر آهي ۱۰۰. يڪدم انکي فون ڪن. توهين به يڪدم Fire Brigade کي فون ڪريو. اهاFireBrigade آهه پريوءَ جو نام. "پريوُ! مونکي بچاءِ!" پنج وڏي اسان جا آهن:- ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار.

تنھن ڪم؟

دادا :- اَڄ جو ويچار :-

"تنھن ڪم؟"

اُن جي معنيٰ "پوءِ ڇا؟" (What then?)

"پوءِ ڇا؟" ٻارن کان اهو سوال ورِي ورِي پڇو. مان لک ڪروڙ ڪمايان ٿو : پوءِ ڇا؟ گھڻو ٻارن سان ڪٺي سگھندس؟ مان وڏي وديا وٺان ٿو: پوءِ ڇا؟ مان سھڻيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪريان ٿو : پوءِ ڇا؟ ڪوھ ڪم ڪريون : پڇون ٻارن کان :- "پوءِ ڇا؟" ٻنگلا جوڙائيندس، وڏيون جڳھيون وٺندس : پوءِ ڇا؟ Microphone تي ڳالھائيندس پوءِ ڇا؟ (What then?)

گرو نانڪ ديو جن جڏھن لاھور ويا ھئا. ڪين خبر پوي ٿي ته اُتي ھڪ شاھوڪار ماڻھو آھي، جو پنھنجي ناھڻ ۾ ڏايو مشغول آھي. شاھوڪار ماڻھوءَ جو پنھنجي ناھڻ ۾ ڏايو چاھ ٿيندو آھي. جيترو پئسو وڌي، اوترو وڌيڪ لالچ ۾ ڦاسندو. مھيڏا پيارا! ھاڻ گھڻو ٿي ٿيو! بس ڪر! پر ھو چوندو:- "پنج ڪروڙ ٿيا آھن، ٥٠ ڪروڙ ڪندس. جي ٥٠ ڪروڙ ٿيا آھن ته ١٥٠ ڪروڙ ڪندس. پوءِ ڇا؟ ڇا جي واسطي ايترو ڌن ڪٺو ڪرين ٿو؟ ڇي، خرچ ڪندس. ڪڏھين خرچ ڪندين؟ جڏھين وقت ملندو! ڪڏھين وقت ملندو؟ اھا خبر ڪونه آھي. ھن وقت ته مان ڪمائڻ ۾ مشغول آھيان.

گرو جن جڏھين لاھور ۾ آيا ھئا، دنيچند جي مڪان جي ٻاھران

House full with the Name of God !
House full with the presence of God !
House full with the thoughts of God !
Be aware all the time !

” ڪروڌ ٻڌو ڏکدائي،
ٻهري آڳ لڳي من ڪو، ٻاهي اؤر جلائي ! “

اِها جهڙي آڳ آهي. هڪ ماڻهو مونکي ڳڌو. سندس مهن ڪارو جهڙو ڪوئلو. مونکي چيائين ته منهنجي اندر آڳ ٻيڻي ٻري ۽ اِها آڳ وسامندي ڪين، جيستائين مون اُن ماڻهوءَ کي شوٽ (shoot) نه ڪيو آهي، جو ڪارڻ هو منهنجي پيءُ جي موت جو. Indirectly منهنجو پيءُ گذاري ويو، ڇو ته هن ڪڇ ڪيو. هاڻ اُن کي جيستائين مون shoot نه ڪيو آهي، تيستائين منهنجي اندر جي آڳ ٻجهندي ڪين. اهو ڪروڌ، اهو تڪار، اِها آڳ ٻجهندي ڪين. آڳ ٻيڻي ٻري ۽ توهان جي سڄي خوشي ساڙي ڇڏي ٿي.

” ڪروڌ ٻڌو ڏکدائي،
ٻهري آڳ لڳي من ڪو، ٻاهي اؤر جلائي !
جو جو اوگڻ انتر هووءِ، سو سو پرگهٽ بتائي ! “

[جاڪرتا: ١٩٨٣-٤-١٦]

"سائين! حاضر! ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. رڳو سئي ڇو؟ ٻيو
به جيڪي توهين چئو، سنڀالي رکان." هن سمجهو مهنجي زال
ويٺي آهي: پاڻيهي پنهنجي سنڀاليندي. هڪ ننڍڙي سئي مونتي
ٿورئي ڪــو بوجو ٿيندي. مونکي رڳو گروجن کي پرلوڪ
۾ آهي."

سئي کڻي آيو پنهنجي گهر. اچي زال کي چيائين ته "گروجن
هيءَ سئي ڏني آهي. بلڪل سنڀالي رکڻي آهي. ٻين سڀن سان
متان هن کي گڏ رکين. جدا رکڻي آهي ڇــو ته جڏهن پرلوڪ ۾
مونکي گروجن ملندا، اتي مونکي هيءَ سئي کين واپس ڏيڻي
آهي." ٻڌي سندس زال کيس چيو ته "تون هيءَ ڪهڙو ڪم
ڪري آيو آهين؟ سئي پرلوڪ ۾ تون ڪئن پهچائيندين؟ جڏهن
توکي سڀ ڪجهه هتي ئي ڇڏي وڃڻو آهي هٿ به تون پنهنجا
هتي ئي ڇڏي ويندين، پوءِ تون سئي ڪئن کڻي ويندين؟ هيءُ
سرير هتي ڇڏي ويندين: پوءِ سئي اتي ڪئن کڻي ويندين؟"
دنيچند چوي ٿو:- "هيءَ ڳالهه ته بيشڪ سچي ٿي چوي."
سئي کڻي ڊوڙندو گروجن وٽ وڃي ٿو. گروجن کي چوي ٿو:-
"گرديو، مونکي معاف ڪجو. مهنجي زال مونکي هينئر سمجهايو
ته سڀ ڪجهه هتي ڇڏي وينداسين. سئي مان توهان کي اتــي
ڪئن ڏئي سگهندس؟ ڪرپا ڪري ٻيو ڪو ڪم ڏيو، جهڙوڪ
ڌرمسالا ٺهرايان يا گردوارو ٺهرايان يا کوهه کوٽايان. سئي مان اتي
ڪئن پهچائي سگهندس؟" گروجن ڏانهس نهاريو ٿا! مهر نظر
سان نهاري کيس چون ٿا:- "دنيچند! جي هڪ سئي بـه پاڻ
سان کڻي ڪونه سگهندين ته پوءِ هيڏو پسارو ڇا واسطي؟ صبوح
کان وٺي رات تائين رڳو پيسو، پيسو! تــون وڃين ٿــو پيسا ڪٺا
ڪندو: اهو پيسو پوءِ ڇا واسطي؟" دنيچند چوي ٿو:- "سائين!
توهان جي ڳالهه بلڪل سچي آهي." پوءِ گروجن چونس ٿا ته

لنگهڻ لڳا. وڏو مڪان، وڏو گهر، وڏو بنگلو، ۽ اُن جي مٿان
جهنڊا لڳا پيا هئا- نوَ جهنڊا. گروجن پڇيو ته:- "هي جهنڊا
ڇا جا آهن؟" گروجن کي ٻڌايائون ته هڪ لک رپيا ٿيا ته دنيچند
هڪ جهنڊو هڻيو، ٻه لک ٿيس ته ٢ جهنڊا. ٩ جهنڊا معنيٰ ته-
هن نوَ لک ڪمايا آهن. تن ڏينهن جو هڪ لک هن وقت جي
اَلائي ڪيترن billions جي برابر هوندو. گروجن اُنهن نوَن جهنڊن
ڏي نهارين ٿا. سندن اکين مان ڳوڙها ڳڙي ٿا اچن. گروجن چون
ٿا:- "ڪنهن ڪم؟" "پوءِ ڇا؟" هيڏا billions ڪمايائين، پر
پوءِ ڇا؟ مانک جمرات واسطي مليو ڇا؟ پوءِ ڇا؟ پوءِ گروجن جي هن تي
ديا ٿئي ٿي. هن کي سڏين ٿا. چوڻس ٿا:- "دنيچند! منهنجو
هڪ ڪم ڪندين؟" دنيچند چوي ٿو:- "سائين! مان حاضر
آهيان!" شاهوڪار سنتن پر هميشه ڊڄندا آهن. چوندا آهن مٿان
ته ڪو سنت موٽي، ڪاوڙجي پوي ۽ منهنجو سڄو ڌن ئي
ڌوڙ ٿي وڃي. دنيچند کي ڌن جو ڏاڍو خيال هوندو هو. مان
ڌنوان ٿيندو رهان. چوي ٿو:- "سائين! حاضر! جيڪو ڪم
چئو!" هن سمجهو ته گروجن مون کي چوندا ته ڪو گردوارو ٺهراءِ
يا کوهه کوٽاءِ يا ڪا ڌرمسالا ٺهراءِ. آهي ته اُنهين تي پيو ٺهرايان.
هيٺئر پاڻ گروجن ٿي ٻه مهرباني ٿيندي ته توهان جي ڪري
ٺهرايم. شاهوڪار ماڻهو ڏاڍو Shrewd ٿيندا آهن. اَسين سمجهندا
آهيون ته هو سمجهن ٿا: سڀ ڪجهه سمجهندا آهن، چڱيءَ
طرح سمجهندا آهن. گروجن چون ٿا ته "ڏاڍو ننڍڙو ڪم آهي.
جيڪر تون ڪرين!" دنيچند چوي ٿو:- "سائين! مان حاضر
آهيان، ننڍو هجي يا وڏو هجي: مان حاضر آهيان. جيئن توهين
چوندا تئين ڪندس." پوءِ گروجن کيس هڪ سُئي (Needle)
ڏين ٿا. چوڻس ٿا ته "هيءَ سُئي مان توکي هت ڏيان ٿو: سنڀالي
رکج: مون کي ورئي پرلوڪ ۾ موٽائي ڏج." دنيچند چوي ٿو:-

آهين ڪير؟
مٽيءَ جو پُتر!

”ڏٺو ڪير؟“ ”پوءِ ڇا؟“ بنگلو وڏو جوڙايو اٿيئي: پوءِ ڇا؟ ڪيترا وڏا ماڻهو، انهن کي بنگلي جـو ڏاڍو فخر ٿيندو آهي. هڪ ماڻهوءَ بابت ائين ٻڌايل آهي، يورپ جي هڪ ملڪ ۾ رهندو هو. چيائين بادشاه جو محلات آهي، تنهن کان بهتر مان پنهنجو گهر وڏو ۽ سٺو ٺهرائيندس. ڪٿان ڪٿان سنگمرمر گهرايائين. اٽليءَ مان سنگمرمر گهرايائين. ٻيون شيون به ٻين ديسن مان گهرايائين. چيائين، مان سڀني ۾ سٺي، اڇي ۾ اڇي جڳهه جوڙائيندس پنهنجي ملڪ ۾، جنهن جهڙي ٻي ڪا نه هجي. پوءِ روز ويندو هو جاچ ڪرڻ. بنگلو تيار ٿئي ٿو. Invitations موڪلي ٿو ته فلاڻي ڏينهن مهورت ٿيندو. ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو مهورت لاءِ اچن ٿا. جنهن ڏينهن مهورت ٿيڻو آهي، ان ڏينهن چوي ٿو ته هيٺ لهي ڏسان ته بندوبست برابر آهي يا نه. سندس گهر جي ڏاڪڻ سنگمرمر جي هئي. اتان لهي ٿو آ! سندس پير کسڪي وڃي ٿو. ڌڙن اچي هيٺ پوي ٿو. سندس Femer bone ڀڄي پوي ٿو. ٽن ڏينهن ۾ An tibiotics دوائون ڪونه هيون. هاسپيٽل ۾ کڻائي وڃن ٿا. اتي گذاري وڃي ٿو. بنگلو ٺهرايائين، پر بنگلي ۾ رهي ڪين سگهيو. پوءِ ڇا؟ پوءِ ڇا؟ ڪٿي رهيو بنگلي ۾ ته به پوءِ ڇا؟

”عجب بنگلو مليو توکي، وري پوءِ پيو تون ڇـو ڳولين؟
رهـــي ڏسان حسن وارو، اهـو ٿـي راز نٿو کـولين!“

هڪڙو ڇوڪرو هو، جنهن جو پيار وڃي هڪ ڇوڪريءَ سان لڳو. ڇوڪريءَ جو پيار به وڃي ڇوڪري سان لڳو. ڪيترا پيرا پيار mutual ٿيندو آهي. ڇوڪري چوي ٿي ”مان شادي ڪنديس ته هن سان“ ۽ ڇوڪرو چوي ته ”مان شادي ڪندس

"هاڻ خرچ ڪرڻ شروع ڪر هيل ٽائين تو ڪمايو آهي، هيترو اهو پئسو تون خرچ ڪر دڪين جي شيوا ۾ دکي. دردر، پسوُن پکي، وچ اُنهن جي شيوا ۾ خرچ ڪندو." "تنهه ڪم؟" "پوءِ ڇا؟"

زيور توهان ڏهرايا آهن. ۽ توهين سمجهو ٿا ته مٽيلا ۾ موڙنان ٻهتر زيور پائي ڪڏهن ڇا ڪين آهن. بيشڪ، منهنجي ڀيڻ! تنهنجا زيور سنا آهن. پر پوءِ ڇا؟ تنهه ڪم؟ زيور ته اڳيئي ڇڏي ويندين! سندر سرير آهي توکي؟ آرسيءَ جي سامهون وڃي تون چوين ٿي:- مان ڪهڙي نه سهڻي آهيان. مون جهڙي ڪا ٻوڙهي به سهڻي مٽيلا ۾ هوندي؟ اهڙيءَ طرح گهڻيئي ڀيمرون پاڻ کي ائين چونديون آهن. پوءِ ڇا؟

پيارو دادا (سادو واسوائي) ورني وري اسان کي چوندو هو:- "آهين تون اصل ۾ ڪير؟ مٽيءَ جو آ! ڍيرا!" ولايت ۾، پئرس شهر ۾ پياري دادا کي وٺي هليا نيپولين جي قبر تي. نيپولين وڏو بادشاهه هو، جنهن جي ناليءَ ٻڌڻ سان بادشاهتون اچي ڏڪنديون هيون. اچي ڪين دپ لڳندو هو. پياري دادا چيو:- "مان وڃي اتي قبر جي اڳيان بيٺس. مونکي روئڻ اچي ويو. مون چيو:- "نيپولين! ڇا تنهنجو دٻدٻو هو ۽ هيٺ تون اهو ساڳيو مٽيءَ جو ڍير ٿيو آهين! منهنجا پيارا! آهين تون اصل ۾ ڪير؟ توهين جي پاڻ کي آرسيءَ ۾ نهاريو، پاڻ کي اهو چئو. ائين نه چئو ته تو جهڙي ڪا سهڻي آهي؟ پر پاڻ کي ياد ڏياريو:- "آهين ڪير؟ مٽيءَ جو ڍير!" توکي ڇاجو ٻانور آهي؟ ڇاجو ايمان آهي! هيءَ توري چمڙي ڪٽي تنهنجي اڇي ٿي آهي. ٻئي جي ڪاري آهي. پر آخر ۾ ٻنهي جو ساڳيو مٽيءَ جو ڍير ٿيندو.

چيائينس:- "هيءَ ڪن اَئيڙي، اَپائي لکه مان ڏيان ته: مونکي تون ڏيندين؟" جواب ۾ ڇوڪري چيو:- "مان ڪونه ڏيندس." چيائين:- "بس، مونکي اِهو کپي." ويو ڇوڪريءَ جي پيءُ وٽ. اُن چيو:- "ڇو نه مان شادي ڪرايان، پر هن کي assets آهن ئي ڪونه." وڪيل چيو:- "هن کي assets آهن، مون پاڻ ڏٺو ته هن کي چار assets اهڙا آهن، جن لاءِ هن کي ١٥ لکن جي offer ملي، پر هن چيو، مان ڪونه ڏيندس. معنيٰ اُن کان وڌيڪ وٺندو، لڏهين ڏيندو ته گهٽ ۾ گهٽ اوترو ته اٿس." هن شاهوڪار ماڻهوءَ چيو ته ١٥ لکن جي ملڪيت اٿس ته مونکي وڌيڪ نه کپن. قبول آهي. هاڻ ڇوڪرو قبوليو!" ڇوڪريءَ کي ڇوڪرو مليو يا ڇوڪري کي ڇوڪري ملي. "پوءِ ڇا؟" "تنهن ڪم؟"

ڪراچيءَ ۾ هڪ ماڻهو هو، اهو به وڪيل هو، وڏو وڪيل. وڏو بنگلو پنهنجي لاءِ جوڙايائين. توهان مان جن ڪراچي ڏٺي هوندي، تن کي خبر هوندي. اُتي Burns Road وڏو رستو هوندو هو، جيڪو Burns Garden ڏي ويندو هو. اُن باغ ۾ ٻاڪ اهڙي نڪرندي هئي، جو سڄي سڌ ۾ يا پٺي کٽهن هيڊ نه ٿيندي هئي. "گلابي ٻاڪ" اُن کي ڪري ڪوٺيندا هئا. هن اُن وڏي رستي تي وڏو شاهي بنگلو ٺهرايو. چيائين ته هاڻ منهنجي اوستا وڏي ٿيندي وڃي ٿي. مان پنهنجا پڇاڙيءَ جا سال وڃي آسائش ۾ گذاريان. روز ايندو هو ان بنگلي جو درشن ڪرڻ. روز ايندو هو supervise ڪرڻ ته مان جئن چاهيان ٿو، تئن ٿاهين ٿا يا نه. Tiles اهي پون ٿيون يا نه، ڀت تي Painting اها ٿئي ٿي يا نه. هڪ هڪ ننڍڙي ڳالهه باريڪ نظر سان جاچيندو هو. بنگلو تيار ٿيو، هيءُ وڃي رهيو. هفتي کانپوءِ هن کي اچي ٽائفائڊ (Typhoid) ٿيو. تن ڏينهن ۾ Antibiotics

ته هن ڇوڪريءَ سان." ڇوڪرو سنڌي آکهه جو آهو، پر پڻس اَڇو وڇو آهي. اُن وقت سندن گهر لڙائي هو. ڌنڌي ۾ اِئين لڳي ٿو، ڪڏهن ماٺهوُ لڙائي رهي ٿو ته ڪڏهين چڙهمال رهي ٿو. تنهنڪري اِنهن ٻاهرين ڳالهين لي judge نه ڪريو، پر ڏسڻ کپي ته منجهس گڻ ڪهڙا آهن. اُن وقت هيءُ لڙائي هئا. ڇوڪريءَ جو پيءُ چوي:- "مان ٿو اِن ڇوڪريءَ سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪرايان، جيستائين مونکي خبر پوي ته هن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪي لک رپيا آهن."

هـي ٻئي، ڇوڪرو ۽ ڇوڪري، پنهنجي گهروُ وڪيل (Family Lawyer) وٽ ويا. وڪيل ڏاڍو هوشيار ٿيندا آهن. وڪيلن لي هڪوءِ ڪم رکو، ڪري ڏيندو. ڇوڪريءَ کيس چيو:- "وڪيل صاحب! منهنجي دل وڃي لڳي آهي هن ڇوڪري سان. مان شادي ڪندس ته اُن سان. هاڻ ڪئين به ڪري بابا کي مڃاءِ. تون وڪيل آهين: تون منهنجي پتا کي اَچي سمجهاءِ" وڪيل چيو:- "چڱو، تنهنجو ڪيس مان کڻان ٿو." پوءِ ڇوڪري کان پڇائين ته "توکي ڪي Assets آهن؟" ڇوڪري چيو:-"هڪ وقت اَسين ڪروڙپتي هئاسين، پر هن وقت اَسان جا سڀ لک رکي ٿي ويا آهن." وڪيل چيس ته "مان توکي ٻڌايان ٿو ته توکي اَهـا Assets آهـن." ڇـوڪـري چـيو:- "مـونـکـي آهن ٿي ڪونه." پوءِ وڪيل ٻڌايس ته ڪئين توکي آهن. چيائين:- "هيءَ اک، جيڪا توکي آهي، سمجهه ته مان توکي ٥ لک رپيا ڏيان: تون مونکي اک ڏيندين؟" تون چوندين:- "مان ڪونه ڏيندس." اک ڪير ڪڍي ڏيندو؟ ڪاڻو ڪير ٿيندو؟ ڇوڪري ٿي ڪونه نهاريندي مونکي. پنج لک مان وٺان، ڇوڪري مـان وڃائي ڇڏيان." وڪيل چيس:- "پنج لک مـان توکي ڏيان: مونکي ڏيندين؟" ڇوڪري چيو:- "مان ڪونه ڏيندس." وري

اِن واسطي مليو آهي ڇا؟ ته مان ساڙهيون پايان، بنگلن ۾ رهان، رمي راند ڪريان؟ ڀل ڪنديون رهو: مان نه ٿو روڪيان، پر پاڻ کان رڳو پڇنديون ڪريو، اِهو هڪ سوال:- "تنهن ڪري؟" مان نه ٿو چوان ڪلب ۾ نه وڃو يا رمي راند نه ڪريو. ساڙهيون نه پايو يا زيور نه پايو. پاڻ بهتر پايو، وڌيڪ پايو، پنهنجن گهوٽن کي چئو، توهان کي وڌيڪ زيور وٺي ڏين. اهائي توهان جي Saving ٿيندي. اها ٿي بچت ڪٿي ايندي: پر "تنهن ڪري؟" اِها Saving ڪيڏانهن ڪٿي ويندي؟ "نيٺ ڇا؟" "تنهن ڪري؟"

" What then? "

ولايت ۾ هڪ وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي:- ڊاڪٽر آلبرٽ شوائيٽزر. عجيب انسان هو. ڏاڍو هوشيار. عمر ۾ ننڍو هو، جڏهن ڪيس پرنسپال ڪري رکيائون. هن ڪي پستڪ لکيا آهن. اهڙا عجيب پستڪ، جن ڪري هن جو نالو سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو آهي. ٽي Doctorates ورتائين:-

(1) A Doctorate in Theology

(2) A Doctorate in Philosophy

(3) A Doctorate in Music

ميوزڪ play (music) ڪندو هو، دليون ڏوڏي ڇڏيندو هو. ٣٣ ورهين جو آهي. ڪيس اِهو ويچار آيو ته:- "پوءِ ڇا؟" "تنهن ڪري؟" پاڻ کان پڇيو ته:- "تو ٽي Doctorates ورتيون، ٽو پستڪ لکيا، توکي مان شان مليو، توکي وڏو عهدو آهي، توکي اڳيان وڏا عهدا ملندا. تون اڳيان Minister of Education ٿي سگهين ٿو: پر "پوءِ ڇا؟" "تنهن ڪري؟" "پوءِ ڇا؟" پوءِ چوي ٿو:- "اڄ ڏينهن مان پاڻ سان ارادو ڪريان ٿو ته هيل تائين ٣٣ سال مان پنهنجي واسطي رهيو آهيان. اڄ کان پوءِ مون کي جيڪا به زندگي پيارو پرڀو ڏيندو، سا مان پرڀوءَ جي چرنن ۾

دوائون ڪين هيون. تن ڏينهن ۾ Diaphoretia مڪسچر هوندو هو، اهو ئي ڏيندا هئا. ٿوري وقت ۾ هي گذاري ويو ٿو. پر هن جو موهه بنگلي سان هو. اهو موهه پڇاڙيءَ ۾ پاڪ سان ڪٽي ويو ٿو. پوءِ ڇا ٿا ڏسن؟ ان بنگلي ۾ ڏسن ته واچ هٿي رکي آهي، اتان کڄي وڃي ٿي هٿي رکجي. ڪي Invisible hands شيون پيا هڪ هنڌان کڻي ٻئي هنڌ رکن. رات جي وقت آواز پيا اچن. هن بياري ڀاءُ جي ڌرمپتني ڏاڍي ڀڳتياڻي هئي گروُ نانڪ ديو جن ۾ ڏاڍو وشواس هوندو هوس. گروُ گرنٿ صاحب ۽ گروُ نانڪ ديو جن ۾ هن جو عجيب عقيدو! هن ڀڳتياڻيءَ سمجهو ته منهنجو پتي هڪ ڀوت (a wanderig spirit) وڃي ٿيو آهي. پوءِ هن جيڪا جفاڪشي ڪئي، گروُ گرنٿ صاحب جا اکنڊ پاٺ رکايائين. هڪ پورو ٿئي، ٻيو شروع ٿئي. ٻيو پورو ٿئي، ٽيون شروع ٿئي. ٽيون پورو ٿئي، چوٿون. بس، پاٺي سڄو وقت پيئي هلي ۽ ان سان گڏ براهمڻن ۽ غريبن ڏکين کي کارائڻ. پوءِ ٿورن ئي ڏينهن ۾ چيائين ته منهنجي پتيءَ جو روح ان مان آزاد ٿيو. وه اهي عجيب ۽ غريب ڳالهيون جيڪي گهر ۾ ٿيئي ٿيون، سي بعد ٽيون بنگلو ته جوڙايون ٿا، ڀوت وڃي ٿا ٿيون. فائدو ڪهڙو؟ ”تنهن کري؟“ “What then?”

منهنجون ڀينرون، توهين ساڙهي پائي وڃي ٻيهو آرسيءَ اڳيان: ان وقت پڇجو پاڻ کان :- ”تنهن کري؟“ ”پوءِ ڇا؟“ تو ساڙهي ته پاتي: توکي ڌنيواد؟ توکي شاباس! سڀ تنهنجي ساراهه ڪنديون، سڀ توکي appreciate ڪنديون. اڄ Club ۾ جڏهن رمي راند وڃي ڪندين، سڀ ٻيون تو ڏي نهارينديون. ٻيون چونديون :- ”ڇا ته ساڙهي پاتي اٿس.“ پر پوءِ پڇجو پاڻ کان :- ”تنهن کري؟“ ”پوءِ ڇا؟“ اهڙيون ساڙهيون ته هزارين بائي هلنديون هلن! پوءِ ڇا؟ پوءِ ڇا؟ موٽڪي هيءُ مانک جنم

آهي. مان کھڙي ڀاونا سان آپريشن ڪريان ٿو." پوءِ ته وقت اچي ٿو، جڏهن هن کي Great Living Man ڪري ڇوندا هئا.

هن ڪيترائي پستڪ لکيا آهن، جن ۾ هڪ ڳالهه جو ذڪر ڪري ٿو ته هيءَ Civilisation ٻڌندي، جڏهن اسان جي دلين ۾ جانورن لاءِ، پکين لاءِ، پسن لاءِ شرڌا (reverence) ايندي. هن جي سچي اپراڌيءَ ۾ ڪنهن به جانور کي يا ڪنهن به پکيءَ کي نه ماريندا هئا. هي ٻاڪ وچي انهن کي ڪارائيندو هو. سندن شيوا ڪندو هو. هن چيو ته اِنسان فقط اهو ڪين آهي جو آيو، اسريو، شادي ڪيائين، ٻار ڄڻيائين ۽ گذاري ويو. جيون جو انت اهو ڪونهي. "تنهن ڪم؟" "پوءِ ڇا؟"

[مهيلا: ٨٣-٤-١٢]

جيون جو گيت

اِنسان ڇا آهي؟
اِڪ ياتري! اِڪ مسافر!
پنهنجي مسافري پوري ڪري هليو هلي ٿو. پوءِ ڪيڏي ويو
پٽ، ڪيڏي ويئي ڌيءَ؟ ڪيڏي ويا ڀائر، پيءُ، ماءُ ۽ ڀيڻ؟
اِن ڪري نه وسار ته آهين اڪيلو! آيا اڪيلا:
جائيندا اڪيلا: پهه لـو هڪ ٻيج ڪـا ميلا!
اِن ڪري نه ڪنهن سان موهه رک. اي يار مسافر! پنهنجي
جيون جو گيت ڳائيندو هل! اِڪ اِڪ کي آسيس ڏيندو هل!

اُن ڪندس دکي دنيا جي سيوا ۾.“ پوءِ پاڻ کان پڇي ٿو:- ”دکي دنيا جي سيوا مان ڪئين ڪريان؟“ کيس خبر پئي ٿي ته آفريڪا ۾ ويچارا Negroes پيا مرن، ڇو ته اُنهن کي ڊاڪٽرن جي مدد نه ٿي ملي، ڪو آپريشن ڪرڻ وارو اُتي ڪونهي، ڪو اُنهن کي دوا ڏيڻ وارو ڪونهي. هن کي پريرڻا اَچي ٿي ته ڇون جيڪر اهو ڪم ڪريان. هي جو هڪ مشهور ڪاليج جو پرنسپال هو، جنهن کي سڀ عزت ڏيندا هئا، هي پرنسپل پاڻ وڃي ٿو ميڊيڪل ڪاليج ۾. شاگرد ٿي وڃي اينچ ڪرسيءَ تي ويهي ٿو. پنهنجي نوڪري ڇڏي وڃي اُتي ويهي ٿو. ست سال لڳنس ٿا. ٤٠ ورهين جي عمر ۾ اِها ڇوٽين Doctorate in Medicine وٺي ٿو. پنهنجي مٽن، پنهنجي مائٽن سڀني کان موڪلائي آفريڪا ۾ اَچي ٿو. اُتي جي گرمي اهڙي ٿيندي آهي، جو هتي جي گرمي ته سمجهو اُتي جو سيارو آهي. اُن گرميءَ ۾ وڃي ڪم ڪري ٿو. اُنهن جي سيوا ڪري ٿو. اُتي جا ماڻهو جاهل. هن جي سيوا جي اُنهن کي پروڙ به نه ٿي پوي، جو appreciate ڪن. هو ماڻهو اهڙا هوندا هئا، جو هڪ ماڻهوءَ کي هرنيا (Hernia) جي تڪليف اَچي ٿي. هن اُن کي پاڻ وٽ رهائي اُن جو آپريشن ڪيو ۽ اُن کي چڱو ڀلو ڪيو. فــي وغيره ڪجهه ڪين ورتائينس. ويچاريءَ جي ڏيهن هي Negro اَچيس ٿو؛ چويس ٿو ته ”مونکي پئسا ڏي.“ هي چويس ٿو:- ”ڇا جا پئسا؟“ چيائينس:- ”تــو منهنجو ماس جو ڪپيو، اُن ماس جا مونکي پئسا ڏي.“ هاڻي اهڙن جاهلن سان هن کي ڪم ڪرڻو پيو. هي چوي ٿو:- ”هي اهڙا هوندا هئا جيڪڏهن منهنجو آپريشن ٿورو هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃي ۽ ماڻهو مري وڃي ته چون ها تو هن کي ماريو. هاڻي اَسين توکي ماريندا سين.“ چيائين، اِن ڪري پهرين پرارٿنا ڪري پوءِ آپريشن ڪندو هوس. چوندو هوس:- ”پريو! توکي سڀ خبر

نہ ڪوڙ ڳالهائڻ ڏاڍو سولو آهي.“ وري ڪڏهن اهو وقت ايندو، جڏهن هڪ هڪ پارسي چوندو:- ”مان سچ کان پري نہ رهندس مهنجي جان ڀل وڃي، پر مان سچ کان پري نہ رهندس.“ هيترو ٿورو ئي فائدو مليو ٿو، ڪوڙ ڳالهائي ٿا چڙهون. فائدو نہ بہ ملي، پر اهڙو هوري وڃا آهيون، جو ڪوڙ ڳالهائي ٿا چڙهون.

هڪ ستهرڪہ کان پڇائون تہ ”تنهنجي ههڙي اوستا ڪيئن ٿي؟ تنهنجي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪيئن ٿي؟“ چوي ٿو:- ”مهنجي شروعات ٿي، جڏهن مون ڪوڙ ڳالهايو.“ پڇائونس:- ڪوڙ سان ڪيئن نئين زندگيءَ جي شروعات ٿي؟“ چيائين:- ”مون ڪوڙ ڳالهايو، مهنجي ماتا کي خبر ملي ٿي. مان هڪ ئي پٽ ماتا جو هوس. مونکي ماتا پنهنجي گود ۾ وهاري چوي ٿي:- ”پٽ! توکي خبر آهي، مان توکي ڪيڏو پيار ڪريان ٿي؟“ مون چيومانس:- ”ها، امي! مونکي خبر آهي، تون مونکي ڪيڏو پيار ڪرين ٿي. ڇا ڪين آهي، جو تون جيڪر مونکي نہ ڏين. مونکي خبر آهي، تون مونکي ڪيڏو پيار ڪرين ٿي.“ چيائيمس:- ”پٽ! ايڏي پيار ڪندي بہ، مان توکي چوڻ چاهيان ٿي تہ مان خوش ٿينديس، تون مري وڃين، تنهن کان جو تون ڪوڙ ڳالهائين.“ چيائين:- ”اهي اکر تير وانگر مهنجي اندر ۾ گهڙي ويا. ان ڏينهن کانوٺي مون چيو تہ ڇا بہ ٿئي پوي، مان ڪوڙ ڪين ڳالهائيندس.“

گهڻيون ماتائون آهن، جيڪي پنهنجن ٻارن کي ائين جيڪر سکيا ڏين؟ چون:- ”ٻالڪ! اسين خوش ٿيون، تون مري وڃين، تنهن کان جو تون ڪوڙ ڳالهائين!“ ڪوڙ ڳالهائڻ آهي تہ سچ پچ موت. روح جو موت آهي. سچو ڌرم آهي ”ستيہ.“ ”ستياس ناستي پرو ڌرم.“ رشي چوي ٿو:- ”ستيہ کان مٿي ٻيو ڪو ڌرم ڪين آهہ. گهڻا اسڪول آهن، جتي اها سکيا ڏني وڃي

ديا ڌرم ڪا مُول هَئه !

دادا :- اَڄ جو وِچار :-

" ديا ڌرم ڪا مُول هئه، نرڪ مُول اَڀمان :
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لڳ گهٽ مه پران!"

" ديا ڌرم ڪا مُول هئه!" ڀارت جي سپنا، سنتن، سڌارڪن جي سکيا، رشين مهارشين جي ساکي چوندا آهن هنن چئن اکرن ۾ آهي. اهي چار اکر جي اسان پڪڙيا ته اسانکي ڀارت جي سپنا جي پرکارت اچي ويندي: اهي چار اکر ڪهڙا آهن: " سٿيم وڌ! ڌرم چر!" "سٿيم وڌ" معني هميشه سچ ڳالهايو. ڀارت جي ڀڳن ڪانوني اها ساکي ٿي پئي رهي آهي. اڳي ته ايترو به چوندا هئا:- " جيڪڏهن ڀارتواسيءَ ڪجهه چيو ته بس، اهو سچ هوندو، وڌيڪ اسانکي پڪ جي ضرورت ئي ڪونهي." ايڏو ڀارتواسين جو شان هوندو هو. ڇو جو اسانجي Culture جو سچ تي ڏاڍو زور آهي " سٿيم وڌ! ڌرم چر!" هميشه سچ ڳالهاءِ ۽ ڌرم سان تون پيار ڪر! ائين ڪندين ته تنهنجي هميشه جئه آهي. لوکي پوءِ ڀلي ڪنهن به ڳالهه جي پرواه ڪونهي.

" سٿيم وڌ!" پر ائي مان سمجهان ٿو، اسان جي ٽيچرس ۽ اسانجي ماڻٽن، انهن ٻنهي جو ڏاڍو سهڪار کپي. اڄڪلهه اسانجي حالت ڪهڙي آهي؟ ننڍي وڏي ڳالهه تي ڪوڙ ڳالهائي ٿا ڇڏيون. فائدو نه به ٿئي، ته به ڪوڙ ڳالهائي ٿا ڇڏيون. هڪ ڪان پڇيم:- " تون ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين؟" چيائين:- "چاڪاڻ

جو ڀاڪ ڪرڻ، روز پوڄا ڪرڻ. " ڪن چيو ته "ڌرم جـــي ڳجهارت آهي ڄميا جي زندگي رهڻ. ههڙين اندرين کي اسين ضابطي ۾ رکون، پنهنجي من کي ايڪاگر ڪرڻ جـــي ڪوشش ڪريون." ڪن وري چيو ته "ڌرم ان ۾ آهي ته روز گهٽ ۾ گهٽ شام جو ستسنگ ويون." اهي سڀ ڳالهيون ضروري آهن ۽ سٺيون آهن. ورت، نيم ۽ ڏانيا سڀ آهن ۽ ضروري آهـــن. ٻي ڳالهه: شاستر ٻاٺ ڪرڻ ۽ ضروري آهي. انڪي چوندا آهن "سوادياءِ." روز شاسترن مان ڪجهه نه ڪجهه پڙهون. ۽ پڙهون سمجهه سان، ائين نه جيئن اسين پڙهون ٿا. تانگهه لاهڻي آهي. جڻ ته اسان تي ڪو قرض چڙهيل آهي، اهو لاهي هاڻي پيئون، ڪٿي آزاد ٿيون. نه، پڙهون ان ڀاڱي ۾ ته ڪجهه پرايون. سمجهه سان پڙهون. تپسيا ۽ ضروري آهـي. ستسنگ ۾ وڃڻ ضروري آهي. "ڪيتريون ڳالهيون"، انهن ودوانن چيو، "ان ۾ آهي ڌرم جي ڳجهارت." پياري دادا چيو:- ٽي ڏينهن گنگا نديءَ جي ڪنڌي تي اها ڪانفرس هلي. نيٺ پڇاڙيءَ ۾ هـن ڳالهه تي فيصلو ڪيائون:- "ديـا ڌرم ڪا مول هئه!" چيائون:- "ڌرم آهه ديا: ٻيو ڪجهه ڪين آهه!" جيڪڏهن توهانجي دل ۾ ديا آهي ته توهين ڌرم جي زندگي رهو ٿا، تـوهين ڌرم سان پيٺ ڪريو ٿا، تـوهانڪي ورت نيم آهـــن، توهين ستسنگ ۾ روز اچـو ٿـا.

هيءَ ڪن سالن جي ڳالهه آهي. هڪ ٻالڪي موتوت آئي. چيائين:- "منهنجي سس روز ٿي تنهنجي ستسنگ ۾ اچي. پوءِ گهر موٽي ٿي ته گار هيٺ گار مٿي، جو نه مون پوري ڏيٺي ليٺي نه آندي آهي." ان ڏينهن ۾ سسن جو زمانو هو. هيئر مـــان سمجهان ٿو ڪي سـوُن اهڙيون، اچي پنهنجي نهن لاءِ چونديون ته "منهنجي نهن اچـي ٿـــي تنهنجي ستسنگ ۾ ۽ مون سان

ٿي :- ”ٻالڪو! توهين سچ ڳالهايو!“ مونکي تہ جڏهن جڏهن پيري وجهہ ملندو آهي تہ مان ٻارن کي چوندو آهيان:- ٻارو! جي ڪُوڙ ڳالهايو تہ پڇتاءُ ڪيو. ٽيچر کي اچي ٻڌايو تہ اَسان اَڄ پيرا ڪُوڙ ڳالهايو. اَڄ پڇتاءُ ڪيو. ٻہ پڇتاءُ نہ ڪيو، وڃُو اچي ٻڌايو تہ چيتنا (awareness) ايندي، سجاڳي، جاڳرتا (awakening) ايندي.

ڀارت جي سڀيتا آهي اِن ۾:- ”ستيم وَد، ڌرمم چر!“ ڌرم سان هلندا ڪر. ڌرم ڇا آهي؟ ڌرم جي ڳجهارت ڪهڙي آهي؟ ڌرم سان اَسين هلندا ڪيئن ڪريون؟ پياري دادا (ساڌُو واسوائيءَ) هڪ ڪان وڌيڪ پيرا اِن ڳالهہ جو ذڪر ڪيو:- ”گنگا نديءَ جي ڪنڌ تي وڏو سميلن لڳو. ڀارت جا سنت، رشي، فيلسُوف، ودوان، پنڊت اَچي اِن سميلن ۾ گڏ ٿيا. اِن سميلن ۾ سوال اُٿيو تہ ڌرم جي ڳجهارت ڇا آهي؟

What is the secret of Dharma ? I think the word dharma cannot be translated correctly as religion. It is something more than religion.

اِنڪري مان وري بہ ڌرم اکر ٿو ڪتب آڻيان. اَنگريزيءَ ۾ سميلن ۾ اِهو سوال اُٿيو تہ ڌرم جي ڳجهارت ڇا آهي؟ ڌرم نيت آهي ڇا؟ جدا جدا جواب آيا. ڪيتريون ٺهرايون ٿيون، ڪيترا ليکچر ٿيا. ڪن اَچي چيو:- ”ڌرم آهي ورت ۽ نيم پالڻ ڪرڻ ۾، discipline ۾. ”يم“ ۽ ”نيم“: ”يم“ آهي اُهي ڳالهيون، جيڪي اَسانکي نہ ڪرڻيون آهن. ”نيم“ آهي نيم پالڻ ڪرڻ. اُنهن چيو تہ ڌرم جي ڳجهارت آهي ورت رکڻ، نيم پالڻ ڪرڻ، پوري وقت تي اُٿڻ، پُوري وقت تي سانت ۾ وهڻ، پُوريءَ طرح سنان ڪرڻ، پُوريءَ طرح ويهي پرڀُوءَ کي پڪارڻ- ورت ۽ نيم. ڪن وري چيو تہ ”ڌرم جي ڳجهارت آهي شاسترن

ڪڏهن اچي ماريو، ڪڏهن اچي اُن کي ڪُٺو. جان کي جڏهن خبر پيئي، چيائين، مان پاڻ سان پڻ ڪريان ٿو، جيستائين مون وير نه پاتو آهي، جيستائين مون اِن ماڻهوءَ کي نه ماريو آهي، تيستائين مان سک ڪونه سمهندس. ڪيترو وقت گذري ويو، ڪي سال گذري ويا. هن وساريو ڪين. هڪ ڏينهن پاڻ سان ڪيترائي هٿيار ٻڌي سولجر ولي پيو اچي. سامهون ڏسي ٿو، اهو ماڻهو پيو اچي، جنهن هن جي پيءُ کي ماريو هو ۽ اُن کي ڪو هٿيار ڪونه هو. يڪدم تاڙي وڄايائين. چيائين:- ” منهنجو ڏينهن اچي ويو.“ گهوڙي تي پٺي آيو. چيائينس:- ” گهوڙي تان يڪدم لهه، مان هينئر توکي خون ڪندس.“ چوڻ، اهو ڏينهن هو Good Friday جو، جنهن ڏينهن شري ايشا کي سوليءَ تي چاڙهيو هئائون. هي ويچارو ماڻهو unarmed، ڪيس ڪو هٿيار ڪونه هو. سامهون هيترا هٿيار ٻڌل ماڻهوءَ. تهاري ڇا چيائين؟ ايشا جنهن Cross تي هوندو آهي، تنهن پاڻهون ڪولي چيائين:- ” ايشا جي صدقي مونکي جيئدان ڏي.“ جان اِهي اکر ٻڌا: اَلائي ڪيئن هن جي دل اندر گهڙي ويا. يڪدم چيائينس:-

“ I do not only give the gift of your life but I also give you a promise of my friendship. Pray to God that He may forgive my sins .”

ائين چوائي، ڏسو، ڪيڏي نه دَيا! ۽ هي جان چوي ٿو:- ” اُن ڏينهن کانپوءِ منهنجي جيون ۾ اِڪ نرالو آنند آيو! مان هونئن پيو جلندو هوس، پيو ٻرندو هوس.“ اسين پاڻ پنهنجا دشمن آهيون، جڏهن ڪنهن جي به واسطي وير ورود دل جي اندر رکون ٿا. هينئڪي چوي ٿو:- ” مان نه فقط توکي تنهنجي زندگيءَ جي بخشش ڏيان ٿو، پر مان توکي پنهنجي مترتا جو انجام ڏيان ٿو. تون رڳو هڪڙو ڪم مون واسطي ڪر. پرڀوءَ

ڪهڙي حالت ۾ هلي؟" هيڊُر جو قصو ٻڌائجي ويو آهي. ته ڌرم ان ۾ ڪونهي ته مان ستسنگ ۾ اچان، ٻوءِ ٻين کي وڃي تڪليف ڏيان، يا ستسنگ ۾ اچان ۽ بس ڪسي وڃي تڪليف ڏيان. نه، ڌرم آهي "ديا." "ديا ڌرم ڪا مُول هئ!" ڌرم جو مُول آهي ديا.

"ستيم وڌ: ڌرمم چر!" معنيٰ سچ مان ڳالهايان ۽ ڌرم سان ٻڌ ڪريان: يعني دل جي اندر ديا رکان. اهي ٻه ڳالهيون جي اسين سمجهون، جي انهن ٻن ڳالهين جي ٻڌڻجي جيون ۾ ساکي ڏيڻ جي اسين ڪوشش ڪريون ته ٻيو اسانکي ڏايو پيار ڪندو.

ٻه ڳالهيون ضرور ڪريون. هڪ سنسڪرت جي تصوير آهي، جنهن ۾ ٻڌهي هٿن جون ٻه آڱريون جهلي بيٺو آهي. پياري دادا جي هڪ آڱر آهي. هن سنسڪرت جون ٻه آڱريون. ٻوءِ مون کان پڇائون ته "ٻه آڱريون ڇا جي لاءِ آهن؟" مون چيو:- "مان سمجهان ٿو ته ٻه آڱريون ان لاءِ آهن. هميشه سچ ڳالهايو. ۽ ٻه وساريو ته سڀن جو سچ آهي ديا، آهي پيار، آهي ڪرُڻا، آهي ٻين کي مدد ڪرڻ."

"ديا ڌرم ڪا مُول هئ!"

جتي ديا ڪونهي، اتي ڌرم ڪونهي. ڪيترا ٻه، اسانوٽ شاستر پاٺ پيا ٿين، ماڻهو ورت پيا رکن، مٺا ٽِڪ پيا ڪن، ناريل پيا چاڙهن، لوڪ ٻري ٻري تيرٿ آستانن تي ٻيا وڃن، مالهائون پيا ڦيرن. ڪيترا ماڻهو آهن، جي مالهائون ڦيري ڦيري سندن آڱريون گسي ويئون آهن. ٻر جي دل ۾ ديا ڪونهي ته ڌرم ڪان ٻري. نا قبول! ناقبول! ٻيو چوي ٿو:- "توهين مونکي قبول ڪونه آهيو. توهانجون مالهائون مونکي قبول ڪونهن."

هيءَ ڪن صدين جي ڳالهه آهي. ٻه پاڻ امير هئا، وڏي ڪٽنب جا هئا. جان بالبوڌ ۽ سندس ڀاءُ هيوگو. ٻوءِ هيوگو کي

”جب لڳ گهٽ مهڻ ٻران !“

ٻچاڙيءَ جي ٻران سان هي سمت اِهو پيغام ڏئي ويو. ڇوڪر ڏاڍو سڀُلو آهي. ٻه مان توهان مان ڪنهن کي دکي ڏسان، مان آڇي اَنڪي چوان:- ”پيٽ! مان ڪجهه تنهنجي شيوا ڪري سگهان ٿو؟ اَڄ ملوُل پيئي لڳين. منهنجا ٻاغ! تون دکي ۾ پيو ڏسڻ ۾ اَچين، مان تنهنجي واسطي ڪجهه ڪري سگهان ٿو؟“ اِهو آهه ڌرم.

”ديا ڌرم ڪا موُل هئه، نرڪ موُل اَيمان!“

جارج واشنگٽن جو نالو توهان ٻڌو آهي؟ هـي ڪير هو؟ هڪڙي ماڻهوءَ کان پڇائون:- ”جارج واشنگٽن ڪير هو؟“ چيائين:- ”گهوڙي جو مالڪ هو.“ هوُ هميشه گهوڙي تي چڙهيل هوندو آهي. جارج واشنگٽن آميريڪا جو، جي مان چوُڪ نٿو ڪريان ته، پهريون پريزيڊنٽ هو. هيءُ ۽ هڪ ٻيو، جنهنجو نالو هو پيٽر ملر، ٻئي هم ڪلاسي هئا. هڪ وقت گڏ پڙهندا هئا. گهرا مِتر هئا. پوءِ جارج واشنگٽن وڃي پريزيڊنٽ ٿيو ۽ پيٽر ملر پريوءَ جو اِڪ خادم، پريوءَ جو نوڪر ٿيو. پيٽر ملر جنهن شهر ۾ ڪم ڪندو هو، اُتي هڪ ٻيو ماڻهو هوندو هو مائيڪل وٽمن. اهو پيٽر ملر جو اَصل جاني دشمن هوندو هو. اِئين هميشه ٿيندو آهي، جي ڪوئي چڱو ڪم ڪندو آهي ته پوءِ ڪي نه ڪي شڪتيون نڪرنديون آهن، جيڪي هن کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. ڪيترا آهن جي اِهو سهي نه سگهندا آهن. تنهن هوندي به ڪي ماڻهو پريوءَ جو ڪم ڪن ٿا. اُنهن مان هڪ هو مائيڪل وٽمن. هوُ روز روز ڪا نه ڪا تڪليف پيٽر ملر کي پهچائيندو هو. ويهه سال مائيڪل وٽمن اِئين ڪيو. پيٽر ملر کي ويهه سال تڪليف ڏنائين. نيٺ مائيڪل وٽمن کي پڪڙيائون. چيائون ته هي ديش دروهي آهي. تن ڏينهن ۾ پعدي جارج واشنگٽن

کي ٻارڻدا ڪر ته منهنجو ٻاپ، منهنجو گناھ، تنهن جي مونکي معافي ڏي! مان هيترا سال دل جي اندر تنهنجي واسطي وير رکي ويٺو آهيان. اهو وڏو گناھ جيڪر مونکي معاف ڪري!"

" ديا ڌرم ڪا موُل هئ، !"

اهو آهه ڌرم. ڌرم اهو ڪونهي ته مان ڪڏهن ٻي گناھ ماڻهوءَ کي وڃي ماريان، پوءِ چوان ته مون ڌرم جي نالي ۾ ڪيو. نـــہ! "ديا ڌرم ڪا موُل هئ،!" ان پيغام جي ڏاڍي ضرورت آهي. نه فقط ڀارت کي، پر سڀني ملڪن کي:-

" ديا ڌرم ڪا موُل هئ، نرڪ موُل اڀمان:
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مه پران!"

سنت تلسي چوي ٿو:- " جيستائين گهٽ ۾ پـران آهئي، تيستائين ديا نه ڇڏجانءِ!" هڪ وڏو فيلسوف ٿي ويو آهي. فرائڊرڪ وائن ٻوگل، وڏو فيلسوف به هو ۽ سنت به هو. اڪثر ڪري فيلسوف سنت نه ٿيندا آهن. هي فيلسوف به هو، تنهن سان گڏ سنت به هو. پڇاڙيءَ جو پران اڃي پهتو. سندس پائڻي سندس پوسان سندس سيوا ۾ هئي. ڏٺائين ته هنجا چپ پيا چرن. هي ڪجھ whisper پيو ڪري. پوءِ وڃي هنجي چپن تي ڪن رکي ٿي. چوي ٿي:- " مان ٻڌان ٿي هي اکر." پڇاڙيءَ جا اکـر هن سنت، وڏي فيلسوف، جنهنکي دنيا جـــي وڏن فيلسوفن مان هڪ ڪري ليکيندا آهن، تنهن سان گڏ هي سنت هو: پڇاڙيءَ جا اکر هئا:-

" Caring is everything. There is nothing like caring ! "

يعني " ٻئي جو ويچار ڪرڻ، ٻئي جي سنڀال ڪرڻ، ٻئي جي سيوا ڪرڻ، ٻئي کي سکي ڪرڻ، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ آهه ڪين."

معافي ڪونه ڏيانس ها. " پيٽر ملر ٻڌايس ته " ويهه سال مون سان ڇا ڇا ڪيو اٿس." چيائين:- " جي تون دشمن لاءِ وڃين ته معافي پڙهيو ٿيو تنهنجي معرفت ٻولي، تون نٿو ٻولين. اُن Divine Order اڳيان مان سر جهڪايان ٿو." معافي ملي ويس.

There was a man, who lived a life of religion.

" دَيا ڌرم ڪا مُول هئي، نرڪ مُول اَڀمان:
تلسي دَيا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مهه پران!"

هڪ ٻيٽو:- پوءِ مائيڪل ونمن مٿو ٿي ويس؟

دادا:- اها خبر لکيل ڪونهي، ضرور ٿيو هوندس.

مهاتما گانڌيءَ کي ۱۹۰۸ع ۾ هڪ اچي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. مهاتما گانڌي ڏري ٿان کو بچي ويو. پوءِ گانڌيءَ کي چيائون ته " هنکي اسين پڪڙيون ۽ ڪورٽ ۾ مٿس ڪيس ڪريون." مهاتما گانڌيءَ چيو:- " هن ماڻهوءَ اهو ڪم ڪيو آهي، ڇو ته هنکي خبر ڪونهي ته هن ڇا ڪيو آهي. مان ويندس هن کي پيار ڏيندو، وتڪ پيار ڏيندو. پاڻيهي هنجي دل ۾ ڦيرو ايندو." هڪ سال ڪانپوءِ ان ماڻهوءَ مهاتما گانڌيءَ ٻاهت چيو:- " مونکي خبر ڪين هئي، مون ڇا ٿي ڪيو؟" جيڪي اکر مهاتما گانڌيءَ چيا:- He does not know what he was doing. اهي ساڳيا اکر اچي چيائين.

پيار جي طاقت ايڏي آهي! دَيا جي طاقت ايڏي آهي!

" دَيا ڌرم ڪا مُول هئي، نرڪ مُول اَڀمان:
تلسي دَيا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مهه پران!"

هڪڙو پتا هو، تنهنکي چار پٽ هئا. ملڪيت گهٽائي هئس. چيائين، هاڻ وقت اچي پهتو آهي. پنج حصا ملڪيت جا ڪيائين. هڪ هڪ حصو هڪ هڪ پٽ کي ڏنائين. چيائين، باقي پنجون حصو مون واسطي آهي. ٻر اهو گذاري وڃڻ ڪانپوءِ

جي ڏينهن ۾ لڙائون لڳيون هيون ته آمريڪا جا ماڻهو آزاد ٿين. هن کي پڪڙي چيائون ته هي دشمن دروهي آهي ۽ هن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏنائون. اُن ڦاسيءَ جي سزا کان بچڻ لاءِ معافي فقط هڪ ڄڻو ڏيئي سگهيو ٿي، سو هو پريزيڊنٽ.

پيٽر ملر کي خبر پيئي ته هي ماڻهو جنهن ويهه سال مونکي تڪليف ڏني. هڪ ڀيرو نه، ٻه ڀيرا نه، پر ويهه سال، اهڙو هڪ به ڏينهن نه، جنهن ڏينهن هن مونکي تڪليف نه ڏني هجي. پيٽر ملر کي خبر پيئي ته مائيڪل وٽمن کي ڦاسيءَ جي سزا مليل آهي. پيٽر ملر کي اُن وقت نه گهوڙو هو، نه گاڏي هئي. جارج واشنگٽن جي آفيس ٧٠ ميل پري هئي. پيٽر ملر چيو، مان هڪ مدت به اُجايو نه وڃائيندس. پيٽر ملر ٧٠ ميل پنڌ ڪري جارج واشنگٽن وٽ اَچي ٿو. واشنگٽن کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. چوڻ لڳو:- "پيٽر! پيٽر! تون ڀلي آئين! هيترا سال تو مونکي درشن نه ڏنو آهي. مان تنهنجي واسطي ڇا ڪري سگهان ٿو؟" پيٽر ملر چوڻ لڳو:- "جارج! هڪ ڳالهه ڪري سگهين ٿو." هي پاڻ ۾ ائين ڳالهائيندا هئا، ڇو ته پاڻ ۾ دوست هئا. هاڻ ڪري جارج واشنگٽن پريزيڊنٽ ٿيو هو. چيائينس:- "جارج! هڪ ڳالهه ڪري سگهين ٿو. جيڪو به توکي مون واسطي پيار آهي يا جيڪا به توري گهڻي عزت توکي مون واسطي آهي، اُنجي صدقي مائيڪل وٽمن کي معافي ڏي!" جارج واشنگٽن چيس:- "مائيڪل وٽمن کي معافي ڪيئن ڏيندس؟ هن جيڪو ڪم ڪيو آهي، سو ته اهڙو کوٽو ڪم ڪيو اٿس، جو ڪو به اُن کي معافي ڪونه ڏيئي سگهندو. پيٽر! مونکي معاف ڪج، مان تنهنجي مِتر کي معافي نٿو ڏيئي سگهان." پيٽر چيس:- "مِتر! هي ته ويهن سالن کانوٺي منهنجو جاني دشمن ٿي رهيو آهي." جارج واشنگٽن تنهن تي چيو:- "پوءِ ته ڳالهه ٿي ٻي ٿي وئي. تنهنجو مِتر هجي ها تـــه مان

پر مون هيءَ حالت ڏٺي. مون ڪڙن وغيره جو وپار ڪين ڪيو. مان ٿوري پيسن پاڻيءَ ۾ پاڻيءَ ۾ ٿوري وڃي ان ٻار کي بچائي آيس. منهنجو ڪو مانت ڪونه هو. نڪو ڪو ڪنهن شاهوڪار جو ٻار هو، جو مون کي انعام ملي، ان وپار ڪان مون ائين ڪيو هجي. مون ٻئي ڪنهن به وپار ڪان ڪونه ڪيو آهي." سچ پچ ته وپار هوس ته بابا مون کي انعام ۾ منهنجو حصو ڏيندو. اها ڳالهه ڪونه ٻاسيائين. وڌيڪ چيائين :- "بابا! جي اوهين سمجهندا هجو ته منهنجو شيءِ ڪم آهي ته اهو حصو ملڪيت جو مونکي ڏيو." پتا چيس :- "پٽ! هي شيءِ ڪم ڇٽبو؟ ماڻهو مري ۽ تنهن کي ڪو مدد نه ڪري، اهو ته ڇٽبو جانور. تو رڳو پاڻ کي جانور ليکي ڪان بچايو آهي. تون ته انسان به آيا ڪين ٿيو آهين. مان رڳو ايترو چئي سگهندس ته تون جانور ڪونه هئين. اتان جانور لنگهي ها، ڏسي ها ٻار وڃي پاڻيءَ ۾ پيو آهي، تڏهن به ڪونه ڏئي ها. هيل تائين مان چوندس ته تون جانور ڪين آهين. انسان نه بڻيو. تنهن کان به وڌيڪ مٿي تون وڃ."

هي موٽي ويو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٿيون جٺو آيو. چيائين :- "بابا! مون وٽ هڪ ماڻهو آيو. وڏو واپاري، شاهوڪار. مون وٽ وڏي ڏراوت ڪن لکن جي رکي ويو. آئندرهس مونکي ڏئي ويو. ڏورانهين ملڪ ٿي ويو. مونکي چيائين ته مان پاڻيهي توکان گهرائي وٺندس يا توکان اچي وٺندس. مهنا گذري ويا، سال گذري ويا. ڏراوت تي وپاج پيو چڙهي، پيو چڙهي. وپاج تي وپاج پيو چڙهي. هو وٺي ئي نه. پوءِ مونکي جيڪا آئندرهس ڏني هئائين، اتان مون پيا ڪٿي ته خبر ملي ته هي واپاري پاڻ پنهنجي ملڪ پهچي ان کان اڳ واٽ تي گذاري ويو. مونکي پڌايائون ته فلاڻي مهني ۾ هي ته گذاري ويو." پتا کي وڌيڪ

مان ڪڏهن جي ٿاليءَ ۾ ڪندس؟ اهو مدار رکي ٿو تو تي، توهان ڇڏي مان شيءِ ۾ ڪم ڪير ٿو ڪري؟ ڇڏي پڻ ڇيو ته اسين ڪجهه نه ڪجهه ڪريون. متان اسان کي ملي وڃي! متان الٽي لڳي وڃي. پنجون حصو ته چڱي ملڪيت هئي.

هڪڙو پٽ آيو. چيائين:- ”بابا! مونکي جيڪا توهان ملڪيت ڏني، اُن مان ڏهون حصو مون جدا ڪري رکيو آهي. اُن ڏهين حصي مان مون ڌرمسالائون ٺهرايون آهن، مندر ٺهرايا اٿم، ۽ هڪ فنڊ (Trust) جاري ڪيو اٿم، جنهن مان ودوانن کي، اناٿن کي مهيني سر مهيني مدد ملندي آهي. جيڪڏهن توهين اهو ڪم شيءِ ڪري سمجهندا هجو ته، ڀل پنهنجو حصو مونکي ڏيو، نه ته مان انهن ئي راضي آهيان. توهان اڳ ۾ ئي مونکي گهڻو ئي ڏيئي ڇڏيو آهي.“ پتا چيس:- ”پٽ! اهو شيءِ ڪم ڪري ڪيئن ليکبو؟ ڏهون حصو ته اسان تي قاعدو مڙهيل آهي، ته جيڪي اسان کي ملي، اُن جو ڏهون حصو دان ۾ ڏيون. تو ته رڳو پنهنجو فرض پالن ڪيو آهي. تو شيءِ ڪيئن ڪيو آهي؟ شيءِ ڪم تڏهن ٿئي ها، جڏهن سڄي ملڪيت ڏيئي ڇڏين ها. پوءِ مان چوان ها، برابر تو شيءِ ڪم ڪيو.“ چيائين:- ”بابا! مان سڄي ملڪيت ڏيئي ڇڏيان ان اميد ۾ ته مون کي اوهان وٽان ملڪيت جو حصو ملندو، مان اهو ڪم نه ڪندس.“ پتا چيس ته، ”توکي لائق ڪونهي اُن حصي ملڻ جي.“

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٻيو پٽ آيو. چيائين:- ”بابا! هڪ غريب مائي آهي، جنهن ويٺي نديءَ جي ڪنڌ تي ڪپڙا ڌوتا. ننڍڙو ٻار هوس. اهو ڪپ تي رکي پاڻ وڃي ٻري پٿر تي ڪپڙا ڌوئڻ لڳي. اوچتو ڪا ڇول آئي، جنهن ٻار کي لوڙهي ويئي ۽ ٻار کي مرڻ ۾ دير ڪونه لڳي ها. مون اهو ڏٺو. جيتوڻيڪ مون کي ڏاڍا اڇا ڪپڙا پيل هئا، مان ويس ٿي ڪٿهن Dinner Party تي.

کي هٿيار ڪونہ هو. مون چيو، هينئر مون کي وجھہ آهي، مان هن کي خلاص ڪري ڇڏيان: مان جيڪر ڇٽي پوان. سڄو وقت ڪيڏي نہ چنتا مونکي رهي ٿي." (ڪڏهن ڪو خط وغيره اچي ٿو تہ "خبردار رهہ، تنهنجي حياتي اسين وٺنداسين." ماڻهو ڏکي ٿو وڃي. سڄو وقت گهر ۾ اندر ويٺو آهي: ويچارو ڇا ڪري؟) مون چيو اِنڪان مان هينئر ڇٽان. هنکي ماري اِتي ئي خلاص ڪري ڇڏيان. پر مون چيو، نہ."

"ديا ڌرم ڪا مُول هئہ، نرڪ مُول اَيمان:
تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لڳ گهٽ مهہ پران!"

چيائين:- "مون وڃي انکي ڀاڪر پاتو ۽ چيومانس:- "منهنجا پيارا! هن وقت مان توکي ماري سگهان ٿو، پر ماريندس ڪين. تون منهنجو آهين: توکي جيئن وڻي، تيئن ڪر، مان توکي نہ ماريندس." پتا کي چيائين:- اَلائي اِهو ڪم مون سٺو ڪيو يا نہ ڪيو." پتا پنهنجي گديلي تان لهي آيو. چيائين:- "پٽ! تون منهنجو آهين! هينئر ئي ڪٽي اَچ دستاويز تہ مان وصيعت نامو (Will) ناهيان ۽ پنهنجي ملڪيت تنهنجي نالي ۾ ڪريان."

هڪ ڀاڳ:- مان گهر ۾ چوٿون نمبر آهيان.

دادا:- پر هي چوٿون نمبر ڪين هو. چوٿون آهو پهري ئي پاڻ هن کان اڳ آيا پنهنجو شيء ڪم ٻڌائڻ. نمبر اَلائي ڪهڙو هو پهريون هو، ٻيو هو، ٽيون هو يا چوٿون هو. پر چوٿون هو، جو پٺيءَ وقت آيو ٻڌائڻ تہ مون هي شيء ڪم ڪيو آهي. شايد پهريون هجي.

"ديا ڌرم ڪا مُول هئہ، نرڪ مُول اَيمان!"

اَيمان آهي نرڪ جو مُول. جو ماڻهو اَيمان ۾ آهي، سو وڃي نرڪ ۾ پيو آهي.

"تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لڳ گهٽ مهہ پران!"

چيائين:- ”مون دل ۾ چيو ته هيءَ ملڪيت نه منهنجي ڪونهي، هيءَ هن واپاريءَ جي آهي: مان وڃي اُن جي ٻارن کي ڏيان. هن جي ٻارن کي خبر به ڪانه هئي ته ڪو بابا هيتري ملڪيت، هيتري دولت رکي ويو آهي. هنن کي ذري به دولت ڪانه هئي: مون اها سموري ملڪيت، اُن تي وياج، اُن تي وياج، جيڪو به ٿيو هو، اهو پائي پائيءَ جو حساب ڪري کڻي وڃي هٿ جوڙي انهن کي ڏنا ته توهان جو پتا هي ڇڏي ويو. مون کي هيتري خبر پيئي ته گذاري ويو آهي. هيءَ ملڪيت توهان جي آهي، توهين وٺو. بابا! جيڪڏهن توهين سمجهندا هجو ته اهو ٺيڪ ڪم آهي ته، توهين منهنجو حصو مونکي ڏيو!“ پتا چيس ته ”پٽ! اهو ٺيڪ ڪم ڪيئن ٿو ڪري ليکين؟ جي تون اهو ڪم نه ڪرين ها ته چون ها، هي دغاباز آهي. هن امانت ۾ خيانت ڪئي آهي، هن ۾ وشواس نه رکي سگهبو. ٻي ڳالهه ته پيسا هنن کي مونئي ڏنا، توکي خبر آهي ان ڏينهن کان وٺي منهنجو ڪيڏو نه ناماچار ٿيو هوندو. چوندا هوندا ته سڄي ملڪ ۾ جي ايماندار ماڻهو آهي ته هي. سو تو وٽ ڪيترائي اڇي دولت رکندا هوندا. تون وري انهن تي وياج ڪمائيندو هوندين. تون ٿورئي وياج منهنجي گهران تو ڏين. تون وري وڃي ٿو وياج وٺين، جهڙي گهرج ۾ آهن. تون وياج ڏين ٿو ڇهه ٽڪا، ته تون وياج وٺين ٿو ٢ ٽڪا، ١٥ ٽڪا، ٢٠ ٽڪا. ان ۾ تو ڪو ٺيڪ ڪم نه ڪيو ٿي ڪونه.“

نيٺ ڇوٽون پٽ گهڻي وقت کان پوءِ آيو. چيائين:- ”بابا! هڪ ماڻهو جنهن مون کي ڏاڍي تڪليف ڏني ۽ الائي ڪيترا ڀيرا ڪوشش ڪيائين ته مون کي مارائي. جدا جدا موقعن تي، جدا جدا نمونن ۾، هن ڪوشش ڪئي آهي ته منهنجي حياتي وٺي. مونکي هڪ ڏينهن گڏجي ويو. مون کي هٿيار هو، هن

هڪڙو ماڻهو هوندو هو، ويندو هو ڏيندو. ڪوبه ايندو هوس
ڳهوڄ ۾، هن جو سياءُ ئي اهو هوندو هو، چوندو هوس:- ”ڪٽي
وڃ! ڪٽي وڃ!“ پوءِ سندس زال ڏاڍو غصو ڪندي هئي.
نيٺ زال اها ته هن ڪاوڙجي، جو چيائينس ته ”جي تون ڏيندين
ته مان وڃي پيڪن ۾ رهندسانءِ.“ چيائينس:- ”مونتي مهرباني
ڪر: پيڪن ۾ نه وڃي رهه. مان انجام ڪريان ٿو، ته مان ڇا
ڪريان؟ اوڏي مهل مونکان وڃي ٿو وڃي. ته هيئر مان پنهنجي
ايمان پٽ تي وڏو ٻورو هٽي ٿو چڙيان ته 'جيڪڏهن مان ڪاٿ
شيءِ ڏيندس ته منهنجي زال وڃي پيڪن ۾ رهندي.'“ پٽ
تي ٻورو هٽي چڙيائين. پيو نهاريندو هو. ڇو ته هڪ ڏينهن زال
وهنجي اشنان ڪرڻ، ان وقت ڪو ڳهوڄائو هن وٽ آيو. ڳهوڄائو
جو هن وٽ آيو ته هنجي دل ۾ ڪڏهن ئي ته. مان هنکي ڪجهه
ڏيان. ٻورو ڏي نهاري ته لڳو پيو آهي ته جيڪڏهن تون ڪجهه
ڏيندين ته زال تنهنجي پيڪن ۾ ويندءِ. ويچارو ڇا ڪري؟
چيائين:- ”پيارا! مونکي ڏيڻو ڪجهه ڪونهي. مان ڏيئي نٿو
سگهان. منهنجا هٿ ٻڌل آهن. ته مان توکي اندروني خبر ڏيان
ٿو. منهنجي زال ويندي آهي اشنان تي. ساڻهون هوءَ ميز آهي،
انجي خاني ۾ پنهنجا مٺيا مندبون وجهي ويندي آهي. هاڻ
وڃي تس جي ڪجهه هجي ته تنهنجي قسمت کلندي. ته مان
نٿو ڏيئي سگهان. مان ڏيندس ته منهنجي زال پيڪي ويندي
هلي.“ ماڻهوءَ خانو کوليو ته عيوضي جي منڊي نڪري آئي.
هي ماڻهو عيوض جي منڊي کڻي پڇڻ لڳو. زال ڪجهه وقت
ڪانپوءِ اشنان ڪري نڪتي. خانو کوليائين ته منڊي نهي ئي
ڪانه. واڪو ڪيائين:- ”اڙي! منهنجي منڊي ڪيڏانهن وئي؟
مان هيئر اتي هٿ رکي وئس. منهنجي پنجنهن هزارن جي
منڊي ڪير کڻي ويو؟“ هن ماڻهوءَ (گهوٽ) جو ٻڌو پڇنهه

جنهن کي ايمان نٿو ٿئي، سو پاڻ کي بهتر سمجهي ٿي نٿو.
هڪ سنت هو. اُن سنت وٽ هڪ آشرم جا ماڻهو آيا، جن ۾ ٻيا ٻه ڪيترا ماڻهو رهندا هئا. تن مان هڪ ماڻهوءَ ڀوري هلت ڪونه ڪئي هئي. ڪي گهٽ وڌ ڪم ڪيا هئائين. چيائون ته وڏن جي ڪائونسل وهي. ويهي فيصلو ڪن ته هن کي ڪهڙي سزا ڏني وڃي. پر چيائون سنت حاضر ضرور هجي. اسان جي Judgement ورڻ ۾ چوڪ ڪري سگهي ٿي. سنت هوندو ته اسان کي درست ڪندو. سنت وٽ ويا. چيائونس ته سڀاڻي هن وقت تي ڪائونسل ٿيندي ۽ توهين ڪرپا ڪري اچجو. توهان کانسواءِ اسين فيصلو نه ڪنداسين. ٻئي ڏينهن اُنوقت تي سنت آيو، خبر اٿوَ، ڪيئن آيو؟ پٺيءَ تي، ميوي جون ٽوڪريون ٿينديون آهن، جنهن ۾ ميوو ايندو آهي،- ڪانئين جون ٺهيل،- اُها ميوي جي ٽوڪري پٺيءَ تي ٻڌي اُن ۾ ريتي وجهي کڻي آيو. ريتي ڏاڍي ڳوري ٿيندي آهي. اُن ڀار ڪري سندس پٺي مڙي ويئي هئي. جئن رستي تان پئي آيو، ان ٽوڪريءَ مان ريتي پئي وهي. هنن جڏهن ڏٺو، چيائونس:- ”سائين! هن جو مطلب ڇا آهي؟“ سنت چيو:- ”بابا! منهنجا گناهه، جئن هن ٽوڪريءَ مان ريتي پيئي وهي، تئن منهنجي پٺيان پيا وهن ۽ مان اڄ آيو آهيان ٻين جا گناهه واچڻ.“ اهي اکر هنن سڻي ٻڌا. چيائون:- ”سائين! اسان توبه ڪئي!“ هن آشرم واري ماڻهوءَ کي معافي ڏنائون. هي ماڻهو اچي هن سنت جي چرنن ۾ ڪري پيو. چيائينس:- ”سنت سڄا! مون کي نوجيون جو دان ڏي. مونکي نئون ڪر!“ فقط هڪ ڳالهه (single act) ڦيرو آڻي ڇڏيو. اِنڪري ڪڏهن ٻه ديا نه ڇڏجو.

”ديا ڌرم ڪا مول هئه، نرڪ مول ايمان:
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مهه پران!“

ماٺيءَ tiffin basket جو ٻڌ کڻي، ٻگهه ٻڌل هئس، اها لاهي، اُن وسيلي ڪوُه مان پاڻي ڀري هُن جي اڳيان رکيو. اهي ڪٽرا، اها ڪٽي ڏسو ها، ڪيئن نه پاڻي ڀيٽائون. هڪ ٻڌ tiffin basket جو خلاص ٿيو، ٻيو ڀريائين. ٻيو خلاص ٿيو، ٽيون ڀر ڀائين. ٽيون خلاص ٿيو، چوٿون ڀريائين. چوٿون خلاص ٿيو. ايڏي ڪا اُڃ هُن کي هئي. نيٺ جڏهن هوُ پاڻي پي ڍاپيا، ٻوءِ چيائين هاڻ هي خالي tiffin basket پاڻ سان کڻي وڃان، فائدو ڪهڙو ٿيندو؟ اُنهن ٽڙن ۾ پاڻي رکي هليو ته جي وري هُن کي اُڃ لڳي ته پاڻي پي سگهن. چوي ٿو:- ”اُن وقت هُن ڪتيءَ ۾ هُن ڪتڙن مون ڏٺ نهاريو. هُن جي نهار ۾ اَلائي ڇا هو! ٿورو ٿي ٻڌ ڪيم ته مونکي ساکياتڪار آتما جو درشن مليو.“ هي پيارو چوي ٿو ته ”هن حياتيءَ ۾ مون ٻيو ڪجهه ڪين ڪيو اهو ٿي ڪم مون ڪيو. مون وٽي هُن جيون جي ٿوري سار لڌي. ۽ مونتي ايڏي ڪا ٻوڀوءَ جي ڪرپا ٿي، جو مونکي درشن مليو. اُن ڏينهن کان وٺي مان اِن درشن ۾ رهانٺو.

”ديا ڌرم ڪا مُوُل هئه، نرڪ مُوُل اَيمان:
ملسي ديا نه ڇوڙ ٿئي، جب لگ گهٽ مهه پران!

جيڪڏهن توهان مان ڪن کي ديا اَچي وڃي ته مونکي خوشي ٿيندي. اِن ڪاڏي کان، هنسا جي ڪاڏي کان پري رهو! ڏسو، ٿوري سوال جي ڪري اَسين ڪيڏي نه هنسا ڪريون ٿا. ويچارن ڳڪدامن کي دوڙ ونا کهايون. دوڙ ويچارا ڪسجن پيا. اَڄ اَلائي ڪيترين ٻڪريون، رڍون ڪٽيون هونداٿون. اَڄوڪو ڏينهن (عيد) سڀ ڏينهن مدهجا ويچار اُنهن ڏي ويا آهن. ٿل توهان مان ڪن جي دل اَندر ديا جو ڀاوَ اَچي!

هڪ ڀيڻ:- دادا، آسيس ڪريو ته ڪراهت اچي.

دادا:- ڪراهت ته اَچي، پر اُنڪان ته مٿي جهڪر

هزار: پڪار هنجي پٺيان ڊوڙيو. ڊوڙي ڊوڙي وڃي هن ماڻهوءَ کي پڪڙيائين ۽ چيائينس:- ”پيارا! هيڏو سونُ کڻيو پيئي ۽ اها مٽي پنجيهن هزارن جي آهي. ايئن نه ٺڳي، سون کڻهن کي پنجن ڏهن هزارن ۾ مٽي ڏيئي ڇڏين. پنجيهن هزارن جي آهي: ياد ڪجانءِ.“ اهڙي قسم جا ماڻهو اَي ويا آهن.


”ديا ڌرم ڪا مول هي، نرڪ مول اڀمان:
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مهه پران!“

هڪ ماڻهو ويو ٿي مسافريءَ تي. ان ڏينهن ۾ ريلون، بسون، موٽرون وغيره ڪونه هيون. ويچارا پنڌ ڪندا هئا. پوءِ ٻن ڏينهن جي مسافري هوندي هئي، ٽن ڏينهن جي مسافري هوندي هئي، پاڻ سان منيون لوليون يا مٺا پڪوان اهي ٺاهي کڻي ويندا هئا. اهي پڪوان هميشه ڪڙڪ رهندا آهن. سنڌ ۾ هوندا هئا سيئن، پڪوان ٺاهيا هئا، هميشه ڪڙڪ هوندا هئا. اُتي مينهن وغيره ڪونه پوندا هئا، جو ڇپا ٿي وڃن. لوليون هميشه تازيون رهنديون هيون. هي ماڻهو پنهنجو tiffin basket پاڻ سان کڻي هلندو هلندو. رستي تي ڏٺائين ته، هڪ ڪتڙيءَ ٻارن کي جنم ڏنو هو. ننڍڙا ننڍڙا ڇهه ست ڪتڙا سندس چوگرد هئا. نزديڪ هڪ کوهه هو. ڏٺائين ته هيءَ ڪتڙي وري وري وڃي کوهه ڏي پيئي نهاري ۽ وري موٽي پيئي اچي. کوهه ۾ پاڻي هيٺ هو. ويچاري ڪتي ڪيئن پيئي؟ وري وري اُت وڃي نهاري پيئي موٽي اچي. ڏاڍي ڪا اُڃايل هئي. هن ماڻهوءَ اهو ڏٺو. چيائين، جي ڪتڙي اُڃايل آهي ته هوءَ ننڍڙا ڪتڙا ڪيڏو نه اُڃايل هوندا. ۽ جي ڪتڙي اُڃايل آهي معنيٰ بکايل به ڏاڍي هوندي. سو ڇا ڪيائين؟ پنهنجو tiffin basket کولي، اهي لوليون ۽ پڪوان پوري ويو انهن کي کارائيندو، توهين ڏسو ها، ڪيئن ڪتڙا ويا کائيندا. وڃن کائيندا، وڃن کائيندا. جڏهن کائي اُٿيا، پوءِ اُن

ٽوهين ڇڙهو. ڇڱو اَسين اِن آدرش جي ساکي ڏيندا سين. ڪرامت ٿا ئين ڇو ٽرسو؟ ڇڱو، اَسين اَن آدرش جـــي ساکي ڏيندا سين اَسين ستسنگ ۾ اَچون ٿا. اَسانکي ورڻي ورڻي ويچار ٿئي ٿــو پياري پربُوءَ جو اَچي پهتا آهيون اَلائي ڪهڙي وقت سڏ ٿئي؟ شل اَن آدرش جي ساکي ڏيون، جنهن آدرش ڏنارن اَسانکي پربُوءَ ٿورو ڪجهه قبول ڪري! اُنهن نه چوي ته "نا قبول!"

[پونا : ١٦-٨-١٩٨٦]

Printed by Haresh G. Dodeja Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth, Pune 2. Phone: 434494
Published by Sital G. Menghani C/o Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Road, Pune 411001. Phone: 662310



نُور اِلاهي

نشو نيڻهن وارو ڏٺم تنهنجي اکڙين !
خماري خدائي ڏٺم تنهنجي اکڙين !
ڏٺم جوت نياري مٺا تنهنجي اکڙين !
سچ سونهن وارو ڏٺم تنهنجي اکڙين !

ڏٺم نياز ۽ بندگي تنهنجي اکڙين !
سدا پيار چلڪي مڌجهان تنهنجي اکڙين !
ڪشش اڪ نياري ڏٺم تنهنجي اکڙين !
ڇڪيو آهي جڳ کي مٺا تنهنجي اکڙين !

نهاري نهاريم اندر تنهنجي اکڙين !
اندر ڪو نه اسرار آهي تنهنجي اکڙين !
ڏٺي نُور اِلاهي جشن تنهنجي اکڙين !
ڏسي خود خدا تو مڌجهان تنهنجي اکڙين !